ABC
CERTIFIED

# مهراڻ

نمبر 4/2012ع



سنڌي ادبي بورڊ



# هيءَ جا لات "لطيف" جي

**پِري پِٽَ تي آئِيو، سارَنگَ سُهڄَ مَنجهان،**
**ڪِڙيون ڪَتَڪَٺارَ جِئَن، وِڄون اُترَ واءَ،**
**سَرَها سَبِزا ٿِيا، ڏامَڻَ ڊِبَ ڪِيا،**
**پَهري پِٽَنِئان، پَرِيائين ڪَنَ ڪراڙ جا.**

(سُرسارنگ)

***

مان جڏهن به شاهه جو سُرسارنگ پڙهندو آهيان مون کي ڪاليداس جو طويل نظم ميگهه دوت ياد ايندو آهي، جيڪو پڻ بادل ۽ بارش جي باري ۾ آهي ۽ مان سمجهان ٿو ته ميگهه دوت ان موضوع تي لکيل دنيا جو طويل ترين نظم آهي، پر شاهه جو سُر سارنگ ان کان به طويل آهي. ميگهه دوت جا سَوَ کان وڌيڪ بند آهن جڏهن ته سُرسارنگ جا 267 بيت ۽ وايون آهن. ڪاليداس لاءِ چيو ويندو آهي ته هن نظم جي ننڍڙي ڪينواس تي ڪيترائي وڻندڙ چٽ (Images) ۽ لفظي تصويرون (Word Pictures) چٽيون آهن، جن کي ڏسي ايئن ٿو لڳي جڻ ان ننڍي ڪينواس تي ڪلچر جي مڪمل تصوير اُڪرجي وئي آهي. ڪاليداس جي نظم جي باري ۾ اهو رايو ڪيتريقدر صحيح آهي تنهن لاءِ ڪجهه چئي نٿو سگهجي. ڇاڪاڻ جو ڪاليداس اٽڪل ويهه صديون اڳ جي ڪلچر جي تصوير چٽي آهي، پر شاهه جي سُرسارنگ لاءِ چئي سگهجي ٿو ته شاهه جو سُرسارنگ سنڌ جي ثقافت، جاگرافيائي، ماڳن ۽ مقامن، شهرن، وسندين ۽ موسمن جي بدلجندڙ صورتحال ۾ انساني زندگيءَ جي مڪمل احساساتي تصوير آهي.

**_ آغا سليم**

(ڪتاب "لات جا لطيف جي" تان ورتل)

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

# سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
# دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين

## سيد "اظهر" گيلاني



# برسات جو نظارو

اَئين ٿا وسائن ڪڪر وڏڦڙو،
جئين ڪنهن جبل تان وهي آبشار.

اَئين پٽ تان پاڻهي وهي ٿو هلي، جيئن ٿو وڪڙ ڪائي واسينگ مار.
اَئين آڻي جاين ۾ پاڻي هوا، جيئن ٿو ڦهارو لڳي زوردار.
اَئين نچندا ٽپندا ٿا بادل اچن، جيئن ٿي ڪو فرفر جي گهوڙي تي سوار.
اَئين ابر جو ڪاروان آ روان، جيئن جوڙي ڪونجون هلن ٿيون قطار.
اَئين شور پاڻي جي بيتاب ڪيو، جيئن ڇين ڇٽ ٿو ڪري هجرِ يار.
اَئين ٿا ڪڪر سُر سان گجگوڙ ڪن، جيئن ڪو گويو ٿو ڳائي ملهار.
اَئين ٿا لڳن ورق گل تي ڦڙا، جيئن هٿ حنائي ۾ موتين جو هار.
اَئين ٿو ڪڍي مينهن ماڻهن جا پير، جيئن ٿا ڪرن ترڪي ترڪڻ تان ٻار.
اَئين ٿي ڪنوڻ گاهي گاهي کلي، جيئن بعضي مشڪي ڪوئي گلعذار.
اَئين چنڊ جهڙ مان وجهي واجهه ٿو، جيئن پائي جهاتيون ڪا زهره نگار.
اَئين جهڙ جو سايہ بہ مهمان ٿئي، جيئن جنگ جي عمر ناپائدار.
اَئين جهڙ جي ڊپ جو ڏجي ٿو مثال، جيئن ماءُ ملئيلي جي مُڪ ۽ مار.
اَئين اندلٺ رنگ سيڙهايا سڀ، جيئن بلب روشن ڪجن رنگدار.
اَئين ڪروفر سان ٿا وهنجن پکي، جيئن غسلِ صحت ڪري تاجدار.
اَئين ٿا نظر کي لڳن کيت خوش، جيئن دل کي فرحت ڏي فصلِ بهار.
اَئين کيت جي دل کي پاڻي مليو، جيئن سِپ ۾ موتي رهن آبدار.
اَئين مينهن تي چهرهٔ گل کليو، جيئن نٽ ۽ سينگار ڪن گلعذار.
اَئين هر حسين ٿو گهمي باغ ۾، جيئن ٿا نچن مور مستانہ وار.
اَئين پاڻي مکڙين کي پاڪر صبا، جيئن ٻار کي ٿي ڪري ماءُ پيار.
اَئين لائي 'پي پي' پپيهي پڪار، جيئن هجر ۾ عاشق؛ حالِ زار.
اَئين نکهتِ گل ٿي معنيٰ رکي، جيئن حسن وارن جا قول و قرار.
اَئين هر طرف ڪان ٿي خوشبوءِ اچي، جيئن ٿي وئي جڻ فضا مشڪبار.
اَئين نظم هي آهہ 'اظهر' لکيو، جيئن ڏاڳي ريشم ۾ هيرن جو هار.

ABC CERTIFIED

ٽماهي

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 62 | آڪٽوبر- ڊسمبر 2012ع | نمبر 4

سرپرست

**مخدوم جميل الزمان**

وزير بين الصوبائي تعاون، سنڌ

چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ

نگران

**الهڏتو وگهيو**

سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

ايڊيٽر (انچارج)

**ثمينہ ميمڻ**

**سنڌي ادبي بورڊ**

چام شورو، سنڌ

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**ڪٿي آهي ’شمشير‘ جو چنگ چوري،**
**زمانو تہ ٻلجي ويو چارڻ جون ڳالهيون!**



## شمشير الحيدري

(سنڌي ٻوليءَ جو ٻلوڙ شاعر ۽ اديب)

جنم: 15 سيپٽمبر 1931ع

وفات: 11 آگسٽ 2012ع

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# سوچ -لوچ

## سنڌ جي شمشير جو وڇوڙو



سنڌ جو ناميارو اديب، شاعر ۽ صحافي محترم شمشير الحيدري 21 رمضان المبارڪ بمطابق 11- آگسٽ 2012ع جمعي جي ڏينهن صبح جو 6:00 وڳي ڪراچيءَ ۾ گذاري ويو. اِنا لله وَاِنا عِليه راجعون.

محترم شمشير الحيدري جون ادبي خدمتون جيتريون ڳڻائجن اوتريون گهٽ آهن.

هو هن دور جو هڪ وڏو نقاد، محقق، شاعر، ڊراما نويس ۽ هڪ عظيم ۽ ڏاهو انسان هئو. هو هڪ خوددار شخص هڏ ڏوڪي ۽ حساس طبيعت جو مالڪ ۽ ائين چئجي ته درويش صفت انسان ۽ محبتي ماڻهو هئو ته وڌاءُ نه ٿيندو.

محترم شمشير الحيدريءَ جون سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ ڪيل خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون. محترم شمشيرالحيدري ادب سان گڏ سنڌي صحافت ۾ پڻ يادگار خدمتون سرانجام ڏنيون، ڪيترين سنڌي اخبارن ۽ رسالن جو بطور ايڊيٽر ٿي رهيو. شمشير الحيدري هڪ يگانه ۽ بي داغ انسان هئو. هن خودداريءَ سان زندگي گذاري. هن ادب کي ڪڏهن به روزيءَ يا پنهنجي ترقيءَ لاءِ ڏاڪڻ طور استعمال نه ڪيو ۽ اهوئي سبب آهي جو هر ٿهيءَ ۾ ڪيس تمام گهڻو مانُ ۽ عزت حاصل هئي. محترم شمشير الحيدري سموري زندگي، ادب ۽ ٻوليءَ جي ترقي ۽ معاشري جي جاڳرتا ۾ گذاري. هن هر حال ۽ هر حالت ۾ ادبي پورهئي جو سفر جاري و ساري رکيو. محترم شمشير الحيدري انهن اديبن مان هئو، جو هو جتي به رهيو انهن ادارن کي ناهڻ ۽ سنوارڻ ۾ جُنبيل رهيو. ”موليٰ تي ننگ آ“ سندس تڪيو ڪلام رهيو ۽ هو ڪڏهن به حالتن جو محتاج نه رهيو ۽ نه ئي عهدا ۽ ڪرسيون هن کي ادبي پورهئي کان روڪي سگهيون. محترم حيدري سندس شعر ”هڪڙو شمشير هئو زماني ۾“ کو شڪ نه آهي ته ان مثل ئي رهيو ۽ پنهنجي صاف ۽ بي داغ ڪردار جي ڪري ادب ۽ صحافت ۾ مقام ماڻيو. شمشير الحيدريءَ جي ادبي ۽ صحافتي زندگي اسان جي معاشري لاءِ هڪ وڏي وٿ رهي. سندس شاعري، اخبارن ۾ لکيل ايڊيٽوريل سماج جي رهبري ۽ وڪالت ڪن ٿا. اسان سمجهون ٿا ته محترم شمشيرالحيدريءَ جو وڇوڙو نه صرف سندس خاندان لاءِ هڪ وڏو نقصان آهي، پر سندس وڇوڙو سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ پڻ هڪ نه پرجندڙ خال پيدا ڪري ويو آهي.

محترم شمشير الحيدري پنهنجي لکڻين، خدمتن، ڪچهرين، گفتن، شعرن ۽ ڪيل تقريرن جي گونجن ۾ هميشه ياد رهندو. سنڌ، سنڌ جا اديب ۽ سنڌ جي هر ٿهي جڏهن جڏهن شمشيرالحيدري جي تخليق کي پڙهندي ته کيس ياد رکندي. محترم شمشير الحيدريءَ زندگيءَ جو گهڻو عرصو سنڌي ادبي بورڊ سان، ٽماهي مهراڻ رسالي جي بطور اسسٽنٽ ايڊيٽر، چيف ايڊيٽر ۽

پوءِ ويجهي ماضيءَ ۾ سيڪريٽري طور خدمتون سرانجام ڏنيون. سنڌي ادبي بورڊ جو بورڊ آف گورنرس ۽ سمورو عملو محترم شمشير الحيدريءَ جي وفات تي ڏکويل ۽ مرحوم جي خاندان سان ڏک ۾ برابر جو شريڪ آهي.

**تعليم اسان جي اوليت هجڻ گهرجي**

دنيا جي مختلف سماجن جي ترقيءَ جا ڪي نہ ڪي پڪا ۽ پُختا بنياد ٿين ٿا. انهن بنيادن ۾ سمورن سماجن ۾ تعليم کي اوليت حاصل رهي آهي. اهي معاشرا جن تعليم کي پنهنجي اوليت ۾ شمار ڪيو آهي. اهي تعليم تي توجهہ ڏيڻ ۽ حاصل ڪيل ترقيءَ سبب دنيا ۾ ترقي يافتہ قومن ۾ شمار ٿين ٿا ۽ ايڪيهين صديءَ جي درپيش مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ ڪاميابيون حاصل ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. ظاهر آهي تہ تعليم جا موقعا مهيا ڪرڻ حڪومتن جو فرض آهي ۽ انهن موقعن مان فائدو حاصل ڪرڻ عوام جي ذميواري آهي. اسان جي معاشري ۾ حڪومت پنهنجي موجوده وسيلن مان جيترو بہ عوام جي ڀلائيءَ لاءِ تعليم تي خرچ ڪيو آهي يا خرچ ڪري رهي آهي ان مان لاڀ عوام کي حاصل ڪرڻو آهي. جيڪڏهن عوام انهن مهيا ڪيل وسيلن مان هڙ حاصل نٿو ڪري تہ پوءِ ان جو نقصان بہ عوام کي ئي رسي ٿو. اسان صرف هتي سنڌ صوبي جي ئي ڳالهہ ڪريون. حڪومت پاران ڪوشش سان هڪ طرف غير فعال اسڪولن کي فعال ڪيو ويو آهي تہ ٻئي طرف اسڪول ويندڙ ٻارڙن خاص طور نياڻين لاءِ تعليم جون سهوليتون ۽ موقعا ميسر ڪيا آهن. انهن مهيا ڪيل وسيلن مان ۽ موقعن مان ظاهر آهي تہ عوام کي ئي فائدو حاصل ڪرڻو آهي، پر اهو ڏٺو ويو آهي تہ ڪيترن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ هن جديد دور ۾ بہ ٻارڙن خاص طور نياڻين کي تعليم حاصل ڪرڻ کان وانجهيو رکيو پيو وڃي. ان ۾ والدين، استاد توڙي ماحول کي ٻيا بہ سبب ٿي سگهن ٿا، پر والدين کي گهرجي تہ اهي پنهنجي ٻارڙن خاص طور نياڻين کي تعليم ڏيارين، انهن کي اسڪول موڪلين تہ جيئن تعليم جهڙي زيور سان سندن نياڻيون آراستہ ٿين. گڏوگڏ والدين کي گهرجي تہ اهي اسڪولن ۾ وڃن، استادن کان پنهنجي اولاد بابت معلومات حاصل ڪن تہ آيا اهي تعليم ۾ دلچسپي وٺن ٿا يا نہ. ان طرح هڪ تہ والدين جو اسڪولن سان تعلق جُڙيل رهندو ٻئي طرف انهن کي اولاد جي تعليم بابت آگاهي حاصل ٿيندي رهندي.

ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اسان جي معاشري کي تعليم کي اوليت ڏيڻ گهرجي ۽ پنهنجي مشغولين وارن معاملن کي ٻئي درجي تي رکڻ گهرجي. اولاد خاص طور نياڻيون پڙهيل هونديون تہ معاشري ۾ صحتمند تبديلي اچي سگهي ٿي.

**پڙهندڙن کي گذارش**

سنڌي ادبي بورڊ پاران محترم شمشيرالحيدري جي زندگيءَ ۽ خدمتن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري شايع ڪرڻ لاءِ مهراڻ نمبر شايع ڪرڻ جو رٿيو ويو آهي، مهربان لکندڙن کي گذارش ڪجي ٿي تہ هو محترم شمشيرالحيدري جي حوالي سان پنهنجون يادگار لکڻيون ڏياري موڪلين تہ جيئن اهي مهراڻ جي "شمشيرالحيدري نمبر" ۾ شامل ڪري سگهجن.

**ثمينہ ميمڻ**
ايڊيٽر (انچارج) "مهراڻ"

- مخمور بخاري 175
- ثمينہ ميمڻ 176
- رکيل موراڻي/مختيار گهمرو 177
- سيف الحق 'سيف'/بخشل باغي 178
- أمر گهاوڙ 179
- مفتون کوراڻي/سميع سجاد ميراڻي 180
- اختر پيا 181
- احمد گل جوڻيجو 182
- ياسر قاضي 183
- فراخ جانوري 184
- پريم پتافي/ساز ڪاظمي 185

ڪهاڻيون

- جهڙ پسيو جهڄن!! 189
- عبدالحفيظ قريشي
- حَسن حجر 197
- بهادر ڪالپر
- روپ بهروپ 199
- پريم چند
سنڌيڪار: شگفتہ شاهہ

- نازو بڪيلو 204
- حفيظ خان
سنڌيڪار: پرويز
- اڄ پڻ اکڙين........... 210
- سليم سهتو
- ورق بہ ساهہ کڻن ٿا 212
- سدرة المنتهيٰ جيلاني

متفرقہ

- هالا جي نعتيہ شاعري 217
(اپياس)
- ڊاڪٽر مخمور بخاري
- ڊاڪٽر عترت حسين زبيري 222
(شخصيت)
- آزاد قاضي
- مخدوم محمد صالح پٽي- هالا پراڻا جو گوهر 226
(شخصيت)
- ڊاڪٽر ممتاز بخاري
- نئون ڪتاب: علم جي دولت 228
- سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر مخمور بخاري

**شمشيرالحيدري**

# تخليق جو اعتڪاف



هرڪو ڄاڻي،
ساري دنيا ٿي سڄاڻي،
مان وڏو ليکڪ، وڏو شاعر ۽ دانشور، وڏو عالم اديب:
منهنجي هرهڪ حرف ۾ تدبير جي جادوگري،
منهنجي هرهڪ لفظ ۾ تقدير جي صورتگري،
منهنجا نغما، منهنجا گفتا، ڄڻ ته سحرِ سامري:
اهڙي منهنجي شاعري،
جنهن سان ڄاڳي قوم ساريءَ جو نصيب.

قوم چاهي ٿي ته مان لکندو رهان،
سنڌ جي ساٿگيڙن، جهانگيڙن، ماروئڙن جون
حالتون ڏسندو رهان، لڇندو رهان،
سنڌ جي سورن اندر سڙندو رهان، پڇندو رهان.

قوم چاهي ٿي ته ڪي نغما انوکا ڳائجن؛
سونهن ۽ سرهاڻ سان نِتا نوان ڪي لائجن؛
هجر جا ۽ وصل جا مفهوم ٿي بدلائجن؛
عشق جي نظرن کي ڪجهه وسعت ڏئي،
حسن جا معيار پيا ڪي ٺاهجن؛
۽ سڄي تاريخ تي ليکا ڏئي،
جنگ جا ۽ امن جا مطلب سيئي ڦيرائجن.
قوم چاهي ٿي، وري
ڪاڪ جا ٽڪساٽ سڀ پرزا ٿين؛
ڪوٽ ٿهري عمر جا يڪسر ڍهن؛
مانگرن لئہ موت جا پيرا ٿهن.
قوم چاهي ٿي، وري
شاهه ۽ سچل جيان
سڄ جا پنيڻ وڏا پڙڪائجن،
مچ تي ميڙا ڪجن،
۽ وري ٽانڊن تي واريل گيت ڳاڙها ڳائجن.

مون انهيءَ جي لاءِ اڄ، تخليق جي هڪ نئينءَ نراليءَ
پٽ تي،
فڪر جي هڪ نئين درازا شهر وٽہ
اعتڪاف آهي ڪيو خود اختيار.

مان ڏسڻ ڏاران ڏسان پيو هرڪو منظر، هرڪو حال.
مان ٻڌڻ ڏاران ٻڌان پيو هرڪا ڳالهہ؛
مان انوکا گيت پيو ڳايان وري،
جن کي ڪي الفاظ ناهن،
جن کي ڪوئي سُر نڪو آواز آهيِ؛
ماٺ جا نغما اِهي،
گيت ڳاڙها، لال، ٽانڊن تي ورايل،
توکي ٻُڌجڻ ۾ اچن ٿا؟
ڪاش، توکي باهہ جهڙا، لال، ڳاڙها، ڪَنَ هجن!

**شمشيرالحيدري**

سنڌ جي تاريخ پڙهڻ سان خبر پوي ٿي ته قديم زماني کان ڪيترائي قبيلا ٻين وارن ملڪن مان لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا آهن. انهيءَ لڏپلاڻ جا سبب سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ مذهبي وغيره رهيا آهن. ڌاريون قومون جڏهن به سنڌ تي حملو آور ٿيون، ته انهن سنڌ کي فتح ڪرڻ بعد سنڌ ۾ ئي سڪونت اختيار ڪئي. جيئن محمد بن قاسم جي ڪيل ڪاهه وقت ٿيو، ڪن گذرمعاش لاءِ سنڌ کي پنهنجو وطن بڻايو ته ڪي وري مذهبي نقطه نگاهه کان مذهبي اڳواڻن مرشدن سان گڏ اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ آباد قبيلن کي ٽن طبقن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. (1) عرب نسل، (2) سرحدي علائقن کان آيل بلوچ نسل ۽ (3) اصل سنڌ ڄاوا سنڌي سماٽ نسل، جنهن ۾ هندو توڙي مسلمان اچي وڃن ٿا.

بلوچ نسل مان ڪي بلوچستان، مڪران مان ته ڪي پنجاب جي ديره جاتِ مان بلوچ قبيلا آيا. جيڪي سنڌ ۾ رهي، سنڌي نسل ۾ جذب ٿي ويا. انهن سنڌ کي پنهنجو مادر وطن بڻايو. بلوچ نسل جا هزارين قبيلا الڳ الڳ نالن سان سڃاڻپ رکن ٿا. انهن ۾ هڪ زرداري قبيلو به آهي، جيڪو بلوچن جي مکيه قبيلي بليدي بلوچ مان آهي. زرداري قبيلو، ڪلهوڙن جي دور حڪومت ۾ ساڻن شامل رهيو. زرداري قبيلي جي تاريخ ۽ ثقافت توڙي مذهبي وابستگي ڪلهوڙا حڪمرانن سان شامل رهي آهي. هيءُ قبيلو ڪلهوڙن جي مذهبي عقيدت ۾ انهن جو پوئلڳ هو. سندن مادري ٻولي پڻ سرائڪي هئي. جيڪا وقت جي حڪمرانن ڪلهوڙن جي هئي. جيڪي پاڻ کي عباسي سڏائيندا هئا. اُهي ديره جاتِ کان اچي سنڌ ۾ آباد ٿي، پنهنجن مريدن ۽ همدردن جي مدد سان مغل حڪمرانن جي خلاف بغاوت ڪري سنڌ ۾ حڪمران ٿيا. سنڌ جا سڀ بلوچ جن جي مادري زبان بلوچي هئي ۽ ٻيا اُهي بلوچ جيڪي ديره جات کان اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا، انهن جي ٻولي سرائڪي هئي ۽ ٻيا به ڪيترائي سرائڪي ڳالهائيندڙ قبيلا سڀ جو سڀ ڪلهوڙا حاڪمن جا فوجي ۽ مريد هئا. بلوچ سردار ڪلهوڙن جا مکيه وزير، منشي ۽ فوجي سپهه سالار هئا. زرداري قبيلو ميان صاحبن، ڪلهوڙن جي حڪمرانيءَ ۾ اهم حيثيت رکندو هو. اصل سپاهه گيري ۽ سياسي مشاورت جي منصب تي معمور هو.

— ڊاڪٽر محمد لائق زرداري

ڪتاب ”ڪيم روح رهاڻ“ تان کنيل ٽڪرو.

تاج جويو

# شاهه لطيف: منصور حلاج جو وڏي ۾ وڏو شارح

انساني تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هر دور ۽ هر مُلڪ ۾ ڪي شخصيتون پنهنجي دور ۾ 'وقت جو آواز' رهيون آهن. سندن ڪردارَ ۽ تعليماتِ، سندن گهري نظرَ ۽ بلند خيالي، سندن ارادي ۽ عزم جي پختگي ۽ اعليٰ حوصلا، انسانيت، زندگيءَ ۽ آزاديءَ جا قدرَ طئي ڪرڻ ۾ حصيدار رهيا آهن. اهڙا عظيم ڪردارَ ۽ شخصيتون، تاريخ جي صفحن تي پنهنجا نقش ڇڏي ۽ پنهنجي ڇاپَ ڇڏي ويندي آهن؛ ۽ اُها ڇاپَ، قومن ۽ ملڪن جون سرحدون ٽپي، عالم انسانيت جي علمَ، ساڃاهہ ۽ فلسفي تي صدين تائين اثر پذير رهندي آهي ۽ سندن عظمتن ۽ بُلندين جو اعتراف سڄي دُنيا ڪندي آهي. اهڙيءَ ريت اُهي شخصيتون. دنيا جي ادب جو اڻمٽ ۽ لازوال حصو بنجي ويندي آهن، ۽ مختلف قومن جا اديب، اهڙن ڪردارن کي پنهنجي قومي ادبي ورثي جو موضوعِ سُخن بنائيندا آهن- ۽ ائين هر 'قوم جو ادب'، 'عالمي ادب' جو هڪ اڻٽٽ ۽ لازمي حصو بنجي ويندو آهي، جنهن تي سموري دنيا بجا طور فخر ڪندي آهي.

تاريخِ عالم جا ٻہ عظيم انسان: حضرت عيسيٰ مسيح ۽ حُسين بن منصور حلاج- پنهنجي تعليماتِ، ڪردارَ ۽ لازوال قربانين جي ڪري، دنيا جي ادب جا ٻہ اهڙا اِستعارا بنجي ويا آهن، جن کان دنيا جي مختلف قومن جي شاعري بيحد متاثر رهي آهي. سنڌ بہ 'اقوامِ عالم' جي اُها مانائتي ڌرتي رهي آهي، جتان جي شاعرن، جتي پنهنجي ڌرتيءَ جي عظيم انسانن- مخدوم بلاول ۽ شاهہ عنايت جي انوکين قربانين کي پنهنجي رُوح جو اِستعارو بنايو آهي، اُتي هِنن عالمِ انسانيت جي مٿي ڄاڻايل ٻن اڻمٽ ڪردارن- مسيح ۽ مَنصور- جي تعليمات ۽ لازوال قُربانين کي پڻ پنهنجي ضمير ۽ خميرَ جو آواز ۽ ترجمان بڻائي پيش ڪيو آهي.

پر اسان جي اها قومي بدنصيبي چئجي يا ڪم ظرفي ۽ ڪوتاهي، جو اسان جڏهن پنهنجن قومي شاعرن جي شاعريءَ جو جائزو وٺندا آهيون تہ سندن فِڪري ڌارائن ۽ سرچشمن طرف تمام گهٽ ڌيانُ ڏيندا آهيون، يا جيڪڏهن ڌيانُ بہ ڏيندا آهيون تہ اسان جي اکين تي پنهنجي ذاتي سوچ ۽ ذاتي نقطءِ نظر (Point of View) جي مخصوص عينڪ پاتل هوندي آهي. نتيجي طور اسان نہ رڳو اُنهن شاعرن جي فڪر ۽ پيغام سان سچو پچو انصاف نہ ڪري سگهندا آهيون؛ پر اسان جو سڄو زورُ انهيءَ ڳالهہ تي هوندو آهي تہ اسان جا ڪلاسيڪي- قومي شاعرَ اُمي ۽ گهٽ پڙهيا هئا، وٽن ڪا ذاتِ جي ڏيا بہ هئي تہ اُها سندن 'خانداني'، 'صُحبتي' ۽ 'باطني' ڄاڻ تي ٻُڌل هئي. وڌ ۾ وڌ اسان جي تحقيق جو ڇيهہ اُتي وڃي بيهندو آهي تہ اُنهن شاعرن 'تمثيلي ۽ باطني ڳالهيون' ڪيون آهن، جيڪي روحاني رمزن ۽ رازن تائين ئي محدود آهن. ها، البت اُن وقت اسان ضرور ڪنهن حد تائين پنهنجون اکيون پٽيندا آهيون، جڏهن ڪنهن غير ملڪي عالم جي نگاهہ ۽ تحقيق، اسان کي اِهو احساس ڏياريندي آهي تہ: اسان جا شاعرَ بہ عالمي ادب/ واقعاتي ادب جي بُخري مان بهره ور ٿيل آهن.

اهو سؤ سيڪڙو سچ ۽ حقيقت آهي تہ جيڪڏهن ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، ڊاڪٽر ايڇ. ٽي سورلي، ڊاڪٽر اينيمري شمل ۽ ڪجهہ ٻيا پرڏيهي عالم، شاهہ لطيف جي عظمت ۽ بلندين جو اعتراف نہ ڪن ها، تہ شايد اسان پنهنجن ڪن اعليٰ فهم ڏيهي عالمن- ڊاڪٽر گربخشاڻي، علامہ آءِ.آءِ قاضي، ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي 'خادم'، سائين جي.ايم.سيد، شيخ اياز، تنوير عباسي وغيره جي سوچن، فڪرَ ۽

تحقيقي ۽ فلسفياڻن رُخن کي قبول ئي نہ ڪريون ها. اها بيقدري ۽ ناشناسي، رڳو هتي اسان سنڌين وٽ نہ رهي آهي، پر سموري مشرق ۾ موجود آهي.

اسان مان ڪيترن تہ اها ڳالهہ بہ اڃ تائين قبول نہ ڪئي آهي تہ ڪو حضرت عيسيٰ، حضرت ماني ۽ حضرت حسين بن منصور حلاج بہ ڪو سنڌ ۾ پيرَ گهمايا هئا. يا اُهي دُنيا جا عظيم انسان، مشرقي فلسفي ڪان بہ ڪو متاثر ٿيا هئا. يا اُنهن جي تعليماتِ ۽ فڪر ۽ فلسفي سنڌ تي بہ ڪي اثر مرتب ڪيا هئا! اسان اسلامي تصوف جي حوالي سان تہ اڃا ابن العربي ۽ جلال الدين روميءَ تائين مَس پهتا آهيون. ويدانت، جيڪا هن ڌرتيءَ جي ئي فلاسافي آهي، اُن کي ڇُهڻ ۽ پرکڻ لاءِ اسان جا ڪيترا قد آور عالم اڃا ذهني طور تيار ئي نہ آهن. جڏهن تہ دنيا جي تحقيق اِتي وڃي پهتي آهي تہ مشرق جي علم ۽ فلسفي، سموري مغرب ۽ پوريءَ دنيا جي فڪري ڌارائن کي نہ رڳو متاثر ڪيو آهي، پر مغرب ۽ يونان جا اڪثر فلسفا ۽ علمَ، مشرق جي قديم علمي سرچشمن مان ڌوپي، اڃا ۽ اُجرا ٿيا آهن.

بهرحال، اهو موضوع تمام وسيع آهي ۽ اهو ميدانُ فلاسافرن جو آهي، آءٌ ڪو فلاسافر نہ آهيان، آءٌ سنڌي ادب، اُن ۾ بہ خاص ڪري سنڌي شاعريءَ جو هڪ ننڍڙو طالب علم آهيان. ان ڪري، آءٌ پنهنجي بنھ مختصر مطالعي جي آڌار تي ڪي نيون ڳالهيون پيش ڪرڻ ۽ ڪي نوان گوشا کولڻ جي جسارت ڪريان ٿو:

- شاهہ لطيف جي شارحن ۽ محققن، اڃ تائين جيڪا بہ تحقيق ڪئي آهي، اُن جو وڏو حصو ۽ دائرو فقط شاهہ لطيف جي شخصيت، سيرت، سوانح، خانداني تفصيل، جاءِ پيدائش، شاهہ لطيف جي مڪاني دورَ، رسالي جي ترتيبَ، شاهہ جي موسيقيءَ ۽ شاعريءَ جي فني سٽاءَ، شاهہ جي رسالي ۽ گنج ۾ موجود شاهہ جي ڪلام ۽ ڌارئين ڪلامَ جي ڇنڊڇاڻ، سُرن جي تعدادَ، ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل قلمي نسخن جي تفصيل، ڪيڏاري جي موجودگي ۽ نيڪاليءَ، شاعريءَ جي فني خوبين ۽ گڻن، وزن، صنايع بدايع، صرف نحو، وياڪرڻي سٽاءَ، قرآن، حديث ۽ مثنوي مولانا روم جي اثرن، مشرقي شاعرن- ڪبير، بلا شاهہ وغيره جي تعليمات ۽ شاعريءَ جي شاهہ تي اثرن وغيره تائين محدود رهيو آهي.

اِن سموريءَ تحقيق دوران جنهن رُخ تي منهنجيءَ نظر ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪم ٿيو آهي، اهو آهي: **'شاهہ جي فڪري سرچشمن ۽ سندس ڪلام تي مختلف ڌارائن جي اثر جو تفصيلي جائزو ۽ مطالعو'.**

شاهہ لطيف جي ڪلام تي قرآن پاڪ، حديث ۽ مثنوي مولانا روم سان گڏ ڪنهن حد تائين ويدانت جي مٿاڇري مطالعي ۽ اثرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. تصوف جي حوالي سان تہ اسان جي تحقيق جو دائرو ابن عربيءَ ۽ مولانا روم تائين ئي ڦرندو رهيو آهي. وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود جي مڪتب فڪر (School of Thought) کي فقط سهروردیہ، چشتیہ، نقشبنديہ، قادريہ، اويسيہ وغيره سلسلن تائين بحث هيٺ آندو ويو آهي، جڏهن تہ باطني، ملامتي ۽ ٻين سلسلن کي ڇُهڻ کان ٽارو ڪيو ويو آهي. ان ڏس ۾ مثنوي مولانا روم ۽ شاهہ ڪريم جي ڪلامَ جي اڀياسَ، صوفي بزرگن ۽ عالمن سان سندس ملاقاتن ۽ صحبتن ۽ قرآني تعليمات کان ٻاهر ٻي سموري 'علمي حاصلات' جا دروازا اِهو چئي جهڙوڪر بند ڪيا ويا آهن تہ شاهہ 'اُمي' هو- ۽ مٿين جاڄ بہ سندن 'باطني علم' يا وڏن کان ورثي ۾ مليل معلومات تي ئي آڌاريل آهي. ليڪن منهنجو ناقص مطالعو ان ڳالهہ جو داعي آهي تہ: شاهہ لطيف اُمي' نہ هو، لطيف رڳو ٻُڌسڌ جي علم ۽ تعليماتِ تائين محدود نہ هو، پر هو مولانا روميءَ ۽ سندس پايي جي عالمن جهڙو ئي پنهنجي وقت جو هڪ وڏو عالم ۽ اعليٰ مرتبت صوفي هو.

"Dewan of Great Mystic: Saint Martyre of Islam, Nur-e-Jehan Hussain Bin Mansoor Halaj Baghdadi Rendering in English"

مُون کي حيرت اُن وقت ٿي، جڏهن سنڌ جي وڏي عالم ۽ شاھ جي پارکوءَ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاھ لطيف جي مٿي ڏنل ٻئي نمبر بيت کي رسالي مان خارج ڪري، 'شاھ جي رسالي جو ڏاريون ڪلام' عنوان هيٺ، پنهنجي تحقيقي جلد ڏهين ۾ اهو دليل ڏئي شامل ڪري ڇڏيو آهي ته:

(1) هيءُ بيت فقط 'عل' رسالي ۾ آهي.

(2) هيءُ بيت محمد زمان صاحب لنواريءَ واري بزرگ جو آهي.

ان لاءِ هن 'ابيات سنڌي' (مرتب: ڊاڪٽر دائود پوٽو، ڇاپو 1939ع، بيت نمبر 16) جو حوالو پيش ڪيو آهي.

پر جڏهن شاھ جي رسالي جي قديم نسخي: 'گنج شريف' جو مطالعو ڪجي ٿو ته اُن ۾ اهو بيت موجود ملي ٿو، جيڪو قديم نسخو، 07 جمادي الثاني 1207ھ ۾ ميين اسماعيل ڪاهوڙيءَ جي چوڻ تي فقير عبدالعظيم عرف وڏل شاھ ڪاتب لکي پورو ڪيو هو. منهنجو سوال آهي ته ڇا ڏارئين ڪلام جي نيڪاليءَ واري ڪسوٽي رڳو شاھ لطيف جي ڪلام سان لاڳو ٿئي ٿي يا ٻين بزرگن جي ڪلام سان به لاڳو آهي، جن جي ڪلام جا نسخا گهڻو گهڻو پوءِ لکيا ويا يا منظر عام تي آيا؟ هيءُ سوال محققن آڏو اڄ هڪ چئلينج طور پيش ڪريان ٿو.

ٻئي طرف خود علامہ دائود پوٽو، ابيات سنڌيءَ ۾ خواجہ محمد زمان لنواريءَ واري جي مليل 84 بيتن لاءِ لکي ٿو ته: "چوراسي بيت آهن، جي خواجہ صاحب ڏانهن منسوب آهن....." (ابيات سنڌي ص34) 'فردوس العارفين' ۾ شامل مخدوم صاحب جي هڪ بيت:

عَدمُ اوتارونِ نا مُرادي سَمرونِ،

ڪفر ۽ اسلام ڪان، لنگهي هوت لڏونِ!....

بابت دائودپوٽو صاحب هن ريت رقم طراز آهي ته: "هي بيت 'ابيات سنڌيءَ' ۾ به شامل آهي، پر 'فردوس العارفين' جي عبارت مان ائين پيو لڪائجي ته اهو ڇڻ خواجہ صاحب جو نہ پر گرهوڙيءَ صاحب جو آهي...... اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪيترا بيت گرهوڙي صاحب جي ڪلام ۾ داخل آهن." وغيره.

دائودپوٽو صاحب، 16 نمبر بيت طور 'سپت پچار پرينءَ جي، سپت هوت حضور' واري بيت کي مخدوم محمد زمان لنواريءَ واري جي 'ابيات سنڌيءَ' ۾ شامل ڪري ٿو، جنهنڪري بلوچ صاحب به هن بيت کي خواجہ صاحب جو بيت قرار ڏنو آهي، پر سوال اهو ٿو اُڀري ته شاھ لطيف جڏهن پنهنجيءَ محفل ۾ ٻين شاعرن جا بيت پڙهي ٿو ۽ ڪاتب اُهي 'شاھ جي رسالن' جي قلمي نسخن ۾ شامل ڪري سگهن ٿا، ته ڇا اهو بعيد از قياس ٿيندو ته مخدوم محمد زمان لنواريءَ واري پنهنجيءَ ڪنهن محفل ۾ شاھ جو ڪو بيت پڙهيو هجي ۽ ڪاتبن اهو شامل ڪري ڇڏيو هجي؟ جڏهن ته شاھ صاحب ۽ مخدوم صاحب جي ملاقات عالم آشڪار آهي، ۽ سندن هڪٻئي جي اثر هيٺ چيل بيتن ۾ بيان ڪيا وڃن ٿا. انڪري، منهنجو اهو پختو رايو آهي ته 'جر ٿر تک تنوار' وانگر 'سپت پچار پرينءَ جي'، وارو بيت به شاھ لطيف جو آهي، جيڪو مخدوم لنواريءَ واري جي 'ابيات سنڌيءَ' (ڪلام) ۾ شامل ٿي ويو آهي، ڇو ته هن بيت جي ٻولي ۽ لهجو شاھ جو ئي آهي ۽ سُر سهڻيءَ جي داستان نائين جي ٻهرئين بيت جي ڊڪشن سان بلڪل ملي ٿو، ان کان سواءِ وڏو ثبوت 1207ھ ۾ لکيل شاھ جو 'گنج' آهي، جنهن ۾ پڻ اهو بيت موجود آهي، ۽ هي گنج، شاھ جي وفات (1165ھ/ 1752ع) کان رڳو 42 سال پوءِ (1207ھ ۾) لکيو ويو هو.

نندڙي حسين جي والد کيس تعليم ڏيارڻ خاطر تستر جي 'مدرسه دارالحفاظ' ۾ داخل ڪرايو، جتي حسين سورهن ورهين جي عمر (873ع) ۾ قرآن پاڪ حفظ ڪري ورتو. هو ننڍيءَ عمر ۾ ئي پنهنجي همعصر ۽ هم سبق ڇوڪرن کان مختلف هو ۽ اڪثر خاموش خاموش، پنهنجي ذات ۾ گم رهندو هو. حسين قرآن حفظ ڪرڻ بعد ٻه سال تستر ۾ ئي زاهد ۽ عارف سهل بن عبدالله تستريءَ جي تصوف واري مدرسي سان وابسته رهيو، اهڙيءَ ريت سهل بن عبدالله سندس پهريون 'پير طريقت' هو جتي حلاج، عربي ادب، علوم مقداوله ۽ تصوف جي تعليم ورتي، ڇو ته کيس تصوف سان خاصو لڳاءُ هو. سندس بيقرار روح ۽ بيچين طبيعت ڪي هن مدرسي ۾ ٽِڪاءُ نه آيو ۽ بنا اجازت جي درسگاهه ڇڏي، بصري هليو آيو، جتي مشهور صوفي حسن بصريءَ جي مدرسي ۾ اچي داخل ٿيو. ان وقت سندس عمر 20 سال هئي. بصري ۾ رهڻ دوران هن جي ضبط بن مجاشع سان دوستي ٿي وئي، جيڪو سياسي طور زيديه زنج باغين سان لاڳاپيل هو، اُهي جيڪي وقت جي حڪومت جا معتوب هئا. منصور حلاج کي به هن باغي ٽوليءَ جو ساٿي سمجهي، مٿس ڳجهي نظر رکي وئي ۽ کيس پريشان ڪيو ويو. نتيجي طور ابن منصور بصري کي ڇڏي بغداد هليو آيو ۽ طريقت جي مشهور شيخ، عمرو بن عثمان مڪيءَ جي سلسلي سان اچي وابسته ٿيو، جنهن کيس خرقو ڏکايو. اتي ئي بغداد ۾، ابو يعقوب الاقطع جي نياڻيءَ اُم الحسين سان شادي ڪيائين، جنهن مان کيس هڪ ڌيءَ ۽ ٽي پٽ ٿيا ان ئي عرصي ۾ حسين بن منصور جا بغداد جي نامور صوفي جنيد بغداديءَ سان واسطا وڌا ۽ سندس صحبت ۾ ڪجهه وقت رهيو. بغداد ۾ حلاج جي عبادت، مستيءَ، باطني اِسرارن بابت پُڇا ڳاڇا ۽ اظهارَ جي طريقن، هن جي اڪثر اُستادن کي ڪانئس باغي ۽ شاڪي ڪري وڌو. ان حد تائين جو عمرو بن عثمان مڪي ۽ حضرت جنيد بغداديءَ جهڙا عالم به سندس طريقهءِ ڪار کي باغيانه تصور ڪرڻ لڳا. جنيد بغداديءَ سان ته اها روايت به منسوب آهي ته هُو منصور حلاج جي سرمستيءَ جي عالم ۾ کيل باغيانه ڳالهين کي پسند نه ڪندو هو، ۽ کيس باغيانه ڳالهيون ڪندي ڏسي هن هڪ ڀيري کيس چيو هو: "آءٌ سمجهان ٿو ته هڪ ڏينهن تون سُوريءَ تي چڙهندين ۽ صليب جون ڪاٺيون تنهنجي رت سان رڱبيون."

بغداد جي سياسي حالتن ۽ ڪن مقتدر شخصيتن جي ڇڪتاڻ حسين بن منصور جي دل کٽي ڪري وڌي. هو حق ۽ علم جي تلاش ۾ سرگردان مڪي هليو آيو، جتي (895ع ۾) پهريون حج ڪيائين، ۽ خوزستان واپس اچي هن صوفياڻو لباس لاهي، عام ماڻهن وارو لباس پاتو. گڏوگڏ ماڻهن کي 'خودشناسي' ۽ 'خداشناسيءَ' جي اهڙي تعليم ڏيڻ شروع ڪيائين، جنهن جو مقصد ماڻهن کي ان قابل بنائڻ هو ته جيئن اهي پنهنجي اندر ۾ خدا جي تلاش ڪن. سندس اُنهيءَ تعليمي طريقي، مذهبي طبقي کي ڀڙڪائي وڌو ۽ ڏينهون ڏينهن سندس مخالفت وڌڻ لڳي. نتيجي طور هو اوڀر ايران جي عرب بيٺڪن ۾ وڃي تبليغ ڪرڻ لڳو ۽ اُتي پنجن سالن تائين (286 کان 290هه/ 899 کان 902ع) پرچار جاري رکيائين. اُتي ڏگهو عرصو رهڻ کان پوءِ منصور تستر موٽي آيو ۽ ڪن بااثر ماڻهن جي سهڪار سان پنهنجي خاندان کي بغداد وٺي آيو. هن 903ع ۾ ٻيو حج ڪيو ۽ ان کان پوءِ هندستان جي مختلف علائقن، سنڌ، ڪشمير، ترڪستان ۽ چين ملڪن جي طويل سفر تي نڪري پيو. ايران، هند ۽ سنڌ جي سفر دوران هن جوڳي پنٿ، ويدانت، جين مت ۽ ٻڌ ڌرم ۽ ماني ازم (زردتشي مذهب جي هڪ شاخ) جو وسيع اڀياس ڪيو.

حسين بن منصور حلاج جي سنڌ ۾ اچڻ جي ڪيترن عالمن تصديق ڪئي آهي:

تاريخ طبريءَ [تاريخ الأمم والملوڪ] جي مصنف ابن جرير (وفات: 310هه) جي ڪتاب جي جلد 12 ۾، جنهن کي 'صلح طبري' سڏجي ٿو (جنهن جو مصنف غريب بن سعيد القرطبي هو)، ڄاڻايل آهي ته "حلاج گهڻا ئي سير ۽ سفر ڪندو هو. هو ساموندي سفر ذريعي هندستان به پهتو". (صلہ طبري، ص 48)

'طبقات الصوفيہ' ۾ روايت آهي تہ:

هُو[حسين بن منصور] ريتيءَ جي هڪ دڙي تي مٿو ٽيڪي جُهڪيو ۽ پوءِ مٿس حيرت ۽ مخموري طاري ٿي وئي. ماڻهو عرفات مان موٽڻ لڳا، ان وقت هو سرد آهون ڀري مناجات ڪري رهيو هو:

"اِلاهي انتَ تعلمُ عِجزي عن مواضع شُکرک فاشکر نفسُکَ عَني فانہ الشُکر اِلا غير!"
(اي منهنجا معبود! توکي معلوم آهي تہ آءٌ تنهنجي 'شُڪر جي مقام' تي پهچڻ کان عاجز آهيان، هاڻي منهنجي بدران تون پنهنجو 'شڪر' بجا آڻ، بس اهو ئي 'شڪر' آهي."

شاهہ لطيف بہ حلاج جي ساڳئي خيال کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

'شُڪر' ڳَڏياسون سپرين، جيئري جاني يار،
جيءُ سڀ ڪنهن جيءُ سين، درشن ڏارو ڏار،
پرينم! تنهنجا پارَ، ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان!

خطيب بغداديءَ لکيو آهي تہ: "خوزستان جا ماڻهو ابن منصور کي 'شيخ حلاج الاسرار' سڏيندا هئا، چو تہ هو باطني راز پڌرا ڪري ڇڏيندو هو."

حسين بن منصور حلاج جي هن اعليٰ ظهور وقت بغداد جي عباسي حڪومت/ خلافت جو جوڀن گذري چڪو هو. خليفو مقتدر بالله 295هہ ۾ تخت تي وينو هو تہ اُن وقت سندس عمر 13-14 سال هئي. اصلي اقتدار فوجي جنرلن، وزيرن، حاجبن ۽ حرم سرا جي راڻين جي هٿ ۾ هو. فوجين، وزيرن ۽ سندن حاجبن عوام تي ڏاڍ جا پهاڙ ڪيرائي وڌا. ٽيڪسن جي ڀرمار ماڻهن کي پريشان ڪري وڌو. هڪ طرف اقتداري ايوانن جون سازشون زور وٺي ويون، خود مقتدر کي هٽائي معتزبالله کي خليفي بنائڻ جون ڪوششون ٿيون. ٻئي طرف عوامي بغاوت ڦاٽي پئي.

اهڙي سياسي بدامنيءَ جي ڪري بغداد ۾ عام کاڌي ۽ کاڌ خوراڪ جي شين جا اگهہ چڙهي ويا. عوام جي مختلف پرتن خليفي ۽ سندس انتظامي ۽ مالي طرح سخت گير وزير حامد بن عباس خلاف شديد مظاهرا ڪيا. حنبلي مکتبہ فڪر جي سياسي ۽ مذهبي اڳواڻن جي حڪومت خلاف تحريڪ زور وٺندي وئي. ان کان سواءِ قرامطہ قبيلي جون بغاوتون، بصري جي حبشي غلامن جي بغاوت، بغداد جي خلافت جي مقابلي ۾ آفريڪا ۾ فاطمي خلافت جو بنياد پوڻ، اهڙا ڪارڻ هئا، جن عوامي بيچينيءَ کي جنم ڏنو. انهن حالتن ۾ حسين بن منصور حلاج جو خاموش ۽ ڀري رهڻ ناممڪن هو. بنو عباسيہ دور جي نام نهادِ سوسائٽيءَ جي هن صورت کي وقت جا رجعت پسند مُلا ۽ مولوي اسلام جي عظيم الشان سلطنت جو نالو ڏئي، اُن جي بقا لاءِ همہ تن مصروف رهيا. ٻئي طرف زيديہ رنج جي مسلح جدوجهد ۽ بصري جي غلامن ۾ سجاڳيءَ واري لهرَ، ملوڪيت جي پاڇي ۾ پلجندڙ بدڪار ۽ استحصالي سماج جون پاڙون بنهہ لوڏي ڇڏيون هيون، جنهنڪري رياستي اقتدارَ جي صاحبن، ترڪ سلجوقي ڪمانڊرن جي مدد سان، هن سڄيءَ جدوجهد کي 'مسلح بغاوت' جو نالو ڏئي ڪچلي ڇڏيو، وڏي رتوڇاڻ ٿي ۽ بيدرديءَ سان عوام جو قتل عام ڪري رت وهايو ويو.

ان خونريز فضا ۾ حسين بن منصور حلاج پاران عيدالفطر جي موقعي تي احتجاج طور 'ڪارا ڪپڙا پائڻ' ۽ پنهنجي الهامي لهجيءَ ۾ آواز سان عوام کي پنهنجي وجود جي احساس ڏيارڻ جي پرچار ڪرڻ وارو عمل، هڪ طرف حڪمرانن لاءِ خطري جو گهنڊ بڻجي آيو تہ ٻئي طرف منصور حلاجَ جي اُن نظريي، عام مقبوليت پڻ اختيار ڪري ورتي، جنهن ۾ هن چوڻ شروع ڪيو هو تہ:

"جڏهن اسلامي پائيڙ جي نظريي سان طبقاتي فرق ۽ رنگ نسل جا ويڇا مٽجي رهيا آهن ته فرد جي انفراديت، شخصيت ۽ حقانيت کي رد ڪرڻ جو ڪنهن کي به اختيار نه آهي. جڏهن رسول عربيءَ جي پيغام، انسان کي پنهنجي خالق سان ڳنڍي ڇڏيو آهي ته پوءِ بيا واسطا ڪٿان پيدا ٿيا آهن، جن فرد کي دين ۽ سياست جي مشينريءَ جو پرزو بنائي ڇڏيو آهي؟ جڏهن ته انسان سڄيءَ ڪائنات جو ايڏو ته اهم جزو آهي، جو سندس وجود کي خود ڌڻي تعاليٰ جو مظهر مڃڻ گهرجي."

پنهنجي فِڪر ۽ عمل سان حسين بن منصورُ، اسلام جي آزاديءَ واري درسَ ۽ مساوات واري سنيهي جي علامت بڻجي ويو. ٻئي طرف هن جا هينيان مطالبا اقتداري ايوانن کي لوڏڻ جو ڪلمرڪلا اعلان هئا ته:

- ناڪن ۽ محصولن جا ٺيڪا يهودين کان واپس ورتا وڃن،
- ٽيڪس ۽ خراج جون پاليسيون تبديل ڪيون وڃن،
- رياستي اقتدار مان بالادست طبقن جو اثر گهٽايو وڃي، ۽
- غلامن کي سماجي ۽ اقتصادي حق ڏنا وڃن.

منصور حلاج جي اِنهيءَ آواز هڪ طرف حنبلي فڪر جي سياسي ۽ مذهبي اڳواڻن جي حڪومت خلاف هلندڙ تحريڪ کي سگهه بخشي ته ٻئي طرف سندس تصوف واري تعليمَ، عوام کي سندس ويجهو ڪري ڇڏيو. هونئن به حقيقي تصوفُ، ملوڪيت، بادشاهت ۽ سامراجيت جي خلاف، عوامي اقتدار ۽ جمهوريت جو حامي پئي رهيو آهي. اهوئي ڪارڻ آهي، جو هميشه حق پرست عالمَ ۽ تصوفَ جا امامَ، اقتداري ايوانن آڏو ناپسنديده رهيا آهن: پوءِ اهو بيضا جو منصور حلاج هجي، سنڌ جو مخدوم بلاول هجي، هند جو سرمد شهيد هجي يا سنڌ جو ئي شاهه عنايت صوفي هجي. بنو عباسيه دَور ۾ حنبلي فقهه جي امام احمد بن حنبل کي ڏنل دُرن (ڦٽڪن) جي سزا کان وٺي حسين بن منصور حلاج جي اذيتناڪ شهادت تائين تاريخ جا ورق، حق پرست عالمن ۽ صوفين جي مقدس رَت سان رڱيا رهيا آهن.

اهوئي سبب آهي، جو منصور حلاجَ جو هيءَ 'انسان شناسي ۽ خدا شناسيءَ' وارو پيغام، حڪمرانن ۽ سندن درٻاري عالمن لاءِ خطري جو نغارو بڻجي آيو، جنهن سندن ڪوڙي ۽ تصنع جي ٽيڪ تي بيٺل اقتداري عمارت جا سمورا ٿوٽيون ٿنڀا لوڏي وڌا- ۽ اهو عظيم پيغام هو: "رسول عربيءَ جي پيغام انسان کي پنهنجي خالق سان ڳنڍي ڇڏيو آهي، ته پوءِ ٻيا واسطا (حاڪم ۽ درٻاري ملا) ڪٿان پيدا ٿيا آهن؟" اهو انساني خود شناسيءَ جو سَنيهو، خدا شناسيءَ جو پيش خيمو هو. ['من عرف نفسه فقد عرف ربه'، ۽ 'خلق الآدم عليٰ صورته' ساڳي ڳالهه هئي.] ان ڏس ۾ ڏسنداسون ته اسان جي شاهه لطيف جو 'اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻيءَ' کان وٺي 'سو تون وڃيو ڪيئن، نائين ڪنڌ ٻين کي' وارو فڪر، وحدت الوجودي فڪر ۽ منصوري نعري جو علامتي پڙاڏو نظر ايندو.

ٽين صدي هجري، اسلام جي روحَ جي مٿان ملوڪيت جو پاڇو هئي: ملڪن کي فتح ڪيو پئي ويو: دولت جا انبار سرڪاري خزاني ۽ ٻجوڙين ۾ گڏ ٿي رهيا هئا: ماڻهن جي سماجي ۽ اقتصادي زندگي تباهه ٿي رهي هئي: فوجي ڪمانبر، حاڪمِ وقت جا پڳهاردار ديني عالم ۽ رياستي مشينريءَ جا آفيسر، عباسي خلافت جا مددگار هئا: انڪري منصور جي 'انساني عظمت' واري نرالي پيغام کين ٻنهه ڇتو ڪري وڌو. اُنڪري 'فڪر جي آزاديءَ' تي بندشون وڌيون ويون: 'نظريه ضرورت' هيٺ شرعي معاملن جون سرڪاري تشريحون ڪيون ويون: درٻاري ۽ حڪمرانن جي منظورِ نظر صوفين کي اڳيان آڻي، منصور حلاج جي

تعليمات، فڪر ۽ شاعريءَ خلاف ڪفر جون فتوائون ڏياريون ويون؛ سندس ’ڪاري ويس پائڻ‘ کي اهلِ سُنت جي مسلڪ جي خلاف تعبير ڪيو ويو؛ مُلائيت جي سرپرستي ڪري سچن ۽ راستباز صوفين کي تعزير ۽ قتل لائق قرار ڏياريو ويو؛ کين ملحد ۽ آواگون (تناسخ) ۾ عقيدو رکندڙن طور مشهور ڪيو ويو؛ صوفين جي آستانن ۽ گهرن تي جاسوسَ مقرر ڪيا ويا، جيڪي ڪُتن وانگر نوس نوس ڪندا رهندا هئا ۽ اعليٰ ترين صوفين کي قاضين جي عدالتن ۾ آڻي، ڪانئن من پسند فتوائون حاصل ڪيون ويون.

هن صورتحال ۾ منصور حلاج جي شخصيتَ، جدوجهد، فڪرَ ۽ عملَ، مڪملتا (Perfection) حاصل ڪري ورتي. هو تاريخ جي ڇوليون هڻندڙ سمنڊ ۾ هڪ اٽل پهاڙ وانگر نظر اچڻ لڳو. هڪ سچي صوفيءَ وانگر ’پرينءَ جي پساري‘ ۽ ’جانب جي جمال‘ ۾ گم، هڪ انقلابي ۽ باغيءَ جي حيثيت ۾ وجودِ انسانيءَ جي بقا ۽ مجتا لاءِ جهاد ڪندي ڏسڻ ۾ آيو.

منصور حلاج خلاف، سرڪار جي اهم ڪارندن جي سياسي ۽ مذهبي مخالفت وڌي وئي. وزيراعظم حامد بن عباس، حلاج جي وڌندڙ اثر رسوخ کي ڏسندي، خليفي مقتدر بالله کي مشورو ڏنو تہ حسين بن منصور کي ڪيئن بہ ڪري قتل ڪرايو وڃي. نتيجي طور 297هه/ 909ع ۾ حلاج جي خلاف درباري عالم ابن دائود اصفهانيءَ پهرين فتويٰ ڏني تہ اُن جي روشنيءَ ۾ ڪيس گرفتار ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت حلاج هڪ سال تائين قيد ۾ رهيو، 298هه/ 910ع ۾ هُو جيل ٽوڙي فرار ٿي، اهواز جي شهر ’سوس‘ هليو آيو. هن جي ڪجهه پوئلڳن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ ٽن سالن کان پوءِ 301هه ۾ سندس غلام دُباس، جي مخبريءَ بعد حامد بن عباس جي شهہ ۽ عباسي خليفي مقتدربالله جي حڪم تي حسين بن منصور کي شهر ’سوس‘ مان ٿي (301هه/ 913ع ۾) گرفتار ڪيو ويو. مٿس شطحي گفتگو ڪرڻ، اسماعيلي تحريڪ جي پيداوار ’قرامطہ‘ سان واسطن رکڻ، حنبلين سان لاڳاپن قائم ڪرڻ، عباسي حڪومت مخالف باغين جي حمايت ڪرڻ، وقت جي حڪومت خلاف تحريرن ۾ سندس هٿ هئڻ ۽ سُني مسلڪ خلاف ڪارا ڪپڙا پائڻ وغيره جا الزام لڳايا ويا. سندس هن نظربنديءَ ۽ قيد جو عرصو اٺ سال رهيو، جنهن کان پوءِ 921ع ۾ هن بابت مقدمي جو فيصلو ڪيو ويو. فرينچ اسڪالر لوئي مسينون جي تحقيق مطابق حلاج خلافِ علماءِ ظاهر 84 قسم جون شهادتون پيش ڪيون، جن جي بنياد تي ڪيس قاسيءَ جو حقدار قرار ڏنو ويو ۽ هيءُ مقدمو هڪ سال تائين لاڳيتو هلندو رهيو.

بهرحال هن انقلابي، سچي ۽ راستباز صوفيءَ، ظاهري شريعت (قانونن) جي مخالف ۽ طريقت ۽ معرفت جي عظيم مبلغ جي هڪڙي ئي ٻولي رهي، جيڪا هن ٽئين حج جي موقعي تي عرفات جي ميدان ۾ آسمان ۾ نهاريندي، پڪار ڪئي هئي تہ:

”يا دليل المتحرين! (اي حيرت جي واديءَ ۾ ڀٽڪندڙن جا رهبر!) جيڪڏهن آءٌ ڪافر آهيان تہ منهنجي ڪفر ۾ اضافو ڪر!“ (حوالو: خواجہ فريد الدين عطار)

’يا دليل المتحرين!‘ ۾ ’حيرت‘ لفظ غور جي قابل آهي، اسان جڏهن لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جو مطالعو ڪريون ٿا تہ اُن ۾ حسين بن منصور حلاج جي اُن ’حيرت واري حوصلي‘ کي سلام پيش ڪيو ويو آهي:

’حوصلو حيرت جو‘، آهي نہ مٿي عام،
سندي محبت مام، ڪورُ پروڙي ڪينڪي!

(سُر بروو سنڌي، داستان 3، بيت 36)

’حوصلو حيرت ۾‘، ڪري ڏين ذرڪ،
جو حُسن سندو حق، ڪورُ پروڙي ڪينڪي!

(سر بروو سنڌي، داستان 3، بيت 34)

’حوصلو حيرت جو‘، وڃي ٿيو ويڇون،
محبت جون ميڇون، ڪوڙ پروڙي ڪينڪي!
(سُر بروو سنڌي، داستان 3، بيت 34)

اُن ’حيرت جي حوصلي‘، کي سچل سرمست ’حلاجي حيرت‘ چيو آهي:
اول پيري پچ، بند خيالات جا،
تنهن پُڄاڻان وڃ، ’حلاجي حيرت‘ ۾!
(رسالو سچل سرمست، عثمان علي انصاري: ص 59، ’وحدت‘)

صوفين جي امام منصور حلاج جو معراج، سندس سوريءَ تي چڙهڻ وارو عمل آهي.
جڏهن حسين بن منصور حلاج کي قيد مان ڪڍي، سرڪاري چوبدارن جي ’جمر غفير‘ ۾ گهيري ۾ خچر تي چاڙهي، 24 ذوالقعد 309هه/ 929ع تي، اگاري جي ڏينهن، صبح جو ساجهر، عباسي خلافت جي دارالخلافت بغداد جي ’باب خراسان‘ آڏو، دجله نديءَ جي پُل ويجهو، هڪ کُليل ميدان ۾ آندو ويو ته بغداد پوليس جي سربراهه محمد بن عبدالصمد حڪم ڏنو ته ”قيديءَ (حسين بن منصور) کي قتل گاهه/ ميدان ۾ آندو وڃي.“ تاريخ نويس لکن ٿا ته پوءِ ماڻهن ڏٺو ته سينگاريل سوريءَ واري ميدان تي هڪ خدا جو ٻانهو، جنهن جي ٽنگن ۾ لوهي نيئرَ پٽيل هئا، هڪ باوقار شخصُ، درويشاڻو چوغو پهريل ۽ مٿي ۾ هڪ عظمت وارو ’ڪلاهه‘ پاتل، بيحد بيپرواهيءَ سان، ناز ۽ انداز سان، ٽِلندو، ڪُڏندو، مستانه وار مُسرت مان جُهولندو، اوچي ڳاٽ اچي مقتل گاهه ۾ پهتو ته ائين محسوس ٿي رهيو هو، ڄڻ ڪو گهوٽ سيج تي چڙهڻ لاءِ اچي رهيو آهي. هن پوئتي مڙي نهارَ به نه ڪئي ۽ سندس مُنهن تي هڪ عاشق ۽ سالڪ واري رونق ڏسڻ ۾ پئي آئي ۽ سندس اکين ۾ عشق جو ازلي خمار موجود هو.
لطيف سائينءَ جا نه خوب چيو آهي:
اکيون تان عيد، ڪانهي عيد اکين ري،
خوشي ۽ خريد، ڪٺيو گهمن پاڻ سين!
(سربروو سنڌي، داستان 2، بيت 30)

وَسن ۽ وهسن، ڏِهاڙي ڏِسڻ لئه،
جئن جئن پرين پسن، تئن تئن نشا نينهن جا!
(داستان 2، بيت 12)

اُن موقعي تي، ’تاريخ بغداد‘ جي مصنف جي لکڻ موجب: ’وَاجتمع من العامةِ خلق ڪثير لا يُحصيٰ عدد هُم‘. ”[اُن وقت] عوام جو اينو وڏو هجوم اچي جمع ٿيو، جيڪو ڳاڻيٽي کان ٻاهر هو“؛ جڏهن ته ’تذڪرة الاولياء‘ جي مصنف جي لکڻ مطابق اُن موقعي تي ’هڪ لک ماڻهن جو هجوم موجود هو، جنهن ۾ ڪيترا منصور حلاج جا معتقد به هئا.‘
لطيف سائينءَ، صوفين جي هن امام جي اندازِ رندانه ۽ بيباڪيءَ جي منظر کي سُر ڪلياڻ جي بيتن ۾، هيئن بيان ڪيو آهي:
پاٻوهيو پُڇن، ڪٿي هٽُ حبيبَ جو،
نيزي هينان نينهن جي، پاسي پاڻ نه ڪن،
عاشق اجل سامهون، اوچي ڳاٽ اچن،
’ڪُسڻ قربُ جن، مرڻ تن مشاهدو‘.
(سُر ڪلياڻ، داستان 3، بيت 16)

تڏهن ئي تہ لطيف جي پيشرُو ۽ ڏاڏي شاهہ ڪريم هيٺيون بيت چيو هو، جيڪو لطيف سائينءَ پنهنجي محفل ۾ پڙهيو هو، ۽ فقيرن لکي 'شاهہ جي گنج' ۾ شامل ڪري ڇڏيو:

هي ڪَن ڳاڙهان وِڪڻي، ہيا ڪي ڪن ڳنهيج،
تنين سين سٽيج، سِپيريان جي ڳالهڙي!

۽ ان ڳالهہ کي واضح ڪرڻ لاءِ لطيف سائينءَ پنهنجي هيٺين مشهور وائي چئي آهي:

سيڪا پريان ڪُون پُوجي،
نينهن نيڻين، ڳُڻ ڳالهہ وو!

(سُر ڪلياڻ، داستان ا، وائي ا)

هن وائيءَ جو صرف ٿلهہ ۽ ہہ بندَ ڏِسي، ڪن محققن، اها وائي ئي شاهہ جي رسالي مان ڪڍي ڇڏي آهي. منهنجيءَ نظر ۾ هُو فقط محقق آهن، پر شاعر نہ آهن، ۽ هنن رُڳو شاهہ جي شاعريءَ جو روحاني جائزو ورتو آهي، وٽن شاهہ جي بيتن ۽ واين جي پرک وقت پنهنجي سوچ ۽ پنهنجي نقطہ نظر (Point of View) جي عينڪ پاتل آهي. اصل ۾ ڏٺو وڃي تہ شاهہ لطيف وڏو موسيقار هو، هن امير خسرو ۽ ہين موسيقارن/ شاعرن وانگر گائڪيءَ جا ٻول، خيالَ ۽ ترانا وغيره سنڌيءَ ۾ لکيا هئا، جهڙيءَ ريت هندي ڪلاسيڪي خيال جا ٻول آهن، تيئن شاهہ لطيف جي هيءَ وائي ۽ رسالي ۾ هڪ ٻن مصرعن واريون سموريون وايون، منهنجي دعويٰ آهي تہ سنڌيءَ ۾ 'خيالَ جا ٻول' آهن. سنڌي موسيقارن کي ان طرف ڌيان ڏيڻ ۽ تحقيق ڪرڻ گهرجي.

هاڻي منصور جي جذب ۽ مستيءَ واري ڪيفيت ۽ سندس سوريءَ ڏانهن خماريل نيڻن وارو نظارو، تصور جي اکين سان ڏسو ۽ سندس 'اناالحق' واري آواز کي. 'لطيف جي لاتِ' ('لطيف' خدا جو نالو آهي ۽ 'لات'، 'آواز' يا 'سڏ' کي چئبو آهي) کي ڏسو: جيڪو 'هُن جو سڏ' (حق جو سڏ) آهي، جنهن جو پڙاڏو حلاج جو نعرو 'اناالحق' آهي: جيڪو اصل وطن ڏانهن موٽڻ جو رستو آهي: 'اِنا الله وانا اليه راجعون' يعني: [ "اُن وٽان آيا آهيون، ۽ اُن ڏانهن ئي موٽون ٿا."]

منصور حلاج هڪ سوال جو جواب ڏيندي چيو هو:

"آءٌ مقتل ڏانهن وڃي رهيو آهيان، وطن ڏانهن وڃي رهيو آهيان. وطن ڏانهن ورندي/ ويندي خُوش نہ ٿيان."

لطيف سائينءَ ہہ چيو آهي:

سيڪا پريان ڪُون پوجي،
نينهن نيڻين، ڳُڻ ڳالهہ وو!
جا چِتاير چِت ۾، سَجڻ سا ٿو ٻُجهي...
لات جا لطيفَ جي، سڏُ تنهن جو سُجي!

(سُر ڪلياڻ، داستان ا، وائي ا)

اها 'لطيف جي لات'، منصور جو نعرو 'اناالحق' آهي، ۽ 'سَڏُ تنهن جو سَجي' جي تشريح اها آهي تہ 'لطيف جي لات/ منصور جو نعرو 'اناالحق'، حق، سچ، جو سڏ آهي!'

منصور جي مقتل ڏانهن وڃڻ ۽ وطن ڏانهن ويندي خوش ٿيڻ وارو اِستعارو، ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ کان وٺي جديد سنڌي شاعريءَ تائين اسان کي ڀرپور انداز ۾ ملي ٿو. لطيفَ، اُن 'وطن' ڏانهن وڃڻ واري پنڌ لاءِ چيو هو:

مِنايان منو گهڻو، ڪڙو ناهه ڪلام،
'سُڪوت' ئي سلام، پريان سندي پار جو.

جلادُ اڳتي وڌيو ۽ بادشاهي فرمان مطابق منصور حلاج تي ذرا وسائڻ لڳو..... ڏرن جي اذيتناڪ سزا لاڳو ٿي چڪي، پر حسين بن منصور حلاج جي صبر ۽ استقامت ۾ ڪو به فرق نه آيو. [الاستقامت فوق الڪرامت] هن جي چهري تي الم يا اذيت بدران خوشيءَ ۽ شادماني جا آثار نظر اچڻ لڳا لطيف سائينءَ چيو آهي:

سوريءَ مٿي سيڻ، ڪهڙي ليکي سنڙا!
جيلهه لڳا نيڻ، ته سورياني سيج ٿي.

بغداد جي ماڻهن ڏٺو ته جلاد ابوالحارث جي تلوار چمڪي ۽ سڀ کان اڳ منصور جا ٻئي هٿ ڪاٽجي ويا. منصور ٺهڪ ڏنو ۽ پڇيائونس "اِن حال به خوش پيو ڏسجين؟"

جواب ڏنائين:

"بِدَل انسان جا هٿ ڪپڻ سولو ڪم آهي. مرد اُهو آهي، جو منهنجو هٿ (دستِ صفات) وڍي ڏيکاري، جنهن سان مون عرش تان همت جو 'ڪلاهه' لاهي پنهنجي مٿي تي رکيو آهي."

'هٿ ڪرايون آگريون، ويا ڪپجي ڪانهن!'

(شاهه لطيف)

ٻيو دفعو تلوارَ چمڪي ۽ منصور جا ٻئي پيرَ ڪپجي پري وڃي ڪريا. هڪ دفعو وري مُرڪيائين. پڇيائونس:

"اجا به خوش آهين؟"

مُرڪي چيائين:

"انهن پيرن سان آءٌ زمين تي هلندو هئس، پر مون کي قدرت ٻيا اهڙا پير (باطني پير) ڏنا آهن، جن سان جيڪڏهن آءٌ چاهيان ته ٻنهي جهانن جو سير ڪري سگهان ٿو. همت اٿوَ ته اُهي پيرَ ڪاٽي ڏيکاريو."

اُن کان پوءِ منصور پنهنجي (ڪپيل/ رت هاڻن هٿن) وڍيل ٻانهن مان وهندڙ رت کي پنهنجي مُنهن کي ملي سُرخ ڪري ڇڏيو.

هُجوم مان ڪنهن پڇيس ته:

"ائين ڇو ٿو ڪرين؟"

منصور وراڻيو:

"رت وَهڻ ڪري منهنجو چهرو پيلو ٿي ويو آهي، ڪٿي اُوهين نه سمجهو ته اها پيلاڻ خوف ۽ ڊپ جي ڪري آهي، مون پنهنجي مُنهن تي رت انڪري مليو آهي ته جيئن توهان جي آڏو سُرخرو (سُرخ روءِ) رهان، ڇاڪاڻ ته مردن جي سُرخي سندن خون سان ٿيندي آهي."

اُن تي هڪ ماڻهوءَ پڇيس ته: "چهري کي ته لهوءَ سان لال ڪيو اٿئي، پر سَجيون ٻانهون ڇو رت هاڻيون ڪيون اٿئي؟"

جواب ڏنائين:

"رَڪعتانِ فِي العِشق لا يَصَحُ وُضوئهما اِلا بالدمِ."

[عشق جي نمازَ جون ٻه رڪعتون پڙهڻ لاءِ رَت سان وضو ڪرڻ ضروري آهي.]

شاهه لطيف منصور جي انگن ڪَٽجڻ جو احوال سُر ڪلياڻ ۾ تفصيلي طرح ڪيو آهي ۽ هڪ عاشق جون وصفون بيان ڪندي چوي ٿو:

ڀرين ڪاتي پاءِ، پُڇج پوءِ پريتڻو،
ڏک پريان جو ڏيل ۾، واڄڻ جيئن وڄاءِ....

(داستان 2، بيت 10)

ڪاتيءَ ڪونهي ڏوهه، ڳن ويندڙ هڻ ۾،
پسيو پر عجيب جي، لِڄئو وجي لوهه،
عاشقن اندوهه، سدا معشوقن جو!

(داستان 2، بيت 11)

ڪاتي تکي مَ ٿئي، مَر مُنيائي هوءِ،
ماڻ وِرمن توءِ، مون پريان جا هيڙا!

(داستان 2، بيت 12)

جي تون سڪڻ سکئو، ڪاتي پئيءَ مَ ڪِنجهه،
سپيريان جي سور جو، ماڻهن ڏجي نہ منجهه،
اندر ايءَ اهنج، ساندِج شڪائون ڪري.

(داستان 2، بيت 14)

جان وڍئين تان ويهہ، نا تہ وڻيو واڻ وڻ تون،
هي تنين جو ڏيهه، ڪاتِي جنين هڻ ۾!

(داستان 2، بيت 15)

اُن ڪانپوءِ جلاد، منصور جون اکيون پڻ ڪڍي ڇڏيون، جنهن تي منصور چيو:
"منهنجون باطني اکيون هاڻي بہ اُن کي ڏسي رهيون آهن، جيڪو منهنجي طلب ۽ گهرج آهي."
شاهه لطيف اُن ڪيفيت جو اظهار هن ريت ڪيو آهي:

ڏسڻ جي ڏسين، تہ همهہ کي حق چئين!

(سر بروو سنڌي، داستان 4، بيت 16)

اکيون سيئي ڏار، جيڪي پسن پرينءَ کي!

—

سُرمو سُرخيءَ جو، جڏهن پاتو جن،
تڏهن ڏٺي تن، رونق ريٽي جهڙي!

(سر بروو سنڌي، داستان 4، بيت 35)

منصور جي اُن گفتگوءَ تي سمورو هجوم تڙپي اُٿيو. ڪجهہ ماڻهو ڳوڙها وهائي رهيا هئا تہ ڪي سرڪاري دلال اڃا بہ کيس پٿر هڻي رهيا هئا.

اڃا منصور ۾ ساهُہ ۽ سمجهہ باقي هئي تہ کيس ڇڪي صليب تي پهچايو ويو. منصور حلاج صليب کي چُمي ڏني. اُن وقت بہ ڪن ماڻهن هن سان ڪلام ڪيو. هڪ شخص پُڇيس:

"منهنجي رک دجلہ ۾ وهائيندا تہ دجلہ ۾ طوفان اچي ويندو ۽ آءٌ نہ ٿو چاهيان
تہ بغداد غرق ٿئي ۽ انکري تون ان وقت منهنجي گودڙي درياھ ۾ اڇلي وجهجانءِ تہ
طوفان ٿمجي ويندو."

روايت آهي تہ جڏهن منصور جو جسم ساڙي، هڪ بلند مينار تان سندس رک دجلہ ۾ اڇلائي وئي تہ اُن مان بدستور صدا ايندي رهي: "اناالحق- اناالحق!" گڏوگڏ دجلہ جو پاڻي ڪنارن کان ٻاهر اچي ويو ۽ اُن مان بہ 'اناالحق' جي صدا ايندي رهي. عين انهيءَ وقت منصور جي خادم ابراهيم فاتڪ پاڻيءَ ۾ منصور جي ڏنل گودڙي اڇلائي وڌي هئي تہ درياھ مانو ٿي ويو هو.

شاھ لطيف جو هيٺيون بيت ان ڳالهہ جي گواهي ڏئي ٿو:

'جر ٿر تک تنوار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي'،
سڀيئي شيءِ ٿيا، سوريءَ سزاوار،
'همہ منصور هزار، ڪهڙا چاڙهئو چاڙهئين!'

(سر سهڻي، داستان 9، بيت1)

حڪومت عباسيہ کي اهو خطرو ۽ انديشو هو تہ حلاج جي حامين ۽ مريدن کي هن جو لاش مليو تہ ڪو فتنو برپا ڪندا، انڪري سندس لاش جلائي، رک دجلي درياھ ۾ ڦٽي ڪئي وئي هئي. منصور جي سِسي ٻن ڏينهن لاءِ بغداد جي پُل تي ٽنگي ويئي تہ جيئن باغي ماڻهو عبرت حاصل ڪن. اُن کان پوءِ اُن کي ٻين علائقن ۾ بہ موڪليو ويو.

منصور جي شهادت کانپوءِ بغداد جي شهر کي ماڻهن اٿلائي پٿلائي ڇڏيو. ملڪ جو امن امان تباھ ٿي ويو. حامد جا حامي ۽ منصور جا قاتل بغداد ڇڏي ڀڄي ويا. خليفي جي حرم تي ماٺ طاري ٿي وئي. خليفي جي ماءُ حلاج جي قتل کانپوءِ ويڳاڻي ٿي، حرم جي وڻن هيٺان ويٺي هوندي هئي. هن پنهنجي پٽ کان بہ منهن موڙي ڇڏيو هو. منصور جي سرَ کي هڪ سال تائين پنهنجي حفاظت ۾، خزاني ۾ رکيائين، ان کان پوءِ خراسان ۾ پنهنجي پاءُ جي حوالي ڪيائين، جنهن سندس قتل گاھ جي ويجهو زمين جي هڪ ٽُڪري ۾ منصور جي سِسي ۽ رک دفن ڪرائي، منصور جي زيارت گاھ ٺهرائي ڇڏي.

حڪمرانن، منصور کي عوام جي نظرن کان ڪيرائڻ لاءِ تقريرن ۽ تحريرن جا سلسلا جاري رکيا، ۽ هر طرح سندس ڪردارڪشيءَ جو طوفان برپا ڪيو ويو، پر منصور حلاج جي سچائي ۽ مقبوليت جي مشعل بردارن جو قافلو جيئن پوءِ تيئن روان دوان رهيو. ڏيئي مان ڏيئو ٻرندو رهيو. رياستي مشينريءَ تي قابض وزيراعظم 'نصر' هڪ ضابطو جاري ڪيو، جنهن موجب منصور جي پڙهڻ، ڏيڻ ۽ پوئلڳن کي ڪافر قرار ڏنو ويو ۽ مشهور ڪيو ويو تہ منصورَ کي 'قانون شريعت' موجب سزا ڏني وئي آهي، پر عوام ان ضابطي کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، نتيجي طور عوامي دٻاءَ کان مجبور ٿي، حڪومت کي اهو ضابطو واپس وٺڻو پيو. منصور جي ساٿين ۽ حامين رياستي ڏاڍاين جو بهادريءَ سان مقابلو ڪيو ۽ سندس فڪر ۽ شخصيت جو زبردست دفاع ڪيو. اهڙيءَ ريت دنيا ۾ منصور پنهنجي سرمدي ۽ لافاني وجود سان پوريءَ طرح اُڀري آيو:

سڀت پچار پرينءَ جي، سڀت هوت حضور،
ملڪ مڙيئي منصور، ڪُهي ڪهندين ڪيترا!

(سُر سُهڻي: داستان ستون، بيت 1 ۽ 2)

منصور جي شهادت ۽ سندس سر جي تدفين کان پوءِ، عباسي حڪومت جي رياستي اقتدار ۾ بہ ڇڪتاڻ شروع ٿي وئي. ڪمانڊر انچيف مونس، حنبلين کي ڇٽي ڇڏيو ۽ منصور جي حامين تي مڪمل

پابنديون مڙهيون ويون. خليفو بيوس ٿي ويو ۽ اها چڪتاڻ اڳتي هلي هڪ سياسي انقلاب ۾ بدلجي وئي. حڪومتي باغين مڪي کي تباھ ڪري ڇڏيو. مونس جي لالچ ۽ اقتداري خواهش جي ڪري سرڪاري خزانو پالهو ٿي ويو. حلاج جي دشمنن حڪومت جي اٿاھ دولت لٽي ورتي، ڪين يقين ٿي ويو هو تہ حلاج پنهنجي فڪر سميت دفن ٿي ويو، پر منصور جي سچن پيروڪارن ۽ مڃيندڙن جو قافلو روان دوان رهيو. منصور جي قاتلن سان نفرت وڌي وئي ۽ خراسان ۾ منصور جي زيارت گاھ عقيدت ۽ احترام جو مرڪز بنجي وئي.

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪئو،
اُن جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، اچيو آڳهہ اُن جي.

(سُر سريراڳ، داستان 2، بيت 2)

اُٿيو ۽ اُٿياڪ، ڪالهوڪر ڪاڏي گيو!
ويو جاڳائي جيڏيون، برھ هي بيباڪ،
چرڙ چائي چاڪ، سُور سمهاري ڪينڪي!

(سُر سسئي، ابيات متفرقہ ١، ڏيپلائي)

ابراهيم فاتڪ، منصور جون لکڻيون ۽ زباني ارشادات ڪنهن نموني ابن حداد تائين پهچايا. اهڙيءَ ريت منصور جي دوستن ۽ نظرياتي ساٿين رياستي ڏاڍ جو بيحد بهادريءَ سان مقابلو ڪري، منصور جي شخصيت ۽ فڪر جي حُرمت جي حفاظت ڪئي، سندس پيغام کي ڳجهي نموني هرهنڌ پهچايو ۽ منصور حلاج پنهنجي انقلابي وجود سان اڳ کان بہ اڳرو اُبري آيو. عالمن ۽ صوفين جي هڪ گروھ جنم ورتو، جنهن 'منصوري پيغام' کي دنيا ۾ عام ڪيو. منصور کي صوفين جو مرشد ۽ امام مڃيو ويو. عشق جي فلسفي جون نيون نيون تعبيرون ٿيڻ لڳيون ۽ منصور ايندڙ نسلن لاءِ 'عشق جو استعارو' بڻجي ويو. عرب جي سرزمين کان ايران تائين، ترڪيءَ کان وٺي چين تائين ۽ هند کان وٺي سنڌ تائين منصور جون 'فڪري سرحدون' وسيع ٿينديون ويون.

ويهين صديءَ ۾ مشهور فرينچ اسڪالر ۽ منصور حلاج تي اڌ صدي تحقيق ڪندڙ لوئي ماسونين منصور حلاج بابت پکڙيل اُنهن افسانوي ۽ ڪراماتي ڳالهين بابت هڪ خوبصورت عبارت لکي آهي:

"هي ڳالهيون جيتوڻيڪ افسانو لڳن ٿيون، پر ان جي باوجود حقيقت حقيقت آهي، جنهن کي بين افسانو بنائي ڇڏيو، ۽ اها حقيقت اها آهي تہ شهيد جو رتُ ٻج وانگر ٿيندو آهي ۽ هميشہ ڦل ڏيندو آهي. ان جو ڦل اهڙن جانبازن جي تربيت ڪندو آهي، جيڪي لاڳيتو جنگ جي حالت ۾ هوندا تہ جيئڻ شهادت جو جام پي سگهن."

شاھ لطيف بہ چا تہ خُوب چيو آهي:

اڳيان اڏين وٽ، پونين سِرَ سنباهيا،
ڪاٽ تہ پوين قبول ۾، مڇڻ پائين گهٽ،
مٿا مُهاين جا، پيا نہ ڏسئين پٽ؟
ڪلاڙڪي هٽ، ڪسڻ جو ڪوپ وهي!

(ڪلياڻ، داستان 2، بيت 17)

تاريخن لکيو آهي تہ حلاج جي شهادت کان پوءِ شبليءَ بيان ڪيو آهي تہ:

هٿ ڪٿي، اُن ڪري استعاراتي ٻوليءَ ۾ ڳالهائجي، پر منهنجي نظر ۾ لطيف سائينءَ جو مٿيون بيت، تشريحي، وضاحتي ۽ استعاراتي نہ آهي، پر سڌو سنئون 'واقعاتي ۽ حقيقت جو آئينہ دار' بيٺ آهي ۽ حسين بن منصور حلاج جي قربانيءَ جي ساک ۽ اهميت جو چٽو بيان آهي، جنهن موجب 'سِڪڻ وارن کي سر جو سانگو ڪرڻو ئي نہ آهي، پر ميدان تي سر ڏيڻو آهي، ۽ پوءِ ئي ڪين عشق جي دعويٰ (عشق جي شراب پيئڻ جي ڳالهہ) ڪرڻي آهي.'

هيٺ آءٌ منصور جي اُها شاعري ڏيان ٿو، جنهن جو شاهہ لطيف نہ رڳو اثر ورتو آهي، پر ڪيترن شعرن جو پنهنجي تخليقي ٻوليءَ ۾ ترجمو يا اُلٿو (adoption) بہ ڪيو آهي:

(1) عَجِبْتَ مِنکَ وَ مِني،
افنيتني بِک عِني،
ادنيتني منک حتيٰ
ظننت اِنکَ اِني.

[مون کي توتي ۽ پاڻ تي تعجب آهي، تو پاڻ سان مشغول ڪري مون کي پاڻ ۾ فنا ڪري ڇڏيو آهي. تو مون کي پاڻ سان ايترو ويجهو ڪيو آهي، جو مون کي گمان ٿيڻ لڳو آهي تہ 'تون' مان آهيان!]

(2) رَأيتَ رَبي بعين قلب
فقُلت من انت؟ قال انت!

[مون رب کي دل جي اک سان ڏٺو،
مون چيو تون ڪير آهين؟ هن چيو 'تون'.]

(3) وَ فِي فنا ئي فَنا فنائي،
و في فنائي وجدت انت!

[منهنجي فنا منهنجي فنا آهي،
۽ منهنجي فنا ۾ تنهنجو وجود آهي.]

I am that whom I love and when I love I am that we are two souls, one body.

(4) اقتلو ني يا ثقاتي،
اِنّ في قتلي حياتي،
و مماتي، في حياتي،
و حياتي في مماتي،

[ مون کي قتل ڪريو، منهنجا ساٿيو،
جو منهنجو قتل ئي منهنجي حياتي آهي،
منهنجو موت، منهنجي حيات ۾ آهي،
منهنجي حيات منهنجي موت ۾ آهي.]

(5) القاة في اليم، مکتوفاً و قال له
اياکَ اياکَ ان تبتل بالماءِ!

[منهنجا هٿ پير ٻڌي مون کي درياهہ ۾ اڇلي ڇڏيائون
۽ پوءِ چوڻ لڳو تہ پاڻ نہ پُسائج.]

(6) ذاک العليم، بما لاقيت من دنف
وفــي مشيئة موتي و احيائي.

حسين بن منصور حلاج لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هن 47 ڪتاب لکيا هئا، جن جو وڏو تعداد ساڙيو ويو هو. انهن ڪتابن مان سڀ کان مشهور ڪتاب 'طواسين' هن 916ع کان 920ع ڌاري لکيو هو، جنهن جو مشهور فرينچ عالم، موسيو ماسينون 1993ع ۾ ترجمو ڪيو هو. هيءُ ڪتاب عربي ٻوليءَ ۾ نثري نظم جي فارميٽ ۾ آهي، جنهن جي هڪ باب ۾ 'شيطان' جي هيئينءَ ريت ساراهہ موجود آهي:

"ابليس منهنجو دوست ۽ فرعون سندم اُستاد،
ابليس کي دوزخ جو ڏڙڪو ڏنو ويو،
پر هو پوئتي نہ هٽيو.
"الله شيطان کي چيو: اي خبيث! تون سجدو نہ ٿو ڪرين؟
شيطان وراڻيو: نہ تہ! مون کي عاشق ڪوٺ!
عاشقن سان نفرت ڪئي ويندي آهي، انڪري
تُون بہ مون کي ڌڪارين ٿو؟"

شاهہ لطيف جو 'شيطان' بابت هيئين بيت مطالعي ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ لطيف 'منصوري فڪر' کي ڪيترو نہ ڳوڙهو قبول ڪيو آهي:

عاشق عزازيل، ٻيا مڙيئي سڌڙيا،
منجهان سڪ سبيل، لعنتي لعل ٿيو!

(يمن ڪلياڻ، داستان 5، بيت 24)

شاهہ جو هيءُ بيت، جيتوڻيڪ ڪيترن قلمي نسخن ۽ ڇاپي رسالن ۾ موجود آهي، پر ان کي 'اعليٰ معيار جو نہ سمجهندي'، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 'شاهہ جي رسالي/ ڪلام' مان ئي خارج ڪري ڇڏيو آهي، ان لاءِ هن بنهہ ڪمزور دليل ڏنو آهي تہ بيت جا قافيا 'عزازيل' ۽ 'سبيل' اعليٰ معيار جا نہ آهن، (ان ڪري) هيءُ بيت ڪنهن پڙهيل (شخص) شاهہ کان پوءِ چيو. (رسالي جو ڪلام: جلد ڏهون: ص 274)

منهنجيءَ نظر ۾ هيءُ بيت نہ رڳو شاهہ لطيف جو آهي، پر اُن جا قافيا بہ معقول ۽ مناسب آهن، وڏي ڳالهہ تہ منصور حلاج جي شعر جو تفسير 'ڪُوزي ۾ بند' ڪري ٻہ سٽي بيت ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

اهڙي طرح ڊاڪٽر صاحب شاهہ جا سُر ڪلياڻ (داستان پهرئين، ٻئي، ٽئين، چوٿين)، سُر آسا (داستان 4 ۽ 7)، سُر سهڻي (داستان نائين) ۽ سُر رامڪليءَ جا ڪجهہ بيت بہ 'رسالي جو ڪلام' ڄاڻائي رسالي مان ڪڍي ڇڏيا آهن، جيڪي بيت، ٻوليءَ، ڊڪشن، قدامت، مفهوم ۽ فڪري اعتبار کان شاهہ صاحب جا ئي آهن.

منهنجو هتي مقصد، 'رسالي جي ڪلام/ ڌارئين ڪلام' جي حوالي سان، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق تي ڪا تنقيد ڪرڻ نہ آهي، بلڪ آءٌ هتي صرف اُهي بيت پيش ڪريان ٿو، جيڪي مون منصور حلاج جي داستان ۾، متن ۾ پيش ڪيا آهن، جن بيتن جو فڪري پسمنظر 'منصوري مام' ۽ 'منصوري مقام' سان آهي ۽ جن جي صحت ڪنهن بہ صورت ۾ ڪمزور نہ آهي، ۽ اُهي بيت هر صورت ۾ شاهہ جا آهن. مثال طور

جان جان سي نہ لتاءِ، جي لياڪا لوڪَ جا،
تان تان ٿئي نہ ماءِ، پُورو پسڻ پرينءَ جو!
(سُر ڪلياڻ)

هيءُ بيت آءٌ مٿي، شبليءَ جي منصور کي گل هڻڻ ۽ منصور کان سوال پڇڻ واري موقعي تي ڏئي آيو آهيان.

مَڏُ پيئندي مون، ساجن سهي سڃاتو!

(وائي: سُر يمن ڪلياڻ، داستان ٽئون)

هيءُ وائي بہ ٻولي، اسلوب توڙي مفهوم ۾ منصوري فڪر ۽ مقام جي حوالي سان، شاهہ صاحب جي هڪ شاهڪار وائي آهي، ۽ آءٌ ڪنهن بہ صورت ۾ اُن کي رسالي مان خارج نہ ٿو سمجهان.

مون کي مون پرين، ٻڏي وڏو ٻار ۾،
آيا ائين چون، مچڻ پاند پُسائين!

(سُر آسا، داستان 4، بيت 38)

هيءُ بيت بہ ڊاڪٽر صاحب جي تحقيق موجب تمام گهڻن رسالن ۾ موجود آهي، پر اُن کي رسالي مان خارج ڪرڻ جا ڊاڪٽر صاحب جا دليل منهنجي نظر ۾ بنهہ ڪمزور آهن، جي هن ريت آهن:

(i) معنيٰ جي لحاظ کان هي بيت هيٺئين فارسي فرد جو جڻ سنڌي ترجمو آهي:

تو مرا قعردر يا تختہ بنده كرده اي
باز مي گوئي كہ دامن ترمكن، هوشيار باش!

[اصل ۾ 'درميانِ قعر دريا'.....آهي، نہ 'تو مرا قعرِ دريا']

(ii) مرحوم 'ڪمون ڪوريءَ' جي روايت موجب وڏا فقير چوندا هئا تہ ڪنهن فقيرَ، هي بيت شاهہ صاحب جي آڏو پڙهيو، جنهن جي جواب ۾ شاهہ صاحب هيٺيون بيت چيو:

پيو جو پاتارِ، سو پُسڻان ئي پالهو رهي،
سالڪ مون سيڪار، ڪو پهہ اُنهيءَ پاند جو.

(سُر آسا، داستان 4، بيت 39)

(iii) سُلوڪ جي رهاڻ ۾ اهڙن آمهون سامهون چيل بيتن بابت خاطريءَ سان چئي نہ ٿو سگهجي تہ شاهہ صاحب ۽ ڪنهن ٻئي فقير جي وچ ۾ اهي بيت هليا.

(رسالي جو ڪلام، جلد ڏهون: ص 909)

هن بيت کي اُنڪري رد ڪرڻ تہ 'اُهو فارسيءَ جي فرد جو جڻ سنڌي ترجمو آهي'، ۽ 'ڪمون فقير جي روايت موجب ڪنهن فقير شاهہ جي آڏو اهو بيت پڙهيو هو، جنهن جي جواب ۾ شاهہ صاحب ٻيو بيت پڙهيو هو'. انڪري اهڙا آمهون سامهون چيل بيت شاهہ جا نہ ٿا ٿي سگهن، ڪو وزندار علمي دليل نہ آهي. هي بيت نہ رڳو ٻوليءَ، مفهوم ۽ اسلوب جي لحاظ کان شاهہ لطيف جو آهي، پر منهنجي ۽ سيد علي مير شاهہ جي راءِ موجب سؤ سيڪڙو شاهہ صاحب جو تہ آهي، پر هي بيت منصور حلاج جي هيٺئين بيت جو تُز تخليقي ترجمو پڻ آهي:

القاة في اليم، مكتوفاً و قال له
اياكَ اياكَ ان تبتل بالماءِ!

[منهنجا هٿ پير ٻڌي مون کي درياهہ ۾ اڇلي ڇڏيائون
۽ پوءِ چوڻ لڳو تہ پاڻ نہ پُسائج.]

دراصل ڪنهن پيشرو صوفي شاعر جي شعر جو ترجمو ڪرڻ ڪو ڏوهہ نهي، جڏهن تہ شاهہ صاحب جو ترجمو، ترجمو گهٽ، پر تخليقي شعر وڌيڪ لڳي ٿو.

آءٌ هيٺ شاهہ لطيف جا مختلف سُرن مان ڪجهہ بيت ڏيان ٿو، جيڪي منصوري فڪر جو پڙاڏو، تفسير آهن، ۽ منصوري مام ۽ مقام جو ڏس ۽ گسُ ڏين ٿا ۽ واضح ڪن ٿا تہ شاهہ لطيف روميءَ وانگر ئي منصور جو وڏو مداح ۽ سنڌس فڪري رستي جو پيروڪار هو. هن منصوري فڪر جي گهري ساگر ۾ ٽٻيون هڻي، اسان کي ڪيترا املهہ ماڻڪ ۽ موتي آڇيا آهن، ڇو تہ شاهہ لطيف، هڪ 'مفڪر' شاعر هو. سنڌي عالم سيد علي مير شاهہ وڏو عالم شخص هو، پر هُو شريعت جو صاحب هو، انڪري هو منصور حلاج جي ڪيتري ڪلام کي 'شطحيات' ۾ شامل ڪري ٿو، پر جڏهن هو شاهہ ۽ منصور جي ڪلام جي ڀيٽ ڪري ٿو تہ ڪيس بہ حق جو اظهار هنن لفظن ۾ ڪرڻو پوي ٿو تہ:

”هُن (شاهه) جي سُر ڪلياڻ جي پڙهڻ سان محسوس ٿو ٿئي تہ هن جي حقيقت بين نگاه ابن منصور جي توحيد، عشق، اذيت ۽ فنا وارن نظرين کان آگاهه آهي.“

اچو تہ آخر ۾ شاهه لطيف جي منصوري فڪر جي پڙاڏي، تفسير ۽ تشريح وارن بيتن جو مطالعو ڪريون:

اگهي اگهيائي، رنج پريان کي رسيو!
چڪيم چڳائي، سورانگهي سُوريءَ تان!

(ڪلياڻ، داستان 2، بيت 1)

ڪاتي جن ڳري، مان لنؤ لڳي تن سين،
محبت جي ميدان ۾، وڃان پير پري،
اڏيءَ سِرُ ڌري، مان ڪُهنئون سپرين!

(داستان 2، بيت 15)

جي اٿئي سَڌ سُرڪَ جي، تہ ونءُ ڪلاڙڪي ڪٺي،
لاهي رک لطيف چئي، مٿو وٽ ماٽي،
تِڪَ ڏئي پِڪ پيءُ تون، منجهان گهوٽ! گهٽي،
جو وَرنهہ وهٽي، سو سِر وٽ سَرو ساهنگو!

(سُر ڪلياڻ، داستان 2، بيت 18)

جي اٿئي سڌ سُرڪ جي، تہ ونءُ ڪلاڙڪي هٽِ،
لاهي رکُ لطيف چئي، مٿو ماٽي وٽ،
سرُ ڏئي منجهہ سٽ، پيئج ڪي پياليون!

(سُر ڪلياڻ، داستان 2، بيت 19)

جي اٿئي سڌ سُرڪ جي، تہ ونءُ ڪلاڙڪيءَ ڪُوءِ،
مهيسر جي منڌ جي، هُتِ هڏهين هُوءِ،
جان رمز پروڙيم رُوءِ، تان سِروٽ سُرڪي سُڳٽي!

(سُر ڪلياڻ، داستان 2، بيت 20)

جي اٿئي سَڌ سُرڪ جي، تہ ونءُ ڪلاڙڪي گهرِ،
وڍڻ، چيرڻ، چچرڻ، پهتِ اُنينءَ جي پَرِ،
جي وَٽي پوئي وَرِ، تہ سهنگي آهہ 'سيد' چئي!

(سُر ڪلياڻ، داستان 2، بيت 21)

ناٽي ناهہ ڪڪوهہ کي، ملهہ مهانگو منڌ،
سنباهج سيد چئي، ڪاٽڻ ڪارڻ ڪنڌ،
هي تنين جو هنڌ، مٽن پاس مَرن جي!

(سُر ڪلياڻ، داستان 2، بيت 22)

نہ ڪر سَڌ شراب جي، جي تون ٽارين ٽوهہ،
پيتي جهين پاسي ٿئي، منجهان رڳن رُوح،
ڪٽي چڪ ڪڪوهہ، لاهي سِرُ لطيف چئي!

(سُر ڪلياڻ، داستان 2، بيت 24)

ڪُهن ۽ ڪوٺين، اي پر سندي سڄڻين،
سُوريءَ چڙهيو سُپرين، ڏنبَ ڏهاڻي ڏين،
وينا وِرهُ وَٺين، آءٌ، واڍوڙيا! وهاءِ تون.

(سُر ڪلياڻ، داستان 3، بيت 21)

سوريءَ سڏ ڪنو، ڪا هلندي جيڏيون!
وجڻ تِن پيو، نالو نينهن ڳنهن جي.

(ڪلياڻ: داستان 2، بيت 3)

اڪيون اوڏاهين ڪٺي، جيڏانهن قاتل ڪُل،
مٿون ڪن نہ مُل، پڪ برابر پانهنجو!

(يمن ڪلياڻ، داستان 4، بيت 6)

قاتل ڪمائي ڪري، وِهہ ماڪي جي ڪن،
وٽان ويهي تن، پيئج ڪي پياليون.

(يمن ڪلياڻ، داستان 4، بيت 7)

سر ڏيئي سٽ جوڙ، ڪنهن پر ڪلالن سين،
ڪاتي ڪرٽ ڪپارَ ۾، خنجر آڻي ڪوڙ،
مرٽا منهن نہ موڙ، وٽي ٽي وڌ لهي!

(سُر يمن ڪلياڻ، داستان 4، بيت 38)

وَٽ وٽ وٽيءَ ۾، مِٽ مِٽ مڏ ٻيو،
قدرُ ڪيف ڪلال جو، پياڪن پيو،
اڃن ٽُرس دڪان تي، ڪنڌ قبول ڪيو،
سرها سِر ڏيو، چکن سُرڪ سيد چئي!

(سُر يمن ڪلياڻ، داستان 4، بيت 39)

جي ڪُلاهہ رکين ڪنڌ تي، تہ صوفي سلم ٿيءُ،
وِهہَ وٽي هٿ ڪري، پُر پيالو پيءُ،
هنڌ تنين جو هيءُ، جن حاصل ڪيو حال ڪي!

(سُر يمن ڪلياڻ، داستان 5، بيت 8)

جي هون پلئين ڪانُ ڪمان ۾، تہ سينو سپر رک،
منهن ۾ معشوقن جا، چاڪ چَڪا چڪ،
سوريءَ پانءِ م شڪ، عاشق ٿي تہ اُبهين!

(سُر يمن ڪلياڻ، داستان 6، بيت 7)

جي هو پلئين ڪان ڪمان ۾، تہ سينو سپر ڏيج،
منهن ۾ معشوقن جا، جهالُو ٽي جهليج،
پاهان پڳ م ڏيج، عاشق ٿي تہ اُبهين!

(سُر يمن ڪلياڻ، داستان 6، بيت 8)

جي هو پلئين ڪان ڪمانُ ۾، تہ نيئي ڏج سينو،
ڪجي نہ ڪينو، رجي در دوستن جي!

(سُر يمن ڪلياڻ، داستان 6، بيت 9)

مون بيتن جي چونڊ جي سلسلي ۾ اجا بہ اختصار کان ڪم ورتو آهي، نہ تہ شاهہ جي سُر ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ ۽ ٻين سُرن ۾ ڪافي بيت اهڙا موجود آهن، جيڪي منصوري تعليمات ۽ فڪر جا عڪاس ۽ ترجمان آهن. بهرحال، منهنجي نظر ۾، شاهہ لطيف، حسين بن منصور حلاج جو وڏي ۾ وڏو شارح هو، ۽ ان حوالي سان اجا وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي، مون تہ شاهہ صاحب جي ان هدايت تي عمل ڪيو آهي تہ:

’جي ماسو جُڙئي مال، تہ پُوڄارا پُر ٿئين!‘

## مددي ڪتاب


1. ’شاهہ جو رسالو‘: (پاڪيٽ سائيز)، محمد عثمان ڏيپلائي، ڇاپو ٻيو، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، 2009.
2. ’شاهہ جو رسالو‘: (جلد 8-9)، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت، حيدرآباد، سنڌ، 1999.
3. ’شاهہ جو رسالو‘/’رسالي جو ڪلام‘ (جلد 10)، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت، 1996.
4. ’شاهہ جو رسالو‘، ڪلياڻ آڏواڻي، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2006.
5. ’مقدمہ لطيفي‘، ڊاڪٽر هہ. م. گربخشاڻي، 1933.
6. رسالو سچل سرمست، سنڌي ڪلام، مولانا محمد صادق راڻيپوري، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1959.
7. ’حسين بن منصور حلاج‘: علي مير شاهہ، يادگار پبليڪيشن، حيدرآباد، نومبر 1990.
8. ’سيرت منصور‘: خانصاحب آغا تاج محمد، آر.ايچ. احمد اينڊ برادرس، شاهي بازار، حيدرآباد، 1964.
9. ’منصورِ حلاج‘: يونس اديب، مترجم خالد چانڊيو، موهن جو دڙو پبلشنگ ايجنسي، لاڙڪاڻو، 2001.
10. ’داستانِ حلاج‘: الطاف ملڪاڻي، سنڌ بڪ ڪلب، حيدرآباد، 2002.
11. ’عشق جو آواز‘: حسين بن منصور حلاج- سُرود: جميل هاشمي، مترجم، لطيف اياز ’ابن حيات‘ پنهور، سنڌ دوست پبلشرز، ڪراچي، 2006.
12. 'شہید انا الحق: حسین بن منصور حلاج'، غفار بھٹو، علی مرتضیٰ پبلیکیشن، کراچی، ۲۰۰۵.
13. 'امام انقلاب- منصور حلاج': یونس ادیب، ادبستان لاہور، ستمبر ۱۹۷۹.
14. 'حیات وکلام حسین بن منصور حلاج': مرتبین: شیما مجید، علامہ جاوید، علم و عرفان پبلشرز لاہور، جولاء، ۲۰۰٦.
15. 'تذکرہ حسین بن منصور حلاج': ڈاکٹر شاہد مختار، شاہد پبلیکیشنز، ملتان روڈ، لاہور.
16. 'دشتے سُوس': جمیلہ ہاشمی، سنگ میل پبلیکیشنز، لاہور، ۲۰۰۲.
17. "Dewan of Great Mystic Saint Martyr of Islam, Nur-e-Jahan Hussain Bin Mansoor Halaj, Baghdadi Rendering in English; Nazir A. Channa.


◙

نذير شاڪر بروهي (قسط_1)

# چانڊڪا پرڳڻو

**(نالي جي تاريخي قدامت، معنيٰ ۽ ان سان مُتصل پرڳڻن ۽ جاگيرن جو تاريخي ۽ تحقيقي مطالعو)**

سنڌ جي مجموعي، هر خطي، شهر، علائقي ۽ قبائلي تاريخي ڪارنامن ۽ ڪردارن جي تاريخ غور طلب ۽ تحقيق طلب آهي. ڇو ته، جڏهن اسان سنڌ جي مجموعي تاريخ جي برعڪس شهرن ۽ ان ۾ بودوباش رکندڙ قبيلن جي تاريخ تي نظر وجهون ٿا ته اسان کي سنڌ جي مجموعي تاريخ ۾ ڪي اوڻايون ۽ تضاد به نظر اچن ٿا. مثلاً: 1739ع ۾ نادر شاهه سنڌ تي حملو ڪري ٿو. هو روهڙيءَ وٽان درياهه اُڪري نوشهرو ابڙو (لڳ ڳڙهي ياسين) ۾ پڙاءُ وجهي ٿو پر سنڌ جي مؤرخن نوشهرو ابڙي جي بدران نوشهرو فيروز ـ سي ڇڏيو آهي. اهڙي طرح سورهين صديءَ جي پهرين چوٿائيءَ ۾ شڪارپور لڳ لکيءَ ۾ مهرن جي سرداري هئي، جتي اڄان به مهر سردارن جا پونئر موجود آهن، پر هاڻي مهر قبيلي جي سرداري خان ڳڙهه ڪڏهن، ڪيئن ۽ ڇو منتقل ٿي؟ هي ۽ اهڙا ٻيا انيڪ سنڌ جي مجموعي تاريخ ۾ حل طلب سوال آهن، جن جا مقامي ۽ قبائلي تواريخ ۾ جواب موجود آهن، پر مجموعي طور سنڌ جي تاريخ ۾ انهن جا جواب ۽ جواز اڻ لڀ آهن. اهو ڇو، ۽ ڇا لاءِ؟ ان جو واحد حل ۽ جواب اهو آهي ته جيستائين اسان سنڌ جي هر خطي، علائقي ۽ شهرن ۾ بودوباش رکندڙ قبيلن ۽ ذاتين جي تاريخي ڪارنامن جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو نه وٺنداسين، تيستائين سنڌ جي مجموعي تاريخ کي پنهنجي اصل روپ ۽ سچائيءَ سان لکي نه سگهنداسين. جي ائين نه ڪيو ويو ته پوءِ ڪيترائي اهم ۽ حقيقي تاريخي گوشا ۽ واقعا پردي پويان ڍڪجي ۽ اسان جي اکين کان اوجهل رهي، هميشه لاءِ گم ٿي ويندا ۽ اسان هميشه تضادي واقعن ۽ انومانن ۽ غلط روايتن جي آڌار تي غلط تاريخي واقعن کي وَرِوَرِ لکڻ تي مجبور هونداسين. اشپينسگلر صحيح چيو آهي ته:

> "دنيا جي تاريخ، شهرن جي تاريخ آهي شهرن جي ثقافت، ڪنهن به عُهد جي نمائنده ثقافت هوندي آهي. شهرن ۾ ئي سياست جا سمورا ڊراما ڪيڏيا ويندا آهن ۽ شهرن ۾ ئي تجارت ۽ صنعت ۽ ڏيڻ وٺڻ جا ذريعا معاشري جي معاشي زندگي کي ڪنٽرول ڪيو ويندو آهي. ان لاءِ مؤرخ جي نظر صرف شهرن تي هوندي آهي.........(1)."

اهڙي طرح سنڌ جي مجموعي تاريخ ۾ چانڊڪا، چانڊڪو، چانبوڪي (جنهن کي سنڌ جي مؤرخن موجوده لاڙڪاڻو تصور ڪيو آهي) ۾ چانڊيا قبيلي جي آمد، ڪردار ۽ سندن نالي پٺيان "چانڊڪو، چانڊڪا، چانبوڪي ۽ چانبڪي" نالا/ نالو مشهور ٿيڻ واري روايت وارا متضاد علمي ۽ تاريخي مونجهارا حل طلب ۽ تحقيق طلب موضوع آهن. ڇو ته، ڇا واقعي چانڊڪو، چانبوڪي يا چانڊڪا نالا يا نالو "چانڊيا" قبيلي جي نالي جي وجهه کان (يا لفظ چانڊيا جي تبديل ٿيل صورت آهي) مشهور ٿيو، يا اها قبائلي روايت تاريخي حقائق ۽ شاهدين جي روءِ سان بي بنياد آهي ڇو ته تاريخي طور اها ڳالهه تسليم ڪئي وڃي ٿي ته زباني روايتون تاريخ نه آهن ۽ نه ئي اُهي تاريخ جي زُمري ۾ اچن ٿيون، جيئن ڊاڪٽر مبارڪ علي تحرير ڪري ٿو ته:

> "شروعاتي تاريخي سرمايو زباني روايتن تي ٻڌل هوندو. ماڻهو اهم واقعن ۽ حادثن کي ياد ڪندا هئا ۽ انهن واقعن ۽ حادثن مان دور جو تعين ڪندا هئا۔ زباني روايتن، قصن ۽

ڪهاڻين ۾ اها خرابي هئي تہ نسل بعد نسل انهن ۾ صداقت گهٽ ۽ مبالغو ۽ تخيل وڌيڪ هوندو هو ۽ هر نسل ان ۾ پنهنجي خواهشن، جذبن ۽ اُمنگن جو آزادانہ استعمال ڪري انهن جي حقيقي شڪل کي تبديل ڪندا هئا. ان لاءِ چيو ويندو آهي تہ نسلن کان پوءِ زباني روايت ۾ سچائي گهٽ ۽ اضافا (يعني ڪوڙ) گهڻا هوندا آهن. صرف زباني روايتن سان تاريخ کي مڪمل طور محفوظ نہ ٿو رکيو وڃي. ڇو تہ وقت سان گڏوگڏ واقعن کي وساري ڇڏي سگهجي ٿو، اڪثر واقعن کي اڳتي پوئتي ڪيو ويندو آهي. زباني روايتن ۾ جيئن تہ واقعن کي سن وار ۽ تاريخ سان پيش نہ ٿو ڪيو وڃي، ان لاءِ هي تاريخ جي زُمري ۾ نہ ٿا اچن. صرف اهي واقعا جيڪي تاريخ ۽ سَنَ سان بيان ٿيل هجن، اهڙا واقعا تاريخ جي دائري ۾ اچي وڃن ٿا..........(2).“

هن مقالي ۾ چانڊيا قبيلي جي نسلي بنياد، چانڊڪا ۾ سندن آمد ۽ ڪين جاگير ملڻ وارن واقعن جو مستند تاريخي ماخذن جي بنياد تي تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو وٺي، اصل تاريخي حقائق کي سامهون آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

**چانڊڪا، چانڊڪو، چانڊوڪي نالن جي مختلف صورتن جو تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس:**

چانڊڪا، چانڊڪو، چانڊوڪي علائقي يا پرڳڻي تي نالو ڪڏهن، ڇو ۽ ڪنهن وڌو يا پيو؟ ان باري ۾ ڪا حتمي ۽ ٺوس تاريخي شاهدي ۽ ثبوت مُيسر نہ آهن، پر تاريخي قدامت ۽ محتاط مطالعي جي حوالي سان چانڊڪا نالي جي پهرين صورت ”چندوڪ“ نالي 1560ع ڌاري ملي ٿي (3).

ان مان اها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ: ”چندوڪ“ نالو 1560ع کان اڳ مروج ۽ مستعمل هو، جو سيد مير محمد اِن جو نالو تحرير ڪيو آهي. 1560ع کان اڳ ”چندوڪ“ نالي جي باري ۾ ڪا تاريخي شاهدي دستياب نہ ٿي سگهي آهي. ان کان بعد ابوالفضل 1579ع ۾ ان جي صورت ”چاندوڪ“ لکيو آهي (4). مير محمد معصوم بکري 1600ع ۾ مٿين ٻنهي مؤرخن جي پيش ڪيل صورتن کان بلڪل مختلف ۽ سنڌي صورت ”چانڊوڪي“ ڪتب آندو آهي (5). يوسف ميرڪ 1634ع ۾ ”چانڊڪا“ لفظ لکيو آهي (6). محمد ڪاظم ”عالمگيرنامہ“ ۾ ”ولايت چاند خان“ ۽ ”چانديان“ بہ صورتون تحرير ڪيون آهن (7). ميين شاهہ عنايت تقريباً 1657ع ۾ ”چانڊُڪِي“ لفظ پنهنجي شعر ۾ ڪتب آندو آهي (8). ميان نور محمد ڪلهوڙي 1750ع ۾ ”چانڊڪو“ لفظ لکيو آهي (9). ”باقيات از احوال ڪلهوڙہ“ جيڪو 1757ع ۾ لکيو ويو، تنهن ۾ ”چاندوڪ“ نالو درج آهي (10). مير علي شير قانع 1767ع ۾ مير محمد معصوم بکريءَ جي ڏنل صورت ”چانڊوڪي“ نقل ڪئي آهي (11). ”ماثر الامراء“ 1780ع ۾ ”چاندو“ لفظ ڪتب آندو آهي (12). هينري پاٽنجر 1816ع ۾ ”چانڊڪا“ لفظ تحرير ڪيو آهي (13). اليگزنڊر برنس 1831ع ۾ ”چانڊوڪي“ لفظ لکيو آهي (14). ٽي. پوسٽنس 1843ع ۾ ”چانڊڪا“ نالو تحرير ڪيو آهي (15). ٿارٽن 1844ع ۾ ”چانڊڪوہ“ (Chandkoh) ۽ چانڊوڪي/چندوڪي (Chandookee) لفظ ڪتب آندا آهن (16)، جنهن کي ڊاڪٽر ايس. پي ڇبلاڻي غلطيءَ وچان ”چندوڪا“ تحرير ڪيو آهي (17). منشي عطا محمد 1854ع ۾ ”چانڊڪا“ لفظ تحرير ڪيو آهي (18). هيوگز ٿامس 1855ع ۾ چندوڪوہ (Chandookoh) لفظ استعمال ڪيو آهي(19). اي. ڊبليو هيوگز 1876ع ۾ ”چانڊوڪا“ ۽ ”چانڊڪو“ صورتون ڪتب آنديون آهي (20). خداداد خان

1900ع ۾ "چانڊڪا" لفظ استعمال ڪيو آهي (21). اي. ايچ ايٽڪن 1907ع ۾ "چانڊڪا" لفظ تحرير ڪيو آهي(22). ڊبليو سمٿ 1919ع ۾ "چانڊڪا" صورت تحرير ڪئي آهي (23). مرزا قليچ بيگ 1925ع ۾ "چانڊڪو" لفظ ڪتب آندو آهي (24).

مٿي چانڊڪا نالي جي تاريخي. اڀياس بعد هيٺيون تيرنهن صورتون سامهون اچن ٿيون:

چندوڪ، جاندول، چانڊوڪي، چانڊڪا، ولايت چاند خان، چانڊيان، چانڊڪو، چانڊوڪ، چاندو، چاند ڪوهه، چندوڪي، چندوڪا ۽ چندوڪوهه.

## چانڊڪا نالي کي چانڊيا قبيلي ڏانهن منسوب ڪرڻ جي روايت جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو:

تاريخي شاهدين ۽ ٺوس ثبوتن جي آڌار تي "نصرت نامه ترخان" يعني 1560ع کان وٺي هينري پاٽنجر جو 1816ع ۾ سنڌ جي سياحت ڪرڻ تائين ٽوٽل ٻه سؤ ڇاونجاهه سالن جي سموري عرصي ۾ سنڌ ۽ هند جي ڪنهن به مؤرخ چانڊڪا، چانڊوڪي نالي يا نالن کي چانڊيا قبيلي ڏانهن منسوب نه ڪيو آهي، ۽ نه ئي ڪنهن اهڙو اشارو ڪيو آهي ته ڪو اهي نالا /نالو چانڊيا قبيلي جي نالي تان پيا آهن/آهي يا اهي چانڊيا لفظ جي تبديل ٿيل صورتون آهن. مير علي شير قانع سنه 1767ع ۾ "چانڊڪي" جي متعلق لکي ٿو ته:

"چانڊين جي لڏي وڃڻ کان پوءِ چانڊوڪي جي زمين جي زمينداري ڪيس (آدم شاهه ڪلهوڙي کي) وٺي (خان خانان وٽي) ڏني..... (25)."

مير قانع جي بيان مان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته چانڊوڪي ۾ چانڊيا بودوباش رکندڙ هئا. پر ان ڳالهه جي طرف ڪوبه اشارو ڪونه ڏنو اٿس ته "چانڊوڪي" علائقو/ پرڳڻو چانڊين جي نالي تان مشهور ٿيو.

چانڊڪا، چانڊوڪي نالي/نالن کي پهريون دفعو چانڊيا قبيلي جي نالي منسوب ڪرڻ جو بيان انگريز سياح اليگزينڊر برنس 1831ع ۾ پيش ڪيو آهي، هو لکي ٿو ته:

"سنڌوءَ جي اولهه پاسي وارو علائقو..... چانڊڪي نالي سان مشهور آهي جيڪو بلوچ قبيلي جي پنيان سڏيو وڃي ٿو....... (26)."

اليگزينڊر برنس هيءُ مٿيون بيان ڪنهن کان ٻڌو ۽ ڪٿان نقل ڪيو آهي، ان متعلق خود سياح ئي ٻڌائي نه سگهيو آهي. حالانڪ موصوف کان پندرنهن سال اڳ هينري پاٽنجر پنهنجو سفرنامو لکيو هو، جنهن جي به ڪيس پوري خبر هئي. هينري پاٽنجر اهڙو ڪوبه اشارو ڪونه ڏنو آهي ته ڪو چانڊڪا، چانڊين جي نالي تان مشهور ٿيو. برنس کي ان کان علاوه سنڌ جي روايتي تاريخي ماخذن جي پڻ پوري ڄاڻ هئي، جيئن هو پاڻ ان متعلق لکي ٿو ته:

"ٺٽي شهر ۾، اسان سان مُلن جو جٿو اڳي اچي مليو. اسان جي تقاضا ڪرڻ تي وڪري لاءِ ڪتاب کڻي پهتا هئا. انهن ڪتابن ۾ مون کي "چچ نامو" ۽ "تحفة الڪرام" ڏسڻ ۾ آيا، جيڪي سنڌ جي تاريخ جا مشهور ڪتاب هئا............ (27)."

انهن مٿين ڪتابن ۾ پڻ اهڙو ڪوبه واضح اشارو ڏنل نه آهي ته چانڊڪا، چانڊيا نالي جي تبديل ٿيل صورت آهي.

ان کان بعد ٿارٽن سنہ 1844ع ۾ پهريون انگريز هو، جنهن برنس جي تحرير تي انڌو اعتماد ڪري چانڊڪا کي چانڊين جي نالي ڏانهن منسوب ڪرڻ واري روايت يا بيان کي پنهنجي ڪتاب ۾ لکي، اڻ سڌيءَ طرح ان کي تسليم ڪرڻ جو جواز پيدا ڪيو. حالانڪ هيءَ بہ برنس وانگر "نصرت نامہ ترخان" کان وٺي هينري پاٽنجر جي سفرنامي تائين ڪتابن کي نظر مان ڪڍڻ جي تڪليف نہ ڪئي (28). هيوگز ٿامس 1855ع "چانڊڪا پرڳڻي" تي هڪ اهم رپورٽ ترتيب ڏني. ان ۾ بہ هن اليگزنڊر برنس ۽ ٿارٽن جي بيانن کي بغير تحقيقي ۽ سنڌ جي پرکڻ کان سواءِ ئيقبول ڪري، تحرير ڪيائين تہ:

"The Chandookah purguna so called
from the tribe of Chandias who
formerly occupied the greater
part of it........ (..)."

هيوگز ٿامس اڳتي لکي ٿو تہ:

"The Chandias, from when the
district is called......... (30)."

اي. ڊبليو هيوگز 1876ع ۾ "سنڌ صوبي جو گزيٽيئر" مرتب ڪيو، جنهن ۾ هن پڻ بغير تحقيق ۽ سنڌ جي، صرف برنس، ٿارٽن ۽ ٿامس جي بيانن کي اکيون پوري نقل ڪيائين ۽ لکيائين تہ:

"The Chandias have long been established in this part of the division, formerly known as Chandko...... (31)."

هو اڳتي لکي ٿو تہ:

"The Chandias...... are still numerous and it is from them that this part of the country obtained the name of Chanduka or chandko............. (32)."

ان کان بعد خداداد خان (33)، اي. ايڇ ايٽڪن (34)، ڊبليو سمٿ (35)، مرزا قليچ بيگ (36) ۽ پوءِ جي بين سپني مؤرخن سنڌ جي روايتي تاريخ جي ماخذن جي برعڪس صرف انگريز سياحن ۽ ڪامورن جي بيانن کي ترجيح ڏيئي، بغير ثبوت ۽ سندن جي چانڊڪا، چانڊڪو نالن کي چانڊيا قبيلي جي نالي منسوب ڪري، مُهر ثبت ڪرڻ جو غلط جواز پيدا ڪري ڇڏيو.

مير رحيمداد خان مولائي شيدائي، جيڪو سنڌ ۽ بلوچستان جي تاريخن تي گهري نظر رکندڙ مؤرخ هو، تنهن بہ بغير ثبوتن جي چانڊين جي رياست هجڻ جي دعويٰ ڪندي لکي ٿو تہ:

"(چانڊيا) پهريان ناڙيءَ تي سندن رياست هئي، پوءِ سنڌ جي اتر- الهندي ۾ چانڊڪا رياست قائم ڪيائون...... (37)."

مولائي شيدائي تاريخ ۾ هٽ نوڪيون ڳالهيون ناهڻ ۽ پيش ڪرڻ جو ماهر رهيو آهي جيئن هن پنهنجي مٿئين تحرير ۾ چانڊين جي سرداريءَ کي رياست ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. سرداري ۽ رياست بہ عليحده ۽ مختلف شيون آهن. رياست هڪ مڪمل انتظام هيٺ هلندي آهي، جنهن لاءِ دارالحڪومت، صوبا، ضلعا، جهنڊو، سڪو، فوج ۽ ٻين شين جي ضرورت هوندي آهي. جڏهن تہ سرداري صرف هڪ عام ماڻهوءَ/خاندان جو پنهنجي هر نسل ۽ هر قبيلي تي انفرادي ڪنٽرول رکڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هوندو آهي. تاريخي شاهدين جي مطابق چانڊين جي ناڙي ۽ اتر- الهندي ڪاڇي ۾ ڪڏهن بہ ڪا "رياست" نہ رهي آهي. جڏهن تہ سترهين صدي عيسويءَ ۾ سندن سرداريءَ جا اهڃاڻ ملن ٿا، جنهن تي اڳتي بحث ڪبو.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، چانڊين جي ذاتي يعني قبائلي قصن ۽ داستانن کي بغير پرکڻ جي پنهنجي بيان ۾ هڪ ئي وقت ٻي روايتون ۾ قصا پيش ڪنديء رقمطراز آهي ته:

"ڄام ننڊو پنهنجي قابل سپهه سالار دريا خان جي هٿ هيٺ شاهه بيگ ارغون کي شڪست ڏيڻ لاءِ هڪ وڏو لشڪر چاڙهي موڪليو. انهن ڏينهن ۾ لاڙڪاڻي واري پرڳڻي ۾ چانڊين جي سرداري هئي. چانڊين جي سردار سريمڻ خان دريا خان جي فوجي مدد ڪئي. انهيءَ ڪري شاهه بيگ ارغون کي شڪست آئي. هن ويڙهه ۾ شاهه بيگ جو پاءُ سلطان محمود مارجي ويو. انهيءَ ڪري دريا خان، سريمڻ خان چانڊيي تي تمام گهڻو راضي ٿيو ۽ کيس وڏي جاگير انعام طور ڏنائين اهڙي طرح لاڙڪاڻي واري علائقي تي "چانڊڪا پرڳڻو" نالو پئجي ويو....... (38)."

پروفيسر منظور علي قريشي، صرف ڊاڪٽر ميمڻ سنڌيءَ جي بيان کي حتمي سمجهي، نقل ڪندي لکي ٿو ته:

"جيستائين چانڊڪي پرڳڻي ۾ نالي جو تعلق آهي ته، چانڊين جي رهڻ وارن هنڌن کي سڏجي ٿو. هتي جي چانڊين، ارغونن خلاف دريا خان جي مدد ڪرڻ جي عيوض، ڄام نظام الدين عرف ڄام ننڊي طرفان مليل وڏي پرڳڻي/جاگير کي چانڊڪو پرڳڻو سڏيو ويو..... (39)."

نوجوان محقق امام راشدي پڻ مٿين محققن جي غلط ۽ بوگس بيانن جو شڪار ٿي، لکيو آهي ته:

"تاريخ جي واضح اشارن مان معلوم ٿئي ٿو ته: (1) تاريخ جي واضح اشارن مان معلوم ٿئي ٿو ته چانڊڪو پرڳڻو........ جيڪو شروع کان ئي چانڊين جو گڙهه رهيو آهي ۽ مٿس اهو نالو به چانڊين جي گهڻائيءَ سبب پيل آهي....... (40)."

هن مٿين سموري بحث مان اهو واضح ٿئي ٿو ته چانڊڪا، چانڊوڪي، يا چانڊڪي نالن کي پهريون دفعو سر اليگزنڊر برنس 1831ع ۾ بغير تاريخي شاهدين ۽ سَنَدَن جي چانڊيا قبيلي جي نالي منسوب ڪيو. ان کان پوءِ سڀني انگريز سياحن ۽ سرڪاري رڪارڊ مرتب ڪندڙن ۽ اسان جي مقامي مؤرخن ۽ محققن پڻ برنس جي ئي بيان کي مقامي روايتي ماخذن جي آڌار تي پرکڻ کان سواءِ حرف آخر سمجهي نقل ڪري، چانڊڪا نالي کي چانڊين جي نالي منسوب ڪري ڇڏيو ۽ اها سوچ اڄا جاري آهي.

## چانڊيا قبيلي جو نسلي تعين، دورَ ۽ سنڌ ۾ سندن آمد:

چانڊيا قبيلو، پاڻ کي "بلوچ" سڏرائي ٿو. بلوچ تاريخي روايتن ۽ خود چانڊين جي قبائلي روايتن مطابق "چانڊيو خان" نالي هڪ شخص، جلال خان بلوچ جي ستين پيڙهيءَ ۾ هو، جنهن جي نالي تان "چانڊيو" ذات يا قبيلو مشهور ٿيو (41). شيخ صادق علي انصاري، چانڊيو نالي شخص متعلق وڌيڪ معلومات ڏيڻ کان معذرت ڪئي آهي (42). ڏسو هيٺيون شجرو:

جلال خان بلوچ

(1100ع-1180ع) (43).

↓

هوت

(دور ختم-1230ع)

مير عالي | مير حسين | ميربجار | خوسخ | مير حاجي | مير عبدو

ميربجار

(دور- 1270ع)

↓

محمد خان

(دور ختم- 1310ع)

↓

عمر خان

(دور ختم- 1350ع)

↓

مير عالي (ٻيو)

(دور ختم- 1390ع)

↓

هوت (ٻيو)

(دور ختم- 1430ع)

پنهون خان | چانڊيو | عالي خان (44).

چانڊيو

(دور ختم- 1470ع)

يوسف ميرڪ، "چانڊيو" نالي شخص کي ٻه پٽ هڪ گُورو ۽ ٻيو ڪارو نالي قرار ڏنا آهن (45). هن مٿئين شجري ۽ بلوچ تاريخي روايات ۽ تذڪرن مطابق چانڊيو خان کي 1470ع ۾ ٻن پٽن جو ،ولاد هو، انهن ٻن پٽن جو اولاد 1560ع تائين ڏهن ڪان ويهن ماڻهن تائين مشڪل سان هوندو. هتي هيءُ سوال اڀري ٿو ته ڏهن ڪان ويهن ماڻهن واري تعداد جي ڪري چانڊڪا علائقو، چانڊين جي نالي سان ڪيئن مشهور ٿيو، اها ڳالهه بعيد از عقل ۽ بوگس لڳي ٿي.

ٻئي بلوچي روايتن، افسانن، قصن ۽ ڪهاڻين جي مطابق ته چانڊيو نالي شخص، جلال خان جو پوٽو يعني هوت جو پٽ هو. ڏسو هيٺيون شجرو:

جلال خان

(دور 1180ع – 1100ع)

↓

هوت

(دور ختم- 1230ع)

↓

چانڊيو

(دور ختم 1285ع) (46).

بقول هيتورام جي ته جڏهن چاڪر رند ۽ گهرام لاشاري 1485ع ڌاري ڪڇيءَ ۾ داخل ٿيا ته مگسي ۽ چانديا، لاشاري قبيلي جا ساٿاري هئا. چاڪر رند، سيوي، ڍاڍر ۽ آسپاس جي علائقن ۾ رهائش اختيار ڪئي. تڏهن لاشاري گنداواهه، مگسي جهل ۽ چانديا ديره ملڪ ۾ جيڪو جهل جي ڏکڻ ۾ سنڌ ۾ واقع هو، رهائش اختيار ڪيائون (47). يعني بلوچي روايتن جي مطابق چانديا 1485ع کان پوءِ اتر سنڌ يعني ڪاڇي ۾ پير رکيائون(48). ان وقت چاندين جو تعداد گهڻو هو؟ ان متعلق بلوچ روايتون ۽ قصا ۽ ڪهاڻيون مات ۾ آهن پر منطقر ۽ تحقيقي حوالي سان جيڪڏهن غور ڪريون ۽ بلوچي روايتن، قصن ۽ افسانن کي پرکيون ته چانديو، جيڪو هوت جو پٽ هو، تنهن جو دور 1285ع ڌاري ختم ٿيو، ته ڪيس (يوسف ميرڪ مطابق) ٻه نرينه اولاد هو: هڪ ڳورو ۽ ٻيو ڪارو. تحقيقي حوالي سان انهن جو دور 1300ع ڌاري ٿو ٿيو يا بيهندو. 1300ع کان 1485ع تائين، جڏهن چاڪر رند ڪڇيءَ تي حملو ڪري ٿو ۽ چانديا اتر سنڌ موجوده ڪاڇي ۾ پير رکن ٿا، ان 185 سالن جي عرصي ۾ چانڊئي جون چار پشتون گذريون هونديون، ۽ انهن جڻن پشتن جو تعداد سٺ يا اسي مس هوندو. سٺ يا اسي ماڻهن جو پوري علائقي تي قبضو ڪرڻ، سندن نالي پنيان "چانڊڪا، چانڊڪو، چانڊوڪي" علائقو مشهور ٿيڻ ۽ دولهه دريا خان کي سبيءَ تي ارغونن مٿان حملي وقت فوجي مدد ڏيڻ جا واقعا ۽ ڳالهيون بعيد از عقل ۽ غير حقيقي لڳن ٿيون.

## چانڊڪا (چانڊوڪي) علائقو ۽ نالو چاندين جي سنڌ ۾ آمد کان اڳ موجود ۽ مروج هو:

ٺوس تاريخي شاهدين، ثبوتن ۽ حقائق جي مطابق چاندين جي سنڌ ۾ آمد کان گهڻو اڳ چانڊڪا (چانڊوڪي) علائقو ۽ نالو موجود ۽ مستعمل هو.

جام نظام الدين (ننڍو) (1508ع- 1461ع) جي دور ۾ سبي، لس ٻيلو، ڪڇي ۽ ڪاڇو سنڌ حڪومت جي جاگرافيائي حدن ۾ واقع هئا (49). سندس دور ۾ ڪنهن کي جرات نه هئي جو سنڌ جي ڪنهن جاگرافيائي حدن سان هٿ چراند ڪري سگهي.

هڪ دفعو امير ذوالنون ارغون 890هه/1485ع ڌاري سبيءَ تي حملو ڪيو ۽ اتي جام ننڍي جي مقرر ڪيل گورنر مبارڪ خان کي قتل ڪري، پنهنجي ننڍي پٽ ابو محمد مرزا (سلطان محمد) کي پنهنجي طرفان گورنر مقرر ڪيائين (50). ارغونن جو سبيءَ تي قبضو ڪرڻ بعد سندن توسيع پسندانه سوچ کي هٿي ملي. وري هنن يعني سلطان محمد تقريباً 1490ع ڌاري سنڌ جي جاگرافيائي حدن اندر ٽپي اکڙي، چانڊوڪي، سنديڇو ۽ ڪوٽ ماڇيءَ جي ڳوٺن کي ڦريو. سندن پويان، دريا خان سيويءَ تائين ويو ۽ سخت لڙائي ڪري شاهه بيگ، جي ڀاءُ کي قتل ڪري، وري سبيءَ کي سنڌ جي جاگرافيائي حدن ۾ شامل ڪري سوڀارو ٿيو (51). جيئن سيد مير محمد بن بايزيد پوراني لکي ٿو ته:

> "شمشير بدر قلعه بکر رسانيد و دفع ديگر بنواحي چندوکه آمده بودند، ودفع ديگر در اُکري وتاخت بر اصل کرده..... (52)."

ساڳي ڳالهه مير محمد معصوم بکري هنن لفظن ۾ ڪري ٿو ته:

> "جام نظام الدين جي حڪومت جي پوين ڏينهن ۾ شاهه بيگ جي لشڪر قندار کان اچي اکڙي، چانڊوڪي ۽ سنديڇيءَ ۾ ڦرلٽ ڪئي. جام هڪ وڏو لشڪر مغلن جي فساد بند ڪرڻ لاءِ چاڙهي موڪليو. جن جلوگير نالي مشهور ڳوٺ وٽ اڳ وني سخت لڙائي ڪئي. انهيءَ لڙائيءَ ۾ شاهه بيگ جو ڀاءُ قتل ٿي ويو ۽ ٻيا شڪست کائي قندار موٽي ويا ۽ جام نظام الدين جي حياتيءَ ۾ وري سنڌ ۾ نه آيا........ (53)."

هن مٿئين بحث ۽ حوالن مان هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا:

چاندين جو انهن مٿين سڀني علائقن ۾ رهائش رکڻ باوجود يوسف ميرڪ، چانڊڪا پرڳڻي جي برعڪس باغبان پرڳڻي جي صوبيدار کي چاندين تي مڪمل ڪنٽرول ۽ ڪين تابع ڪرڻ لاءِ "چاندين بروچن کي زير ڪرڻ بابت" صلاح، ۽ انتظامي ۽ قانوني مشورو ڏنائين ته:

"چاندين بروچن کي زير ڪرڻ بابت" هنن ماڻهن لاءِ باغبان جي پرڳڻي وارو ٺاٽيدار چڱيءَ طرح بندوبست ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪين پنهنجي ماڳن تي رهڻ ڏنو وڃي ته هي به ٻي رعيت وانگي ڏل ڏيڻ کان ڪين ڪيٻائيندا. ساڳئي وقت وڳوڙن کان به پاسو ڪري رهندا. ٻي حالت ۾ ٺاٽيدار کي بروقت مٿن چڙهائي ڪري ڪين اهڙي سيڪت ڏيڻ کپي جيئن ٻيا ماڻهو ان مان عبرت حاصل ڪن. اهي جيڪڏهن هي ملڪ ڇڏي اصلي وٺاڻن ڏانهن هليا ويا ته انهن علائقن "سيوي ۽ گنجابي" ۾ ٽانيڪا ٿي اتان جي ماڻهن کي (جيڪي سدائين سندن دشمن آهن) بلڪل تباهه ڪري ڇڏيندا............ (59)."

يوسف ميرڪ جي هن قانوني ۽ انتظامي مشوري مان هڪ وڏي حقيقت ظاهر ٿئي ٿي ته چانديا مٿي ذڪر ڪيل سڀني پرڳڻن ۾ بودو باش رکڻ جي باوجود سندن سرداري جو مرڪز "باغبان پرڳڻي" ۾ هو، ان لاءِ يوسف ميرڪ به چانڊڪا پرڳڻي جي برعڪس باغبان پرڳڻي جي ٺاٽيدار کي چاندين تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ انتظامي ۽ قانوني مشورو ڏنو. يعني سترهين صديءَ جي پهرين چوٿائيءَ ۾ چانديا، چانڊڪي جي ڪاڇي ۾ رهندڙ هئا، پر اتي ڪين ڪابه جاگير ۽ طاقتي مرڪز وغيره نه هو.

يوسف ميرڪ، باغبان ۾ چاندين جي سرداري ۽ ان جي ڪرت بابت واضح ڪندي تحرير ڪري ٿو ته:

"بختيار بيگ ترڪمان جهڙو زور آور حاڪم، جنهن جهڙو ٻيو ڪو به سيوهڻ-بکر جو حاڪم نه ٿيو، اهڙي ريت چاندين جي سردار مؤندر جي زال ۽ چاندين هٿان ٻاندي ٿيل ماڻهن کي، سندن راڄ سميت جبل مان هڪالي، بکر جي قلعي ۾ گهلي آيو. آخر جڏهن چاندين جا سردار ميڙيون وٺي آيا ۽ بکر ۾ ڏاڙي هڻڻ کان ٻان ڪيائون، تڏهن سڀني کي ڇڏيو ويو............ (60)."

بختيار بيگ ترڪمان 1001هه/1593ع-1007هه/1599ع تائين سيوهڻ جو صوبيدار هو. يعني بختيار بيگ ترڪمان جي دور تائين چانديا قبيلي جو سردار بغير جاگير جي، راڄ سميت اوباش زندگي گذاريندو هو. ان کان به سال پوءِ مرزا جاني بيگ جي دور جي آخري سال خان اعظم مرزا عزيز ڪوڪ ولد خان اعظم شمس الدين محمد خان اتڪ محرم 1004هه/ سيپٽمبر 1596ع ۾ پنج هزاري منصب حاصل ڪرڻ کان علاوه، ملتان (61)، بکر ۽ سيوهڻ پڻ جاگير طور حاصل ڪري ۽ اتان جو صوبيدار مقرر ٿيو (62). انهي سال سندس دور ۾ چاندين امن و امان جي صورتحال خراب ڪري ڇڏي. مرزا عزيز ڪوڪ، سيوهڻ سرڪار جي باغبان ۽ ڳاهان پرڳڻن جي پنهورن جي مختلف پاڙن جي سردارن کي، جن ۾ عيسيٰ، موسيٰ، ۽ جلال کي، پنهنجي پنهنجي قبائلي ماڻهن جي لشڪر سميت چاندين خلاف تيار ڪري مٿانئن تڙ تڪڙ ۾ حملو ڪيائين. جنهن ۾ نه صرف چاندين بُري طرح شڪست کاڌي، پر ماڻهو وچ ۾ آڻي، هميشه لاءِ خاموش رهڻ ۽ ڏل ڏيڻ جي حامي ڀريائون. جيئن يوسف ميرڪ رقمطراز آهي ته:

"انهي دوران بکر جي راڄڌاني خان اعظم مرزا ڪوڪ کي جاگير تي ملي ۽ هن پنهنجي پُٽ مرزا انور کي بکر ڏانهن اماڻيو. ايتري ۾ چانديا بروچ بکر ۾ ديهون ويران ڪرڻ لڳا. مرزا انور پنهنجي ملازم حيدر بيگ کي ڪُمڪ ساڻ ڏيئي چاندين تي ڪاهڻ لاءِ حملو ڪيائين. چانديا ڏينهن ڏٺي جو ساٽس جنگ ڪري

کيس شڪست ڏيئي ويا ۽ سندس مال اسباب نغارن سميت لُٽي ڦري ويندا رهيا.
مرزا انور اها خبر ٻڌڻ شرط پاڻ سواريءَ جي سنبت ڪرڻ لڳو ۽ بختيار بيگ کي نياپو موڪليائين ته اهو به پنهنجي پاسي کان اهڙي مدد ڪري. بختيار بيگ، مرزا انور کي چتاءُ ڏنو ته آءٌ تيار آهيان، جيئن توهان سوار ٿي نڪرو ته پڪ ڄاڻجو مان اڳواٽ اتي هوندس، پوءِ چانڊين جي چوڪسيءَ لاءِ پنهنجا ماڻهو مقرر ڪيائين...... اتان سيوهڻ هليو...... پروارن پنهورن، ڪوريجن ۽ سميجن ڏانهن خط لکي...... موڪليائين ته...... ڪنور ڳوٺ (ڳاهن جي پرڳڻي ۾) حاضر ٿين...... منجهند تائين سمورو لشڪر ۽ سپئي راج اچي ڪٺا ٿيا. پنهورن جي سردارن عيسيٰ، موسيٰ ۽ جلال کي گهرائي چيائين ته: چانڊين کي هن مهل تائين منهنجي ڪا خبر نه پئي آهي. مان مٿن چڙهائي ڪرڻ وارو آهيان. سياڻي انهن کي منهنجي سُڌِ پئجي ويئي ته چانڊين بدران اوهان جون سريون سلامت نه هونديون. پوءِ چئني سردارن کي ساڻ ڪري سج لٿي جو اتان اُسهيو ۽...... صبح تي چانڊين مٿان وڃي ڪڙڪو ڪيائين..... چانڊين هارايو، جن مردودن جا ڪيئي ماڻهو مارجي ويا ۽ ڪيترن کي لشڪر قيد ڪري ورتو. بختيار بيگ انهن مان ڪن جون منڍيون لاهي، ٿورن قيدين سان گڏي، پنهنجي ماڻهن هٿان مرزا انور ڏانهن اماڻيون...... مطلب ته هن چڙهائيءَ ۾ چانڊين سان اهي جُنيون ٿيون جو پنهنجي جاگيردار کي وچ ۾ آڻي باڻ ڪيائون. جيستائين سندن عملداري هئي، تيستائين ٻيءَ رعيت وانگي چانڊين کان زمين جي ڍل وصول ڪندو رهيو...... (63).“

بختيار بيگ جو چانڊين کي شڪست ڏيڻ کان پوءِ بکر ۽ سيوهڻ سرڪار جي مختلف پرڳڻن ۾ امن جي ٽڙڻي هير گهلڻ لڳي. هن پنهنجي پوري طاقت ۽ نظم و ضبط تحت امن قائم ڪري، عوام جي فلاح و بهبود لاءِ ڪم ڪرڻ لڳو. جيئن يوسف ميرڪ رقمطراز آهي ته:

”بختيار بيگ جي عملداريءَ دوران سيوهڻ جو سڄو علائقو باقاعدي انتظام سان سرسبز ۽ آباد پئي رهيو ۽ لشڪر به ملڪ جي آباديءَ مطابق طاقتور رهيو جو ٻين علائقن جي خوشحالي فوج وانگي شاهي مهمن ۾ ڪارگر ٿيندو رهيو. ايتريقدر جو لشڪر جي دٻدٻي سبب بکر ۽ ٺٽي جي راڄڌانين جا رهواسي ٻنهه ڏٻيل هوندا هئا. ...... پاڻ جيڪو به ڪم ٿي ڪيائون. (خريد فروخت ۽ ڍل اڳاڙڻ تائين) ته شهر جي قاضين ۽ مفتين کي انصاف ڪرڻ جي آزادي مليل هئي، جيئن ڪنهن سان به ڪو ظلم نه ٿئي...... (64).“

بختيار بيگ 1001ھ/1593ع کان 1007ھ/1599ع تائين خان اعظم جو سيوهڻ تي نائب رهيو(65). يوسف ميرڪ جي مٿئين پهرين حوالي ۾ سندس هن هيٺئين جملي:

”چانڊين سان اهي جُنيون ٿيون جو پنهنجي جاگيردار کي وچ ۾ آڻي باڻ ڪيائون......“ ان حوالي مان سندس مطلب ۽ مدعا چانڊين جو پنهنجي ذاتي ۽ هر قبيلائي جاگيردار نه بلڪ ”مغل مقدم“ آهي. جو ته ان دور يعني 1600ع تائين چانڊين کي چانڊڪا جي ڪاڇي ۾ ڪا به جاگير مليل نه هئي. ”مغل مقدم“ جنهن کي بختيار بيگ جو چانڊين مٿان خونريز حملي کان اڳ، چانڊين ڍل ۽ محصول ڏيڻ کان

يعني دارا شڪوهه بدين ڪان ڊاڍر تائين جو مفاصلو ٽن تڪڙ ۽ گرفتاريءَ جي خوف کان ڇنيهه ڏينهن ۾ طئي ڪيو.

چانڊيو ليکڪ لکي ٿو ته: ”دارا، تيرنهن ڏينهن چانڊئي سردار وٽ مهمان ٿي رهيو. جي اها ڳالهه وقتي طور تسليم ڪريون ته پوءِ دارا جي ڇنيهن ڏينهن جي سفر مان تيرنهن ڏينهن ڪٽڻا پوندا، جو ته دارا ان ئي ڇنيهن ڏينهن جي سفرَ دوران چانڊئي سردار جو مهمان رهيو هو، ته پوءِ دارا ضرور بدين، ٺٽي، سيوهڻ، جهل مگسي کان ڊاڍر تائين جو سفر تيويهن ڏينهن ۾ طئي ڪيو هوندو!

انهيءَ تاريخي شاهدين ۽ بدين کان ڊاڍر جي وچ ۾ مفاصلي کي مدنظر رکي ڇا اهو مڃي سگهجي ٿو ته اهو سمورو مفاصلو دارا تيويهن ڏينهن ۾ طئي ڪيو هوندو؟ بلڪل نه! اهو تيويهن ڏينهن کان وڌيڪ جو سفر ۽ مفاصلو آهي. يعني چانڊيا ليکڪ جو دارا شڪوهه کي چانڊيا سردار وٽ بطور مهمان ڏيکارڻ واري ڳالهه غلط ۽ بي بنياد آهي.

ٻيو ته اها ڳالهه به تاريخي حقائق ۽ شاهدين جي روءِ سان بوگس آهي ته ڪو دارا شڪوهه چانڊيا سردار کي پروانو يا جاگير عطا ڪئي هئي جو ته ان دوران خود دارا جي حالت ڪنهن فقير کان گهٽ ۽ خراب هئي. هو ته پاڻ هڪ چٽ ۽ ماني ٽڪر لاءِ صدا هڻي رهيو هو ۽ ڪنهن به سرڪاري عهدي تي مقرر نه هو ۽ نه ئي ان وقت پاڄ جي صورت ۾ کيس ڪي اختيار حاصل هئا. هن جا پنهنجي طرفان پنهنجي دور گورنريءَ ۾ مقرر ٿيل بکر، سيوهڻ ۽ سبي جا صوبيدار ڪانئس بغاوت ڪري ۽ منهن ڦيري کيس گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هئا. اهو ماڻهو چانڊيا سردار کي ڪٿان پروانو ۽ جاگير عطا ڪري پئي سگهيو جيڪو خود مانيءَ لاءِ پريشان هو. دراصل، حقيقت اها آهي ته دارا شڪوهه کي چانڊڪا مان گذرڻ وقت چانڊين کيس ڦري، لٽي ۽ بيعزتو ڪري ڀڄايو. سندس زال نادره بيگم، جيڪا اڳ ۾ ئي بيمار هئي. تنهن پنهنجي مڙس جي لاچاري، بيوسي ۽ بيعزتي نه سهي سگهڻ ڪري دل برداشت ٿي فوت ٿي وئي.

**2**. دارا شڪوهه بي حال ۽ بيوس فقيراڻي حالت ۾ مگسي سردار مرزا خان وٽ پهتو، جنهن کيس نه صرف چانڊين پاران ڦريل سامان جي پيٽ ۾ کيس ٻيڻو سامان مهيا ڪري ڏنو ۽ سندس وڏي دلجوئي ڪري، دلي ۽ دماغي سڪون ڏنائينس.

مختلف بلوچ مؤرخن يا بلوچ سردارن پاران پيش ڪيل ۽ لکيل ذاتي شجرا ۽ واقعا روايتن ۽ افسانن تي مبني آهن. جنهن وجهه کان اهي سڀ تاريخي حقائق ۽ سَندِي شاهدين جي روءِ سان صحيح نه آهن. ڊاڪٽر فرانسس برنيئر 1658-60ع دوران مگسين جي سردار جو نالو مرزا خان لکيو آهي، جيڪو وڌيڪ درست ۽ صحيح آهي، جو ته برنيئر پنهنجو سفرنامو ان واقعي کان ڏهن- ٻارهن سالن بعد قلمبند ڪيو، جيڪو معاصر مؤرخ ۽ اکين ڏٺو عيني شاهد هو.

راءِ بهادر هيتورام جي پيش ڪيل مگسين جي شجري ۾ مرزا نالي ڪو به مگسي سردار جو نالو لکيل نه آهي (73).

ان مان ظاهر آهي ته راءِ بهادر کي مگسين پاران پيش ڪيل سندن شجرو صحيح نه آهي. انهيءَ لاءِ چانڊيا ليکڪ راءِ بهادر جي پيش ڪيل مگسين جي شجري ۾ مرزا نالو نه ڏسي، ان کي الٽو چانڊيو سردار قرار ڏيئي سنڌ جي تاريخ سان ويساهه گهاتي ڪئي آهي.

چانڊيا ليکڪ وري ٻئي طرف راءِ بهادر طرفان پيش ڪيل مگسين جي شجري ۾ جعفر خان نالو ڏسي، ان کي ڪراڙو قرار ڏيئي، مگسي سردار قرار ڏنو آهي. دارا شڪوهه تقريباً پهرين ۽ ٻي جون 1659ع تي چانڊين جي علائقي مان گذريو. ان کان ٺيڪ پورا ستر ورهيه پوءِ يعني 1729ع ۾ مگسين جو سردار قيصر خان مگسي هو. جهڙي مير علي شير قانع لکي ٿو ته:

”سن 1142ھ ۾ مراد ڪليري عرف گنجو، سيويءَ تي مقرر ٿيو ۽ گنجاوه جي زميندار قيصر مگسي...... ماري مات ڪري ڇڏيو....... (74).“

1729ع دوران جيڪڏهن مگسين جو سردار قيصر خان هو، ته پوءِ ضرور هو ان وقت تقريباً پنجاهه سالن جي لڳ ڀڳ عمر جو هوندو. اهڙي طرح دارا جو مگسين وٽ پهچڻ دوران مرزا مگسي سردار هو، جيڪو قيصر خان مگسي جو ڏاڏو هو ۽ نه ڪ جعفر خان مگسي، جيڪو مرزا خان جو پٽ هو. تحقيقي طور دارا جي دور کان وٺي ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دور تائين، مگسي سردارن جو سن وار ترتيبي دور جو تعين هينئين طرح بيهي ٿو:

| سردار جو نالو | پيدائش | دور | سراسري عمر |
|---|---|---|---|
| مرزا خان | 1605ع | 1630ع — 1660ع | 55 |
| جعفر خان | 1630ع | 1660ع — 1675ع | 45 |
| قيصر خان | 1675ع | 1700ع — 1735ع | 60 |

چانڊيا ليڪ تاريخي ڪڙين کي پنهنجي مفادن ۾ غلط طور تبديل ڪري سنڌ جي تاريخ سان کيڏ ڪيڏي ويو آهي. دراصل ان دور ۾ چانڊين جو سردار مؤنڌر خان ئي هو، پر هو پوڙهو ٿي چڪو هو.

**3.** مير رحيمداد خان مولائي شيدائي جو دارا شڪوهه کي چانڊين پاران ڦري، لٽي، ڀڄائڻ جو سمورو بيان ڊاڪٽر فرانسس برنيئر جي سفرنامي (75) تان کنيو آهي (76). مولائي شيدائي صاحب پنهنجي پاران چانڊين خلاف ڪابه ذاتي راءِ تحرير نه ڪئي آهي. دراصل تاريخي حقائق جي مطابق انهيءَ گس سان دارا شڪوهه چانڊين وٽ وڃي مهمان ڪونه ٿيو آهي. چانڊيو ليڪ جنهن جاءِ وقوع جو ذڪر پنهنجي ڪتاب ”اتر ڪاڇو عرف چانڊيو ڪاڇو“ ۾ ڪيو آهي، اها ’دارا‘ جي نالي سان منسوب آهي. اصل ۾ دارا جي ٽڪري ۽ دارا جو لڪ، اهي ٻئي ماڳ، چانڊئي ليڪ دارا شڪوهه سان نسبت ڏيکاريا آهن. درحقيقت اهي ماڳ مقامي ٻرڙا قبيلي جي چڱي مڙس دارا خان ٻرڙي سان واسطو رکن ٿا، جيڪو سمن جي دور ۾ اتي رهائش پذير هو. هن ڏس ۾ محقق دين محمد ڪلهوڙو انهن تاريخي ماڳن بابت پنهنجي تصنيف ”قنبر-شهدادڪوٽ ضلعو (تاريخ جي وهڪري ۾)“ ۾ لکي ٿو ته:

> ”دارا جو لڪ ۽ ٽڪري، ديهه ڪوهستان يونين ڪائونسل غيبي ديري ۾ قنبر کان 45 ڪلوميٽر اولهه ۾ واقع آهن. حڪيم خليفي عبدالحميد چانڊئي ”اتر ڪاڇو عرف چانڊڪو ڪاڇو“ ڪتاب ۾ هنن ماڳن جي نسبت مغل شهنشاهه محمد دارا شڪوهه سان ڏيکاري آهي، پر مقامي حقائق مطابق هن لڪ ۽ ٽڪريءَ جي نسبت دارا خان ٻرڙي سان آهي جيڪو سمن جي دور ۾ هتي پنهنجي ڪٽنب سميت رهندو هو. هن علائقي جي پرپاسي ۾ ٻرڙا پنهنجن تاريخي آثارن ۽ ورثن سان اوائلي دور کان آباد آهن(77).“

### چانڊئي ليڪ کي مذڪوره تاريخي آثار مسخ ڪرڻ جي نوبت ڇو پيش آئي:

ان جا ٻه اهم ڪارڻ آهن:

(1) چانڊين هٿان دارا شڪوهه جي لٽجڻ ۽ ڦرجڻ واري تاريخي واقعي کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ.

(2) ٻرڙا قبيلي جي تاريخي حيثيت مٽائڻ.

ٻرڙا قبيلي جي تاريخي حيثيت مٽائڻ جو فقط هڪ ئي سبب آهي ته انهن ماڳن تي صدر ايوب خان جي دور ۾ گئس ۽ پيٽرول جا ذخيرا دريافت ڪيا ويا هئا. ان بابت محقق دين محمد ڪلهوڙو ساڳيءَ تصنيف ۾ لکي ٿو ته:

گهرام خان لاشاري و متصل شڪار گاهه سردار سجن خان مهر مغرباً ڪوه ڪير تر ميان گن و گورغ و دارهاريو و هرباب و متصل گاج و جمودو جنوباً گاها پرگنه و جاگير خان الاعظم مبارڪ خان دريا خان و متصل جاگير مخدوم بلاول و باغبان پسگنه.

مُهر
بادشاهه عادل
سلطان، نظام الدين شاهه،
بن سلطان صدر الدين شاهه (85)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب ۽ حڪيم عبدالمجيد چانڊيو جن جيڪا نالي ۾ سَندَ پيش ڪئي آهي، اها صرف فارسي تحرير جا نمونا آهن، باقي ذڪر ڪيل اصل سَندَ ثبوت طور پيش نه ڪئي آهي. جنهن لاءِ سواءِ انومانن ۽ شڪي ڳالهين جي ڪا حتمي ۽ حقيقي ڳالهه نه ٿي سمجهي سگهجي. جو ته اصل شيءِ سامهون نه آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب دريا خان (دولهه دريا خان) کي لاشاري بلوچ قرار ڏنو هو (86). وري 2005ع ۾ پنهنجي ساڳيءَ راءِ کي دهرائيندي لکي ٿو ته:

"لاشاري قبيلي مان خان دريا خان، سلطان جام نظام الدين جو وڏي اعتماد وارو وزير ۽ سپهه سالار هو، جنهن کي سلطان پنهنجو پٽيلو ڪيو ۽ خان الاعظم جو خطاب ڏنو.......... (87)."

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، چانگ قبيلي کي به بروچ قرار ڏيندي، انهن کي چانڊين ۽ دولهه دريا خان جو سانگاري قرار ڏيئي ٿو، هو لکي ٿو ته:

"بلوچ قبيلن مان چانگ هڪ اڳاٽو قبيلو آهي، ....... چانگ وڏي بلوچ قبيلي هوت جي شاخ آهن..... جڏهن چانڊيا ۽ چانگ ذوالنون سان وڙهيا (يعني ارغونن سان سبيءَ ۾ وڙهيا). اهو سلطان جام نظام الدين جو دور هو. جڏهن دريا خان سپهه سالار هو....... (88)."

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، چانڊيو ليکڪ ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي مٿين تحريرن جو محتاط مطالعو ڪرڻ بعد، اسان جي سامهون هيٺيان ٽي نڪتا نتيجي طور سامهون اچن ٿا:

1. ڇا دولهه دريا خان، لاشاري بلوچ هو؟
2. ڇا چانگ قبيلو به بلوچ آهي؟ بلوچ هجڻ جي ناتي چانڊين سان گڏجي دريا خان جو ارغونن خلاف ويڙهه ۾ ساٿ ڏنو هو. ان جنگ/جنگين ۾ دريا خان، چانڊين جي سردار سريمڻ خان کي سَمه حاڪم پاران هڪ وڏي جاگير ونرائي ڏني.
3. هن نُڪتي ۾ هيٺيان نتيجا سامهون اچن ٿا:

**الف:**

سَندَ ۾ چانڊيا جاگير جون حدون ۽ متصل علائقن ۽ جاگيرن جي وچور مطابق مشرق (اوڀر) ۾ باغبان پرڳڻو ۽ مخدوم بلاول جي جاگير ۽ لالو لاڙڪ ۽ اتر ۾ دنگئي سردار سجڻ خان مهر جو شڪار گاهه.

**ب:**

شمال (اتر) ۾ سردار گهرام خان لاشاري جي جاگير ۽ دنگئي سردار سجڻ خان مهر جو شڪارگاهه.

**ج:**

شمال (اتر) ۽ مشرق (اوڀر) ڪنڊ تي/ ۾ سردار سجڻ خان مهر جو شڪارگاهه جاڳايل آهي.

ڇا چاندين کي جاگير ملڻ کان پوءِ "چاندڪا" يا "چانبوڪي" نالا مشهور ٿيا؟ يا ان کان اڳ اهي نالا/نالو مستعمل هو؟

چاندين 1490ع ۾ جنگي معرڪا ڪيا ۽ ڄام ننڍي ڪين يارنهن سال پوءِ دير سان ڇو جاگير ڏني؟ اها ڪهڙي وجهه هئي؟
اسان هيٺ ترتيب ۽ تسلسل سان مٿين پنجن نُڪتن جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو وٺي، اصل حقيقتن تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪنداسين.
1. ڊاڪٽر بلوچ صاحب، دولهه دريا خان کي لاشاري بلوچ قرار ڏنو آهي. ڊاڪٽر بلوچ جي ان ذاتي راءِ سان تقريباً سموري سنڌ جي مؤرخن ۽ محققن نہ صرف اختلاف رکيو، بلڪہ ان کي تاريخي حقائق ۽ شاهدين جي روءِ سان غلط قرار ڏنو. ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ڊاڪٽر بلوچ جي راءِ کي رد ڪندي لکي ٿو تہ:

> "همعصر دور جي نامور اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان، دريا خان کي لاشاري بلوچ سڏيو آهي. ڊاڪٽر صاحب مختلف روايتن، رند- لاشار جنگ جي پس منظر، نالي ۾ "خان" لفظ ۽ ڪجهه بين گمانن جي آڌار تي هيءَ راءِ قائم ڪئي آهي. جيڪڏهن سنڌ جو هيءُ وطن دوست سپاهي لاشاري (بلوچ) هو تہ، پوءِ اڳاڻا مصنف بہ پڪ سان ائين لکندي نہ ڪيبائين ها. مير معصوم جو ڪتاب "تاريخ معصومي" هن دور تي پهريون دستاويزي ماخذ آهي. ان موجب دريا خان سمن جي قبيلي يا سماٽ گروهن سان لاڳاپو رکندڙ هو...... هن سپهہ سالار جو نالو دريا خان ۽ لقب مبارڪ خان هو. قبوليو (قبولہ) اصل ۾ سنڌس قبيلو هو. هيءُ قبيلو سماٽ ۾ اچي ٿو ۽ اڄ سوڌو دادو ضلعي ۾ آباد آهي. خود دريا خان جي جاگير (ڳاها) بہ هن ضلعي ۾ هئي. هن ضلعي جي معتبر راوين جي روايت بہ اها ئي آهي تہ، دريا خان، ذات جو قبوليو هو. هن قبيلي جا اڪثر ڳوٺ اڄ بہ دادو ضلعي ۾ موجود آهن...... (89)".

سنڌي مؤرخن ۽ محققن پاران ڊاڪٽر بلوچ جي ان راءِ کي رد ڪرڻ بعد، هن ڪڏهن بہ انهن جو جواب نہ ڏنو. ان جي معنيٰ تہ هو پنهنجي ان راءِ کي غلط تصور ڪيو.
2. ڊاڪٽر بلوچ، چانگ ذات يا قبيلي کي بلوچ قرار ڏنو آهي ۽ سندس راءِ جي مطابق تہ هيءُ قبيلو دريا خان جي چوڻ تي چاندين سان گڏجي سبيءَ ۾ ارغونن سان سندس ۽ ڄام نظام الدين پاران وڙهيا هئا.
تاريخي ۽ نسلي حقائق جي مطابق چانگ قبيلو، بلوچ نہ بلڪ هندي (سنڌي) آهي. چانگ قبيلي وارا چنگ، گراٽ ۽ باهتي جي بہ نالن سان مشهور آهن. هن قبيلي ۾ ڪُنڊل، ياردواج، پٽاري، چابرو، ريڙو، بديال، چورا ۽ ٻنو ذاتيون آهن. هنن جا هوشيارپور ضلعي جي دسموئيہ تعلقي ۾ ڳوٺ ۽ وسنديون موجود آهن، جتي تقريباً سيئي چانگ هاري آهن (90).
سنڌ ۽ بلوچستان ۾ هن قبيلي جا احمداڻي (اجوداڻي)، باداڻي، پانڊياڻي، چاڪراڻي، دوستلياڻي، ريحاني، فتحاڻي، فتحياڻي، لڏياڻي، مانجهياڻي، ميراڻي، غازياڻي، گاهياڻي، نوڪراڻي، ڪنگاڻي، ڪوهو ناناڻي (ڪوهوداڻي) ۽ ميواڻي ذاتيون مشهور آهن. جتن ۾ بہ هڪ ذات جو نالو چانگ آهي. ۽ چانگ لفظ جي معنيٰ اونار يعني اٺ پالڻ، ڌارڻ وارو(91). اها ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي اهم آهي، تہ "جت" سنڌي ۽ سنڌ جا قديم رهاڪو آهن (92).

هو. سبي پرڳڻو قديم زماني کان سنڌ جو حصو رهيو آهي. سبي پرڳڻي سان دنگئي حدون سامهون واري نقشي ۾ واضح طور ڏسڻ ۾ اچن ٿا. (ڏسو نقشو نمبر1) (97).

اير. ايڇ پنهور صاحب، شاهه بيگ ارغون جو سنڌ تي فوجي حملن وارو جيڪو جاگرافيائي نقشو تيار ڪيو آهي، تنهن ۾ پڻ جتوئي پرڳڻو (سچڻ خان مهر جو شڪارگاهه يا شڪارپور واري ايراضي جو اتريون پاسو، هاڻي جيڪب آباد ضلعي سان دنگئي آهي.) سبي پرڳڻي سان متصل هو. چاندڪا پرڳڻي جو پڻ اتريون پاسو هڪ طرف سبي پرڳڻي سان ٻئي طرف اتريون ۽ اولاهون طرف هالار جبل سان متصل هئا. مؤرخ هيوگز، چاندڪا پرڳڻي جي اتريون ۽ اولاهين حدن جي پوزيشن جي لاءِ لکي ٿو ته:

"It extends to the Desert of Kuchee...... to the north, and the Hala Range of the hills for its western... (98)"

باقي سنڌ ۽ بلوچستان جي اصلي (بلوچ مؤرخن جا لکيل ڪتاب نه) تاريخن ۾ ڪٿي به ڄام نظام الدين جي دور (1508-1461ع) ۾ سنڌ جي اترين پاسي يعني سبي پرڳڻي ۾ سنڌ سان متصل سرحد تي "سردار گهرام لاشاري" نالي ڪوئي شخص ۽ نه ئي سندس نالي ڪا جاگير هئي ۽ نه وري ڪو اهڙو تاريخي ۽ سَندِي اهڃاڻ ملي ٿو.

چانديا جاگير واري سنڌ ۾ اها پهرين تحرير آهي. جنهن ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي اصلي تاريخي ماخذن ۽ دستاويزي ثبوتن جي برعڪس گهرام لاشاري جي جاگير طرف اشارو ڪيل آهي. جڏهن ته اتر طرف سبيءَ جو پرڳڻو، جنهن ۾ ڪڇي، گنجابا وارا علائقا اچي ٿي ويا، جيڪي سبي جاگيردار جي هٿ هيٺ هئا ۽ سبي قديم دور کان سنڌ جو حصو رهيو آهي.

سڀ کان پهرين تاريخي حقائق ۽ دستاويزي ثبوتن جي مطابق ڄام فتح خان (1428ع- 1413ع) تقريباً 1445ع دوران بکر جي علائقي تي قبضو ڪيو ۽ ان کان پوءِ سبي، ڪڇي ۽ گنداواهه (گنجابه) تي به قبضو ڪيائين(99). ان کان بعد ڄام نظام الدين (1508ع-1461ع) تائين پڻ قبضو بحال هو. هن جي دور ۾ ذوالنون ارغون، سبيءَ تي حملو ڪري، ڄام نظام الدين جي مقرر گورنر بهادر خان کي قتل ڪري، علائقي تي قبضو ڪيائين ۽ اتي پنهنجي طرفان پنهنجي وٽ سلطان محمدکي گورنر مقرر ڪيائين. ارغونن جي ان حملي بعد 1490ع ڌاري دولهه دريا خان سبيءَ تي ٻيهر قبضو ڄمايو ۽ ارغونن پاران سلطان محمد مارجي ويو. اهڙي طرح سبي پرڳڻو ارغونن، ترخانن ۽ پوءِ اڪبر بادشاهه جو 1575ع ۾ سنڌ کي مغل سلطنت سان ملائڻ تائين سنڌ جو حصو ۽ مغل جاگيردارن جي جاگيرداري ۾ هو، نه ڪ گهرام لاشاري جي جاگيرداري ۾ شامل هو. ان هڪ سؤ سٺ سالن يعني 1415ع کان 1575ع تائين جي عرصي ۾ گنجابه تي ڪنهن سردار گهرام لاشاري جي حڪومت، جاگير يا جاگيرداري جو ڪو ثبوت نه ٿو ملي. تاريخي حوالي سان سردار گهرام لاشاري جي شخصيت ۽ سندس نالي منسوب ڪيل جاگير ائين غير حقيقي، تاريخي، يعني افسانوي آهي، جيئن "چاڪر رند" جنهن کي بلوچ تاريخ ۾ "بلوچن جو عظيم هيرو" ڄاڻائڻ جي ڪوشش ٿيندي رهي ٿي، جو ڪردار ۽ ڪارناما غير تاريخي آهن. جيئن محترم عزيز لوٽي رقمطراز آهي ته:

"A Careful reading of the relevant Persian text suggests that Chakar rind was not 'Mir Chakar Rind'... Besides, far form being a hero of Baloches, Chakar is shown both by legend as well as history... (100)"

(هلندڙ)

اٽڪل روءِ 2000 سال اڳ ذڪر سبب، سوڍا پرمار پارڪر مان لڏي ڪاٺياواڙ ۾ اچي آباد ٿيا. ماهي ڪننا وٽ اڄ به پرمارن جون به سرداريون دنت (دانت) ۽ سڏاشٽ (سوداسنا) قائم آهن. اهي 1050ع ڌاري ٿٽي مان مسلمانن جي دٻاءَ سبب نڪتا هئا. ڪڇ جا پرمار، پرمارن جي ننڍي ذات سوڍا، ڏسجي ٿو ته اهي پڻ سنڌ مان آيا هئا. اهي گهڻو ڪري اتر ڪڇ ۾ آباد آهن ۽ ڪي رڻ ڪڇ جي ڀيٽ ۾ به رهن ٿا. انهن مان ٿورا هاري ۽ اڪثر ڌنار آهن. انهن جو ڪڇ سان وڏو تعلق، مڪيه جاڙيجا ۽ مسلمان ذاتين سان، پنهنجين نياڻين جي شاديءَ جي ذريعي جڙيل آهي. سوڍن جون ڇوڪريون ڏاڍيون خوبصورت ۽ گهر ڏجاڻيون آهن.

سمان راجپوتن ۾ جاڙيجا مکيه هندو جاتي آهن. سمن راجپوتن سنڌ تي راڄ ڪيو، جن ڪيئي پيرا سومرن جي ظلمن کان بچڻ لاءِ لڏپلاڻ ڪئي. هن ذات جا حڪمران خاندان ڪڇ، نواننگر، گوندل، ڌرول، راڄ ڪوٽ، ۽ ڪاٺياواڙ ۾ ماروي ماڳن سان تعلق رکن ٿا. سنڌن روايتن موجب ڪڇ جي سمن 1350ع ڌاري جاڙيجا لقب ان ڪري اختيار ڪيو، ڇو ته ٿٽي جي جام جاڙيجي کي "لاکو" نالي سان پٽ هو. چوڙا سمان، اصل ۾ سمان قبيلي جي شاخ آهن. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته اهي ڏهين صدي عيسويءَ ڌاري، ڪڇ مان لڏي اچي ڪاٺياواڙ ۾ آباد ٿيا.

کتري وڏي تعداد ۾ ڪپڙي اڻڻ سان وابسته آهن. اهي وڏي پيماني تي سورت ۽ احمد آباد ۾ رهن ٿا ۽ انهن جو تعداد پنجاهه هزار کان مٿي آهي. اهي نسلي طرح برهمڻ کتري هجڻ جي دعويٰ ڪن ٿا. انهن سورهين ۽ سترهين صديءَ ۾ سنڌ مان گجرات طرف لڏپلاڻ ڪئي. ڇو ته اتي يورپين پاران انهن جي ناهيل ڪپڙي جي گهڻي طلب هئي. ايسٽ انڊيا ڪمپني پاران سنڌ ۽ گجرات مان وڏي مقدار ۾ سوٽي ڪپڙو خريد ڪيو پئي ويو. ڪپڙي جي خريداري مستقل جاري رکڻ لاءِ، ايسٽ انڊيا ڪمپني ٺٽي ۾ پنهنجي واپاري ڪوٺي قائم ڪئي هئي. کترين جو سنڌ واسي هجڻ جو وڏو ثبوت هي آهي ته، انهن جو ديوي مندر "هنگلاج" لس ٻيلي ۾ يعني سنڌ جي اولاهين سرحد تي قائم آهي.

ڪاٺيا، جن جو تعداد 3000 ٽيندو، اهي هڪ اندازي موجب مرڪزي ايشيا جي رولو قبيلن مان هڪ آهن[1]. مسلمانن جي لڳاتار حملن سبب اهي، لاڙ واري علائقي ڏي لڏي آيا. انهن جي سنڌ ۾ ڪا مستقل آبادي (بستي) نه رهي. ڪرنل والڪر موجب انهن پاڻ کي سنڌ ۽ ڪڇ جي ٿر واري علائقي ۾ محدود رکيو هو. فوربس جي "راس مالا" موجب ڪاٺيا، اصل ۾ سنڌ جي سومرن حاڪمن جا نائب هئا. سومرا جڏهن انهن کان ناراض ٿيا، تڏهن انهن جي نيڪاليءَ جو حڪم ڏنائون. تسليم ڪيو ٿو وڃي ته 1400ع ڌاري اهي اجا به ڏکڻ ڏي يعني ڪاٺياواڙ ڏي هليا ويا. ڪرنل جي. ڊبليو. واٽسن موجب اشوريا جي ڪتبي موجب ڪٿي ۽ توريت موجب هٽيز (هٽي) آهن.

سنگهار، مسلمان توڙي هندو، 500 جي تعداد ۾ ٽيندا ۽ اهي ڪڇ جي نارجي ساموندي ڪنارن سان رهن ٿا. اهي نوان ننگر رياست جي ڪڇهه ننڍن شهرن ۾ به موجود آهن. اهي سنڌي راجپوت تسليم ڪيا وڃن ٿا. جي جاڙيجن سان ڪڇ ڏي ويا هئا. صدين تائين انهن جو ڌنڌو هندستان جي اتر- اولهه ڪنارن (ساموندي) ۾ ڦرلٽ هو. اوڻيهين صديءَ جي اڄڻ بعد انهن جي ڦرلٽ واري ڌندي کي ڪچليو ويو هو. مون اڳ ۾ ئي هڪ مضمون (جرنل آف دي سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي) ۾ سنگهارن جي ڦرلٽ جهڙين سرگرمين تي تفصيل سان لکيو آهي.

---

[1] هي راءِ درست ڪونهي ڪاٺيا خالص سنڌي قبيلو آهي جنهن جي ڪري "ڪاٺياواڙ" علائقو (نالو) وجود ۾ آيو (مترجم).

آئون دهلي هليو آيس، ڪجهه مهينا بيڪار ويهڻ ڪانپوءِ 1944ع ۾ منهنجو پنجابي ناٽڪ ”لوها ڪٽ“ ڇپيو ته لاهور اسٽيشن مون کي هڪ آرٽسٽ جي حيثيت سان نوڪري ڏني. هتي راجندر سنگهه بيدي ڪم ڪندو هو. دلڪش آواز جو جادو جاڳائيندڙ آپا شيما (موهني داس) هئي. امتياز علي تاج ۽ رفيع احمد پير ڊراما پروڊيوسر ڪندا هئا. ملڪ پکهراج ريڊيو تي ويني پان ۽ سوپاريون چٻاڙيندي رهندي هئي. واهه جو تخليقي ماحول هو. انهن محفلن ۾ اڪثر منٽوءَ جو ذڪر پيو ٿيندو هو.

لاهور جي اردو رسالي ادب لطيف جو ايڊيٽر ۽ پبلشر نذير احمد هو. نذير احمد پنجاب جي ڪنهن ڳوٺ جو آرائين هو، جتي ڪيس نذيرا چوندا هئا. چار درجا پڙهيل، وچولي قد جو ٿلهيرڙو، چمڪندڙ ڏند ۽ هو نج پنجابي ڳالهائيندو هو. هن پنهنجي چاچي برڪت علي سان گڏجي مڪتبه اردوءَ جو بنياد رکيو. جيڪو سڄي هندستان جو سڀني کان وڏو ۽ مشهور پبلشنگ هائوس بڻجي ويو. هو نذير مان نذير احمد ۽ پوءِ چوڌري نذير احمد بڻجي ويو.

نذير احمد پاڻ ئي هر ڪهاڻي پڙهندو ۽ جانچيندو هو، پر منٽو واحد اديب هو، جنهن جي ڪهاڻيءَ جي لاءِ اڪثر ڪري پنهنجو پرچو شايع ڪرڻ ۾ دير ڪندو هو. هو منٽوءَ کي خط لکندو هو. ٽيليگرام موڪليندو هو ۽ جڏهن بمبئي مان منٽوءَ جي ڪهاڻي ايندي هئي ته خوشيءَ مان ٽهڪ ڏيندو هو ۽ چوندو هو ”هاڻ منهنجو پرچو مڪمل ٿي ويو ۽ جڏهن منٽوءَ جي ڪهاڻي ”بو“ ڇپي ته انهي تي فحاشي جو ڪيس هليو ته ڪيس ڪيس جي تاريخ تي لاهور اچڻو پيو.

ضلعي جي سيشن ڪورٽ ۾ ڪيترائي اديب ۽ ليکڪ، هن جي حق ۾ شاهدي ڏيڻ جي لاءِ ويا. مون پهريون ڀيرو ڪيس اتي ڏٺو. سنهڙو ڏگهو جسم، موڪري پيشاني، ڪشميري تراشيل نڪ ۽ اکين تي چشمو، ڪيس شيرواني، لٺي جي سلوار ۽ ذريءَ جو جوتو پاتل هئس. ڪنڌ غرور سبب مٿي، هن لاپرواهي سان اسان کي ڏٺو. هو عصمت چغتائي سان گڏ بيٺو هو. اسين سڀ عدالت جي اردليءَ جي آواز جي اوسيئڙي ۾ بيٺا هئاسين، پروفيسر ڪنهيا لال ڪپور اسان سڀني جو تعارف ڪرايو، پر منٽوءَ جي وات مان مهرباني جو ڪو روايتي لفظ به نه نڪتو، نه ئي وري ڪنهن به قسم جي خوشيءَ جو اظهار ڪيائين، ايتري ۾ چوڌري نذير ٽڪڙو آيو ”لو! سڏ ٿيو آهي“ ليڪن جو اهو جئو جج جي ڪمري ۾ گهڙيو ۽ بو جي فني پهلوئن کي اجاگر ڪندي بيان ڏنا ۽ چيو ته انهيءَ ۾ ڪابه اعتراض جوڳي ڳالهه ڪونهي، پر اهو ته ادبي شاهڪار آهي.

پنجابي اديبن مان سڀني کان وڏو سردار گر بخش سنگهه پريت لڙي وارو هو، جنهن خود پيار جون ڪهاڻيون لکيون هيون ۽ سماجي بغاوت جو علم بلند ڪيو هو. جڏهن ڪيس منٽوءَ جي ڪهاڻي جي حق ۾ شاهدي ڏيڻ جي لاءِ چيو ويو ته هن اهو چئي انڪار ڪيو ته اها فحش ڪهاڻي آهي، جڏهن اها ڳالهه عصمت ۽ منٽوءَ کي معلوم ٿي ته هو ڏاڍا حيران ٿيا. منٽوءَ چيو حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه اها آهي ته پنجابيءَ ۾ اهڙا اديب به موجود آهن. انهي زبان ۽ ادب جو الله ئي مالڪ آهي.

شاهديون ٿيون، جج ايندڙ شنوائي جي تاريخ مقرر ڪئي. سيشن ڪورٽ جي ماحول مان منٽوءَ جي طبيعت بيزار ٿي پئي. ٽٽل ڦٽل بئنچون، لوهه جون ڪرسيون، مٽي، وڪيلن ۽ منشين جي قانوني سوديبازي، عجيب گهبراهٽ ۽ پريشاني سبب ليکڪ جڻ ڏوهاري نظر اچي رهيا هئا.

منٽوءَ چيو نذير، آئون گهر ويندس. ٽانگو گهرائي ڏي. ۽ ٽانگو آيو ته منٽو انهي ۾ چڙهي ويٺو.

”بي ڪنهن کي هلڻو آهي؟ فقط هڪ!“

آئون ويجهو بيٺو هئس، اڳيان وڌيس ۽ بيهي رهيس، منٽو ٽنگون پکيڙي پوئين سيٽ تي ويٺو هو، رستي ۾ هڪ اڌ ڳالهه ٿي.

هن چيو: ”هيءَ همراهه مون کي هروڀرو هيرو پيا بڻائين. مون کي جيل کان ڊپ ٿو ٿئي. هر ڀيري بمبئي مان هتي اچڻ بي حد ڏکيو ۽ مهانگو آهي. اهو ئي ڏوهه ڪافي آهي. فلم جي ڪهاڻي جو اسڪرين پلي تيار ڪري رهيو هئس. جو چوڌريءَ جي ٽيليگرام اچي پهتي... تون ڇا ڪندو آهين؟

ڏنو، هڪ نوڪر اچي ٽي گلاس رکي ويو. منٽوءَ چيو ”سوڍا گهرائي ۽ کائڻ جي لاءِ تڪا ڪباب تون ڇا پيئندين؟“

انهن ڏينهن آئون گوشت نہ کائيندو هئس، هڪ ٻہ ڀيرا کائڻ جي ڪوشش ڪيم پر چٻاڙيم تہ رٻڙ جيان محسوس ٿي ٿيو مون وراڻيو ”آئون آمليٽ کائيندس.“

منٽوءَ ڪيسي مان ڏهين ڏهين جا ڪڙڪ نوٽ ڪڍيا. ڏهن منٽن کانپوءِ هو ۽ سندس نوڪر ڪباب ۽ آمليٽ جون پليٽون کڻي آيا، گڏوگڏ سوڍا جون بوتلون ۽ برف پڻ، هڪ پليٽ ۾ ليمون ۽ بصر بہ هو، هن باقي پئسا واپس ڪيا، پر منٽوءَ چيو ”اهي پاڻ وٽ رک!“

باريءَ بوتل کولي ۽ ٽن گلاسن ۾ شراب اوتي برف ۽ سوڍا وڌي.

”آئون ناهيان پيئندو!“ مون چيو مون چيو.

باريءَ جي سانوري منهن تي ڦهريون ڀيرو مرڪ تري آئي ”پٽي! شراب تہ نيڪيءَ جي شيءِ آهي پي پي!“

منٽوءَ وراڻيو ”هيءُ ناهي پيئندو.“

پوءِ هن وئيشيا کي چيو ”تون پي منهنجي جان!“ وئيشيا آڏي اک سان منٽوءَ کي ڏنو ۽ هڪ مرڪ وکيريندي. گلاس کڻي پيئڻ لڳي.

منٽوءَ ۽ باريءَ هڪدم پنهنجا گلاس خالي ڪري ڇڏيا، پوءِ ڊبل پيگ ناهيو، منٽو ڍڪ ڀريندي چيو ”هاڻ مال ڏيکار“ نائڪا پناڻ کي اشارو ڪندي ڪجھ چيو ٿوري دير کان پوءِ پناڻ هڪ نهيل جڙيل وئيشيا اندر وٺي آيو، هو سامهون ويهي رهي منٽو کيس ڏيان سان ڏٺو، مون بہ کيس تجسس سان ڏٺو، هن مرڪي پڇيو ”اوهين ڪٿان آيا آهيو؟“

”تنهنجي ماءُ جي ڳوڻان“ منٽو وراڻيو ۽ پوءِ پڇيو: ”تون ڪٿي جي آهين“ ۽ منٽوءَ ٻن ٽن سوالن کان پوءِ وئيشيا کي رد ڪري ڇڏيو. پناڻ جي اشاري سان هوءَ هلي ويئي، انهي کان پوءِ هو ٻي وٺي آيو، پوءِ ٽئين پر ٽيئي منٽو کي نہ وڻيون، پوءِ چوٿين وئيشيا آئي، نقش تکا، منهن تي مسڪراهٽ، اکين تي ڪارو چشمو. هوءَ گوڏن ڀر ويهي رهي، جڻ نما جي حالت ۾ هجي. منٽوءَ کي سندس اهو انداز سٺو لڳو، ٻن چئن سوالن جا جواب وئيشيا مخصوص نخري سان جواب ڏنا. منٽوءَ جي دلچسپي ۾ واڌارو ٿيو، پر گڏوگڏ هڪ ٻيو جذبو بہ ڪم ڪري رهيو هو، هن پڇيو ”هي ڪارو چشمو رات جي وقت ڇو لڳايو اٿئي، منهنجي مٺي!“

هن وراڻيو ”اوهان جي حسن جي ڪري منهنجون اکيون ڪيريون نہ ٿي وڃن.“ منٽوءَ هن جي اکين ۾ اکيون وجهي چيو.“ منهنجي جان توسان تہ وقت سٺو گذرندو، پر ڦهرين توکي ڏسي وٺان تہ تون آهين ڇا؟“

اهو چئي منٽوءَ اوچتو هٿ وڌائي هن جو ڪارو چشمو تہ لاهي ورتو، وئيشيا اکيون ڇنڀيون، هڪ اک ڪاٽي هيس. اهو ڏسي منٽوءَ چيو ”جيڪڏهن تون چشمي ڪانسواءِ اچين ها تہ آئون توسان ضرور محبت ڪريان ها، تنهنجي هڪ ڪاٽي اک تان بہ قربان ٿي وڃان ها، پر آئون چوري سهي نہ ٿو سگهان.“

اها وئيشيا بہ رد ڪئي وئي.

رات جا يارهن ٿي چڪا هئا، گوشت، ڪباب ۽ آمليٽ ٽي ڀيرا اچي چڪا هئا، منٽو پنج پيگ پي چڪو هو، پر هن جي ڳالهين ۾ اها ئي چمڪ ۽ رنگيني هئي، هو ڇهون پيگ ناهڻ لڳو تہ نائڪا چيس ”وڌيڪ نہ پي!“ هن جي انداز ۾ همدردي هئي. منٽو بوتل کڻي تہ هن سندس هٿ جهلي ورتو. ”توکي منهنجو قسم تہ وڌيڪ نہ پي“ مون بہ منٽوءَ کي چيو ”هاڻ وڌيڪ نہ پي. هيءَ صحيح پئي چوي. هن کي توسان همدردي آهي“ اهو ٻڌي منٽوءَ چيو ”همدردي آهي؟ حرامڙي پنهنجي دلي جي لاءِ چار پيگ بچائڻ ٿي چاهي، جيڪڏهن صاف چئي ڏي تہ آئون هن جي لاءِ نئين بوتل بہ گهرائي سگهان ٿو. پر هيءَ همدردي جو ڍونگ پئي ڪري.“ اهو چئي هن وڌيڪ پيگ ناهيو ۽ ڍُڪ ڍُڪ ڪري پيئڻ لڳو، نائڪا ٻيهر منٽوءَ جو هٿ جهليو ”خدا ٿو ڄاڻي تہ تون ڏاڍو سٺو ٿو لڳين؟“

منٽو هن کي چيو ”منهنجي مني! تون دنيا جي سڀني عورتن کان وڌيڪ سهڻي آهين. تون قلوپطره آهين، هيلن آهين...

هن فوٽ بال ميچ جي ڳالهه شايد انهي ڪري هئي جو ڪيترائي هندو اديب ترقي پسند هئڻ جي دعويٰ ڪري رهيا هئا، پر هو اندران ڪٽر هندو هئا، جيڪي اها ڳالهه کليل نموني چئي نه ٿي سگهيا. منٽو انهيءَ جذبي تحت لکيو، جيڪو اسان جي تحت الشعور ۾ ڏڪندو آهي ۽ جنهن تي اسان جو شعور طور تي ڪو به وس نه ٿو هلي. اسان کي هڪ گهڙي سچ جي سامهون ڪڙو ڪري ٿو ڇڏي.

مون بابت هن جو رد عمل عجيب هو، هن چيو ته "هڪ ماڻهوءَ جو موت الميو آهي، پر هڪ لک انسان مري وڃن ته اهو قدرت جو وڏو مذاق آهي."

هن پنجاب جي ورهاست، قتل ۽ رتو ڇاڻ، زوري زنا جهڙن دل ڏاريندڙ واقعن تي ڪهاڻيون تخليق ڪيون "ٽوبه ٽيڪ سنگهه"، "ٺنڊا گوشت"، "کول دو" ڪهاڻين جي عظمت کان سڀ واقف آهن، هن "سياهه هاشيي" ۾ فرقيوارانه فسادن جو ذڪر ڪيو آهي.

اهي ڪارا لطيفا، ننڍيون ننڍيون ڪهاڻيون جن ۾ لقمان جون ڪهاڻيون ۽ پنج تنتر جهڙيون ٽڪيون ۽ ابتي ذهانت آهن، هن غنڊه گردي، قتل ۽ انساني بيوقوفين جو مذاق اڏايو آهي، انهي قسم جا ڪارا مذاق هندستاني ادب ۾ پهريون ڀيرو تخليق ٿيا.

انهيءَ جي ڪيترن ئي سالن کان پوءِ، يورپ ۾ هيومريا ڪاري مذاق کي فليني ۽ فاڪر فلمن ۾ پيش ڪيو، پر منٽو انهي کان ڪيترو وقت اڳ بين الاقوامي ادب جي واٽ تي هلي رهيو هو. ڪيترائي ڀيرا منٽوءَ جي ڪردارن جا نالا اصلي هوندا هئا. اهي ڪردار ايترا ته دلچسپ ۽ نرالا آهن، جو انهن جي حقيقت ۽ افسانوي روپ ۾ ڪو به فرق نظر نه ٿو اچي.

"بابو گوپي ناٿ" ۾ عبدالرحيم سينڊو، بي حد مڪار ڪردار آهي ۽ هن جي لفاظي به اوٽ پٽانگ آهي، هو فلمن ۾ ايڪسٽرا ڪردار طور ڪم ڪندو آهي، اڄ به بمبئي جي فلم اسٽوڊيو ۾ اوهين عبدالرحيم سينڊوءَ جي ڪردار کي سڃاڻي سگهو ٿا، هو پنهنجي ڳالهه ٻولهه ۾ اهڙا ته بي ايماني وارا ۽ اڏنگا لفظ استعمال ٿو ڪري، جن جو اثر ڌماڪي کان گهٽ ڪونهي، جهڙوڪ بابو گوپي ناٿ منٽوءَ جي سڃاڻپ ڪرائيندي لکي ٿو، "منٽو صاحب انڊيا جو پهريون نمبر ليڪ آهي، ڪهاڻين ۾ اهڙو ته تسلسل ٺو رکي. جو وڏن وڏن جو ڏينگو ڏيري ٿيو وڃي، ڪيئن منٽو صاحب! آهي نه اينٽي جي پينٽي پو؟"

اهي لفظ ڪنهن به ٻولي جا ڪونهن، جڏهن ته منٽوءَ انهن کي استعمال ڪيو ته اهي نئين ايجاد وانگيان چمڪڻ لڳا ۽ اردو ادب جو حصو بڻجي ويا.

"ٽوبه ٽيڪ سنگهه" ۾ پڻ هو انهي قسم جي جادوءَ کي تحت الشعور ۾ ايئن ئي اجاگر ٿو ڪري، پاڳل خاني ۾ هندو، سک ۽ مسلمان چريا واڙيل آهن، ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ انهن کي به باقي شين جيان ڳولهيو پيو وڃي، هڪ چريو سک عجيب بي ڍنگيون ڳالهيون ٿو ڪري، هو حيران آهي ته هندستان ۾ هو، پر پاڪستان ڪيئن هليو ويو ۽ اهو پاڪستان ڪٿان اچي ويو؟

هن جو ڳوٺ "ٽوبه ٽيڪ سنگهه" ڪيڏانهن ويو؟ ۽ هاڻ ڪيس ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟ هو بار بار مڪالما آلاپي ٿو:

"اوهه گڙ گڙ دي، لالٽين دي، هندستان دي، تيري مان دي... اهي لفظ هن جي اندروني نفرت جو اظهار آهن. هڪ ڀيري منٽو، بمبئي جي اليڪٽرڪ ٽرين ۾ فلمستان وڃي رهيو هو، جو هن اخبار ۾ هڪ نالو پڙهيو، جنهن جي ابتي سبتي هج هئي، جيڪو شايد برڪت الله يا حنيف الله لکيل هوندو، ۾ چيو "هپ ٽلا" هو. هن به چار ڀيرا اهو لفظ ورجايو، اهو ڪيس سنو لڳو، اسٽوڊيو وڃي فلم ڊائريڪٽر سان هن جو ڪنهن ڪهاڻيءَ تي بحث ٿيو ته انهي بابت منٽوءَ جي راءِ ورتي وئي، منٽو چيو "ڪهاڻي ٺيڪ آهي، پر اها ڪهاڻي هپ ٽلا ڪونهي!" اشوڪ ڪمار ها ۾ ها ملائي ۽ چيو "ڪهاڻي هجي ته هپ ٽلا هجي!" مڪرجيءَ کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي، انهي کان پوءِ فلمي دنيا ۾ سٺي ڪهاڻيءَ جي لاءِ "هپ ٽلا" جو لفظ جاري ٿي ويو.

آگسٽ 1947ع ۾ جڏهن قتل ۽ رتو ڇاڻ جي بازار گرم هئي ۽ فسادن جي باهه ڀي ٻري ته آئون

لاهور مان هڪ قميص ۽ پتلون ۾ "بٽنده"، آيس، خبر پئي ته اها آخري گاڏي هئي جيڪا صحيح سلامت "مستلج جي پل" اڪري آئي هئي، "بٽنده" پهتس ته اتي به فساد شروع ٿي ويا، مون انهيءَ خوني ماحول ۾ رهڻ نه ٿي چاهيو، جتي منهنجي ننڍپڻ جو دوست فصل ميراثي ۽ سندس پيڻ قتل ٿي ويا.

دهليءَ پهتس ته هتي به رتو ڇاڻ جاري هئي، اتي هڪ مهينو رهي بيڪاري ۽ بي يقينيءَ واري صورتحال ڏسندي سوچيم ته بمبئي هليو وڃان، ٽڪيٽ ورتم ۽ پنجاب ميل ۾ چڙهي بمبئي هليو ويس، مون کي ملڪ راج آنند جو پتو ياد هو، مون پنهنجو ننڍو بريف ڪيس ۽ هنڌ بسترو وڪٽوريا بگيءَ ۾ رکيو ۽ ڪوچوان کي ڪف پيرڊ هلڻ جي لاءِ چيم، جتي ملڪ راج آنند رهندو هو، هن وڏي خلوص سان مون کي پاڻ وٽ ٽڪايو.

هتي ادبي محفلون ٿينديون رهنديون هيون، جتي ڪرشن چندر، علي سردار جعفري ۽ بمبئي جا پينٽر ۽ ڊانسر ۽ ترقي پسند سوچ جا حامل اديب ۽ شاعر ايندا هئا ۽ امن و امان جون ڳالهيون ڪندا هئا، شام ٿيندي ئي فضا ۾ لڪيل ڊپ ڏڪڻ لڳندو هو، پاڪستان نهڻ کان پوءِ مسلمان وڃي رهيا هئا، باقي ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ وڃي بچيا هئا.

مون منٽوءَ کي فون ڪئي ته هن پڇيو "تون ڪڏهن آئين؟" مون ڪيس پاڻ بابت ٻڌايو ۽ چيو ته آئون سائس ملڻ ٿو چاهيان. هن وراڻيو "اڄ شام جو گهر هليو اچ منهنجي گهر بائيڪلا ۾، ڪلير روڊ تي..." هن پنهنجي گهر جو نمبر ۽ سڃاڻپ ٻڌائي.

شام جو ڪرشن چندر ۽ ڪجهه ٻيا دوست اچي ويا ۽ ڪچهري شروع ٿي ويئي، اونده ٿي ويئي، جڏهن مون چيو ته مون کي منٽوءَ سن ملڻ لاءِ وڃڻو آهي ته سڀني چيو "تون هتان جي رستن کان اڻ واقف آهين، رات به ٿي ويئي آهي، خطرو آهي، تنهنڪري صبح جو هليو وڃج." مون کي ڊپ ٿي ٿيو، تنهنڪري نه ويس، ٻي ڏينهن منٽوءَ کي فون ڪيم ته هن سخت ڪاوڙ مان وڏي سڏ چيو، "اڙي! ڪلهه شام جو آئون تنهنجو انتظار ڪندو رهيس، تون چو نه آئين؟"

مون وراڻيو "ڪرشن چندر ۽ ٻيا سنگتي اچي ويا هئا، جن ۾ ملڪ راج آنند به هو، ڳالهيون ڪندي دير ٿي ويئي ۽ آئون اچي نه سگهيس."

هن ان ئي لهجي ۾ چيو "اڙي ڪير ٿيندا آهن ڪرشن ۽ راج آنند.. توکي خبر ڪونهي هت تنهنجو منٽو انتظار ڪري رهيو آهي." مون معافي گهري ۽ شام جو اچڻ جو وعدو ڪيم، هن چيو "ماني مون سان اچي ڪائج ۽ مون وٽ ئي سمهي رهج، سڄو گهر خالي پيو آهي، صفيه لاهور هلي ويئي آهي، آئون به هليو ويندس."

شام جو جڏهن ڪلير روڊ پهتس ته بتيون ٻري رهيون هيون، ڏاڪڻيون چڙهي پهرين ماڙ تي هن جي فليٽ جو در کڙڪايم، هن وڏي سڏ گرجندي پڇيو، "ڪير آهي؟"

مون پنهنجو نالو ٻڌايو، ٿوري دير کان پوءِ بورچيءَ دروازو کوليو ۽ آئون اندر گهڙيس.

منٽو ڪاٺ جي ڪرسيءَ تي ويٺو ڪجهه لکي رهيو هو، شراب جي بوتل ميز تي پيئي هئي، هن چيو "صفيه کي خط لکي رهيو آهيان... بس به لفظ تون ويهه"!!

هو انهيءَ پوزيشن ۾ گوڏن تي پانو رکي لکندو رهيو، خط پورو ڪري چيائين "چڱو ٿيو، جو تون اچي وئين... آئون اڪيلو هئس ۽ اڪيلائي کان مون کي وحشت ٿيندي آهي. شراب پيئندين؟"

مون نهڪار ڪئي.

هن شراب گلاس ۾ اوتيو، هڪ ڍڪ ڀريائين ۽ چوڻ لڳو "منهنجي بورچيءَ ڪڪڙ رڌيو آهي، هاڻ تون گوشت کائڻ لڳو آهين نه؟"

"ها"

"خط ٻڌايانءِ! صفيه جي لاهور مان خط آيو هو، لکي ٿي ته هتي لڪشمي نواس ۾ سٺو فليٽ ملي ويو آهي، سٺو فرنيچر... ريفريجريٽر... گهڻو ڪجهه آهي. عورت! اوسالي! تون ڪهڙي ڳالهه تي خوش آهين، منٽو نه هتي ويٺو آهي... مون کان سواءِ اهو فرنيچر ڪهڙي ڪم جو... بڪواس... آئون صفا سڙي پڇي ڪباب ٿي ويو آهيان."

غلام رباني آگرو

# دارا جا پويان ڏينهن

**مانواري اديب، محقق، دانشور محترم غلام رباني آگرو صاحب جي جنم ڏينهن جي حوالي سان سندن هڪ اڻڇپيل تحرير پيڻا طور پيش ڪجي ٿي. (اداري)**

[هيءُ مضمون، نڪولائي منوچيءَ جي اطالوي زبان ۾ لکيل ڪتاب "سوريا دو موگور" (SORIA DO MOGOR) ترجمو ٿيل آهي. اهو ڪتاب سن 1906ع ۾، لنڊن مان، چئن جلدن ۾، شايع ٿيو هو. مون ڪتاب جي چئن ئي جلدن جو انگريزي ترجمو پڙهيو آهي، جنهن ۾ شهزادي دارا جي پوين ڏينهن جو احوال ڏاڍو دل ڇهائيندڙ هو، تنهنڪري ان کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپائڻ جو خيال آيم.]

[نڪولائي منوچوي اٽليءَ جو رهاڪو هو. چوڏهن ورهين جي عمر ۾ پنهنجي وطن مان نڪتو ۽ مختلف ملڪ گهمندو، ايران جي رستي، جنوري 1656ع ۾ هندستان ۾ پهتو، جتي دارا جي توبخاني ۾ ڀرتي ٿيو. هن شهنشاهه شاهجهان جي پٽن ۾ هندستان جي تخت ۽ تاج لاءِ جنگ اکين سان ڏٺي. منوچي سني پايي جو طبيب هو. سو، شاهي دربار تائين سندس رسائي ٿي ۽ ڪيس مغل سلطنت جي بين معاملن کي به ويجهو ڏسڻ جو موقعو مليو. بعد ۾، هن پنهنجن يادگيرين جو ڪتاب لکيو، جيڪو سندس وفات کان پوءِ يورپ ۾ شايع ٿيو. پاڻ 1639ع ۾ ڄائو هو ۽ 1717ع ۾ وفات ڪيائين.]

• • • •

جنگ جي ميدان تي شڪست کائڻ کانپوءِ، شهزادي دارا وٽ مشڪل سان ٻه هزار ماڻهو هئا، جن سان گڏجي هو سنڌ ڏانهن پناهه لاءِ روانو ٿيو. ڪيس رستي تي رڻ پٽ خشڪ ميدانن مان لنگهڻو پيو، جتي ڪلاڪن ۽ پاڻيءَ جي سخت اڻاٺ هئي. ازانسواءِ، اها گرميءَ جي مند هئي، جنهن سندس سفر کي هيڪاري ڏکيو ڪيو. ڪوشش اها ئي هئس، ته رات ڏينهن سفر جاري رکي، جو ته پنيان پاٽس محي الدين اورنگزيب عالمگير جا عملدار راجا جئسنگهه ۽ بهادر خان ڌوڪيندا ٿي آيا. مسلسل سفر سندس ساٿين کي ٿڪائي بيحال ڪري وڌو. ڪيترائي سپاهي ڪجهه آرام ڪرڻ جي اميد سان پوئتي رهجي ويا، پر انهن تي اوچتو ڌاڙيل اچي ڪڙڪيا، جيڪي ڦرلٽ ڪرڻ کان پوءِ گهڻن کي ماري هليا ويا.

اورنگزيب جي ٻنهي عملدارن مان راجا جئسنگهه سفر اهڙي نموني ۾ ڪري رهيو هو، جيئن دارا کي ڀڄي وڃڻ جو موقعو ملي. ڪيس دارا لاءِ ڪا محبت ته ڪانه هئي. پر ساڳئي وقت هن کي اها ڳالهه به نٿي وڻي ته شهزادو دارا پنهنجو سر وڃائي. هن اهو ئي ڪافي ٿي سمجهيو، ته دارا ڪنهن دور دراز ملڪ ڏي هليو وڃي. جئسنگهه جي انهيءَ روش ڪري، دارا موقعي جو فائدو ورتو، گرفتاريءَ کان پاڻ بچائي، ڪڇ - نگر جي راجا جي ملڪ ۾ پهتو، جنهن سندس سنو آدرڀاءُ ڪيو ۽ ڪيس اَٽ، گهوڙا ۽ سفر لاءِ ٻيو رسد ڏنو.

دارا جي دل گهري ٿي، ته اتي پنهنجن ساٿين کي ڪجهه آرام ڪرڻ جي مهلت ڏئي، پر دشمن جا ماڻهو سندس پٺ وٺيون ٿي آيا، تنهنڪري ائين ڪرڻ ممڪن نه هو. ساڳئي وقت دارا ۾ ايتري طاقت به ڪانه هئي، جو جئسنگهه ۽ بهادر خان جو مقابلو ڪري سگهي. اهڙيءَ حالت ۾ لاچار ڪيس سنڌ ۾ درياءَ واري علائقي ڏانهن وڃڻو پيو، جتي جي رهاڪن کي جيئن ئي سندس آمد جي خبر ملي، ته ڊپ ۾ ٻيڙيون ساڙائي ڇڏيون. بدنصيب شهزادو وڏيءَ مصيبت ۾ اچي ويو: هڪ طرف دشمن سندس پيرو ڪنيو ٿي آيو، ٻئي طرف ڪيس سفر جاري رکڻ لاءِ ڪيترين ئي دريائي شاخن کي ٽپڻو هو، جنهن لاءِ

ٿئي ها، تہ جيوڻ خان جي ماڻهن ۾ جيڪو وڳوڙ پيدا ٿئي ها، ان جو فائدو وٺي دارا کي ايران ڏينهن کسڪي وڃڻ جو موقعو ملي ها، پر بدقسمت فريدون جهلجي پيو.

هاڻي جڏهن جيوڻ خان کي معلوم ٿيو تہ دارا مٿس حملو ڪرايو هو، تہ هن پنهنجون سختيون هيڪاري وڌائي ڇڏيون. دارا جي ڪٽنب جي ڀاتين کانسواءِ باقي سيني ماڻهن کي قيد ڪيائين. دارا جي بيگم کي جڏهن خبر ملي تہ فريدون پنهنجي منصوبي ۾ ناڪام ٿيو ۽ هاڻي سندس مڙس جي ڇوٽڪاري جي ڪابہ صورت ڪانهي، تہ هن دل لوڙهي وڌي ۽ بيعزتيءَ کان بچڻ لاءِ زهر کائي ڇڏيائين (جو سندس منديءَ ۾ ٽڪ جي هيٺان رکيل هو). نوڪريائين سخت روڄ راڙو شروع ڪيو، جو ٻڌي گهر جا سڀ ڀاتي اچي گڏ ٿيا. دارا جو پٽ سپهرشڪوه ۽ ڌيءَ جاني بيگم پنهنجي ماءُ کي ڏسي، زارو زار روئڻ لڳا. ايتري ۾ شهزادو دارا بہ اچي پهتو. واردات ڏسي هن جي دل کي ايڏو تہ ڌڪو آيو، جو سندس وات مان هڪ اکر بہ نہ اڪليو.

جيوڻ خان جي جاءِ تي ڪو پٿر دل ماڻهوءَ بہ هجي ها تہ سندس دل پگهرجي پوي ها. شايد، جيوڻ خان کي بہ ڪهل اچي وڃي ها پر عين انهيءَ مهل دارا جي رت جو پياسي، بهادر خان اچي ڪڙڪيو. هن جا ماڻهو دارا کي پڪڙڻ لاءِ جاءِ ۾ گهڙيا. دارا سمجهي ويو تہ دشمن اچي پهتو، سو هڪدم پنهنجا هٿيار پهرڻ لڳو، تہ جي پيو نہ، تہ گهٽ ۾ گهٽ، وڙهندي وڙهندي پنهنجي بيگم جي پاسي ۾ دم ڏيان. پر، سندس اها ڪوشش بہ ناڪام ٿي. بهادر خان هڪل ڪئي تہ "قيديءَ کي گرفتار ڪريو!"

بهادر خان جا سپاهي، دارا وٽ پهچي ويا. ڪيس پڪڙي، اولاد کان جدا ڪيائون. هن تمام سختيءَ کان ڪم ورتو ۽ انهن رعايتن ۽ مروتن جو ڪوبہ خيال نہ رکيو، جي شاهي خاندان جي ماڻهن لاءِ مخصوص هونديون آهن. دارا کي هٿڪڙيون هنيائون ۽ چيلهہ سان زنجيرون ٻڌائون. پوءِ هنن چار هاٿي آندا، جن تي هوديون رکيل هيون. دارا کي هڪڙيءَ هوديءَ ۾ وهاريو ويو. هر هڪ هاٿيءَ جي چوڌاري ٽن هزارن نيزي بازن ۽ اگهاڙين ترارين وارن سپاهين جو پهرو رکيو ويو. اهڙيءَ ريت لشڪر جا چار حصا ڪيا ويا، جن ۾ شهزادي جي زالن ۽ ٻچن کي بہ ورهائي قيد ڪيو ويو. اهو سڄو ڪم اهڙي تہ مخفي نموني ۾ ڪيو ويو، جو ڪنهن بہ عام سپاهيءَ کي سُڌ نہ رهي، تہ شهزادو دارا لشڪر جي ڪهڙي حصي ۾، ڪهڙيءَ هاٿيءَ تي ۽ ڪهڙيءَ هوديءَ ۾ قيد آهي. هر هڪ هوديءَ جي پٺيان هڪ سپاهي اگهاڙيءَ ترار سان ويهاريو ويو، تہ جيڪڏهن اتفاق سان شهزادي کي آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪو حملو ٿئي تہ پٺيان ويٺل سپاهي پنهنجيءَ اگهاڙيءَ ترار سان دارا جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏي.

دهليءَ ڏانهن واپسيءَ جو سفر شروع ٿيو. لشڪر جي اڳيان راجا جئسنگهہ ٿيو ۽ پويان بهادر خان. هنن بکر جي قلعي وارو رستو ورتو. اهڙيءَ ريت، بدنصيب دارا جي قافلي جو آخري سفر سنڌ مان ٿيو.

منوچيءَ لکيو آهي تہ "بکر جي قلعي تي اسان جو قبضو هو. پر، اورنگزيب جا ماڻهو اسان تي حملن مٿان حملا ڪري رهيا هئا. اسان بہ دليريءَ سان مقابلو ڪري رهيا هئاسون. دشمن ننهن چوٽيءَ جي زور لڳائڻ جي باوجود اسان کي ڪجهہ ڪري ڪونہ سگهيو. انهيءَ ڪري، هن ارادو ڪيو تہ يورپي توبچين کي پنهنجي پاسي ڪجي. انهيءَ مقصد سان هنن قلعي ۾ تير اڇلايا، جن سان خط ٻڌل هئا. انهن خطن ۾ هنن اسان کي دارا جو پاسو ڇڏي، پنهنجي پاسي اچڻ جي دعوت ڏني. اهڙي خط وارو هڪ تير مونکي بہ اچي ڪلهي ۾ لڳو. مان ان وقت ڪوٽيءَ ۾ رينو هئس. رات جو اٽڪل اٺ لڳا هئا. مون تير پنهنجي ڪلهي مان ڪڍيو ۽ زخمي حالت ۾ سڌو خواجہ وٽ ويس. ڪيس تير ۽ خط ڏيکاريم. هن منهنجيءَ وفاداريءَ تي خوش ٿي، مونکي سروپاءِ ڏئي ڏڪائي ۽ گلاب جي پاڻيءَ جا ڪيترا شيشا تحفي طور ڏنا.

اورنگزيب پنهنجي عملدار خليل الله خان

جي نگراني مون کي شهزادي دارا سپرد ڪئي هئي، سندس حڪم ڪانسواءِ مان قلعو ڪنهن جي به حوالي ڪونه ڪندس.

سوار اهو جواب کڻي روانو ٿيو. اڃا ڪنڌيءَ تي ئي ڪونه پهتو هو، جو اسان هٿيارٻند ماڻهن جون ست ٻيڙيون قلعي ڏي ايندي ڏٺيون. انهن ماڻهن جو مهندار چغتائي خان ازبيڪ نسل جو هو ۽ وڏيءَ آڪڙ سان ٻيڙيءَ ۾ ويٺو هو. مون پنهنجن ماڻهن کي بندوقون تيار رکڻ جو حڪم ڏنو. جڏهن ٻيڙيون قلعي کي ويجهو پهتيون، ته اسان مٿن بندوقبازي ڪئي. هنن جو ڪافي نقصان ٿيو ۽ هو پوئتي موٽيا. اسان مٿن بندوقبازي جاري رکي.

اسان جو محڪم ارادو ڏسي، بهادرخان، دارا کي وڃي عرض ڇيو ته هو پنهنجي خواجه سرا بسنت کي پيش پوڻ جو حڪم ڏئي. ٻيءَ صورت ۾ هو (بسنت) ايستائين مقابلو جاري رکندو، جيستائين قلعي ۾ رهندڙ سمورا ماڻهو ڪُسي وڃن.

دارا کي پنهنجي خواجه سرا ۽ پنهنجن ماڻهن تي ڪهل آئي. هن پنهنجي هٿ سان لکي موڪليو ته:

"اهو بدنصيب جنهن جي لاءِ اوهان
لڙي رهيا آهيو مان ئي آهيان.
اوهان کي عرض ڪريان ٿو ته
دشمن کي قلعو خالي ڪري ڏيو."

جڏهن بسنت، دارا جو خط ڏٺو ۽ سندس اکر سڃاتا، ته هن شينهن جهڙي بهادر مڙس جي ڇاتي ڇجي پيئي. زارو زار روئڻ لڳو. اسان سڀني جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا.

جڏهن بهادرخان کي هوش آيو ته هن جواب ۾ لکي موڪليو ته اسان کي پنهنجو ضروري سامان کڻي قلعي مان نڪري وڃڻ جي مهلت ڏيو.

بهادرخان چوائي موڪليو ته اوهان پنهنجو ضروري سامان سڙو پلي کڻي وڃو، پر قلعي ۾ رهندڙ شاهي خاندان جا سڀ مرد، زالون ۽ ٻار توڙي قلعي جو خزانو ۽ ٻيو سامان منهنجي حوالي ڪريو. هن اهو به شرط وڌو ته اسان قلعي مان نڪري درياءَ جي الهندي طرف وڃون، پر هنن جي روانگي ٿيڻ کان اٺ ڏينهن پوءِ پلي دهليءَ جو رستو وٺون.

هن اهو شرط ان خيال کان وڌو ته متان اسان سندس ڇانوڻيءَ ۾ گهڙي، دارا کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪريون.

اسان ٽن ڏينهن کان پوءِ قلعو خالي ڪيو.

بهادرخان جو لشڪر پنهنجي شاهي قيديءَ يعني شهزادي دارا کي ساڻ وٺي ڀکر کان پري هليو ويو. اورنگزيب اجمير جي لڙائيءَ بعد موٽي دهليءَ پهچي ويو هو، بهادرخان ڏانهن حڪم موڪليائين ته سفر تڪڙو طئي ڪري، دارا کي ترت سندس اڳيان پيش ڪيو وڃي. دارا جي نگرانيءَ لاءِ به سخت حڪم ڏنائين. بهادرخان سندس حڪم جي پوئواريءَ ۾ هر رات پنهنجو تنبو دارا جي تنبوءَ جي پرسان هڻائيندو هو. ٻنهي تنبن جي چوڌاري سخت پهرو هوندو هو. دارا جي تنبوءَ ۾ سڄي رات هڪ ماڻهو اگهاڙي ترار کڻي دارا جي مٿان بيهندو هو. کيس حڪم مليل هو ته جيڪڏهن ڇانوڻيءَ ۾ ڪا به گڙٻڙ ٿئي، ته هو هڪدم دارا جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏي.

چاليهن ڏينهن ۾ سفر پورو ڪري، هو دهليءَ کي ويجهو اچي پهتا. جڏهن اورنگزيب کي اهڙو اطلاع پهتو، ته هن بهادر خان ڏانهن، حفاظت طور، هٿيارٻند فوج جا وڌيڪ دستا موڪلي ڏنا. ان کانپوءِ اورنگزيب حڪم جاري ڪيو، ته دهليءَ جي شهر ۾ داخل ٿيڻ وقت دارا کي بيعزتو ڪرڻ لاءِ هاٿيءَ جي اگهاڙيءَ پٺيءَ تي هڪ ڪليل هوديءَ ۾ وهارجي ۽ پاسي ۾ پٽس سپهرشڪوه هجي. ٻنهي جي پٺيان ماڻهو اگهاڙي ترار کڻي بيهي. اورنگزيب پنهنجي وڏي ڀاءُ دارا کي انهيءَ نموني ۾ دهليءَ جي شهر ۾ بي عزتو ڪري آندو.

دارا جي هاٿيءَ جي چوڌاري بيشمار گهوڙيسوار هئا، جن کي چمڪندڙ زرهون پيل هيون. ۽ هٿن ۾ اگهاڙيون تراريون هيون. بهادرخان پنهنجي هاٿيءَ تي اڪيلو هو، جو دارا جي هاٿيءَ جي پاسي ۾ هلي رهيو هو. سندس سپاهين کي به تاڻيل تير ڪمان

ڪوتاهيءَ جو عذر ڪرڻ گهرجي.
• خدا جو حمد انعام آهي، جو هن (ڪتاب) جي پوري ڪرڻ جي توفيق ڏيم.
• شعبان مهيني جي اڳاري ڏينهن، 18 تاريخ هئي.
• جو هيءُ نظم پورو ٿيو، 1278 هجريءَ تي.
نسخي/ مخطوطي جي پڇاڙيءَ ۾ هيٺئين فارسي نثر ۾ عبارت لکيل آهي:
"تسويد اين نسخہ در سنہ 1278 در قريہ پيرزادگان کہ بشاه حسين شهرت دارد بہ ثبوت رسيد و تبيض آن بعد زمان مديد وعهد بيعد روز شنبہ بيست و يکم شهر صفر سنہ 1301 در بلده موره واقع گرديد(11).
ترجمو: هيءُ نسخو تسويد (رف) ڪيو ويو 1278 هجريءَ ۾، شاه حسين پيرزادي جي ڳوٺ ۾ ۽ ان جي تبيض (فيئر) ٿي گهڻي وقت کان پوءِ، ڇنڇر ڏينهن 21 تاريخ صفر جي، 1301 هجريءَ تي، شهر موري ۾.

## ردالوهابيہ:

### (2) ردالوهابيہ:

هيءُ مخطوطو/نسخو سنڌي نظم "الف اشباع" ۾ چيل آهي، هن جو مصنف ۽ ڪاتب مخدوم عبدالرئوف صاحب آهي. هن ۾ ڪل 14 صفحا ۽ هر صفحي ۾ ڏهه سٽون اٿس، نسخي جي سائيز 16.5x21 س.م آهي. تصنيف جو سن 1278 هجري /1861ع اٿس.
نسخي جي شروعات هيٺئين ريت ٿئي ٿي:

ساراهه سبحان کي جو باري بي مثلا
ناهي نظير ان کي منجهه ذات ۽ صفتا
"ليس کمثلہ شيءٌ" آگي وصف اها
عرش اپايل ان جو ۽ پڻ ڪرسيا
خالق خلقيو خلق کي ڪامل قدرتا
ناهس نياز ڪنهن سندو باري بي پروا
مڙئي محتاج ان جا ڪٿس نہ حاجت ڪا
"الله الصمد" ان ۾ آهي اشارتا
صلوات سرور ڄام تي ۽ پڻ سلاما
جنهن واڪاڻيو واحد کي وڏائي وصفا
۽ اتي آل ان جي پڻ اتي اصحابا
جن متابعت مرسل ڪئي واحد
واڪاڻا بعد حمد صلوات جي سڻو سڀوجها
عاصي"عبدالرئوف"ڪنا جو موري منسوبيا (12).

هن مخطوطي/ نسخي جو خاتمو هيٺئن ٿئي ٿو:

ختم ٿيو خيرسين سنڌي زبانا
رسالو "ردِ وهابين" جو فضل ساڻ خدا
"رد الوهابيہ" ان جو نالو رکون تا
هزار حمد حڪيم کي اتي اتماما
سو صلوات سيد اتي سهسين سلاما
نازل هئن نبيءَ تي خاص خير وريٰ
۽ اتي آل ان جي سائين سڳورا
ڪيا ڪرم پنهنجي فائق سين فضلا
پڻ اتي يارن ان جي نوري نجوما
اقتداءُ انن سندو هادي هدايتا (13).

نسخي جي پڇاڙيءَ ۾ عربيءَ جي هيٺئين عبارت لکيل آهي:
"وقع الفراغ من تصنيف هذه الرسالة المسماة برد الوهابيہ ليلة احد وقت العشاءُ الثامن من رجب المنتظر في سلک شهور سنة الف و مائيتن و ثمان وسبعين(14)."
ترجمو: هن رسالي نالي "رد الوهابيہ" جي تصنيف آچر رات سمهڻيءَ مهل رجب مهيني جي 18 تاريخ 1278 هجريءَ ۾ ٿي.

### (3) الاستدلال القوي لا ذلال الحشوي:

هيءُ عربي مناظرو آهي جيڪو مخدوم صاحب مولوي عيسيٰ سان ڪيو هو. هن مخطوطي/ نسخي جو ڪاتب خود مخدوم عبدالرئوف پاڻ آهن. هن نسخي جي سائيز 16x22س.م آهي ۽ هن ۾ ڪل صفحا 54 آهن، هر صفحي ۾ 13 سٽون اٿس، خط نسخ معمولي اٿس.
مخطوطي جي شروعات هنن لفظن سان ٿئي ٿي:
"اما بعد- فهذه رسالتہ مسماة "بالاستدلال القوي لاذلال الحشوي" مشتملة عليٰ فصول ثلثہ.

ترجمو:

”هيءُ رسالو جمعي جي ڏينهن، ڏهين تاريخ ماهه ربيع ال آخر 1301 هجريءَ 1883ع ۾ پورو ٿيو. اي منهنجا الله! رسالي جي ناهيندڙ ۽ ان جي ابن ڏاڏن ۽ پونئرن کي ۽ جنهن پڙهيو ۽ جنهن ملڪ جي پاسن ۾ پهچايو، ان کي نبي ڪريم ﷺ جن جي طفيلي جهنم جي عذاب کان پناهه ۾ رکڻ فرماءِ.“

(4) ازالة الغين من العين الاثبات الانتقاض بالخارج من غير السجيلين:

هيءُ مخطوطو/ نسخو عربي زبان ۾ آهي، هن جو مصنف ۽ ڪاتب خود مخدوم مورائي آهي. ”غير سبيلين مان نڪرندڙ شيءِ (پونءِ يا رت) تي وضوع ڀڄندو يا نه“ تي قاضي عبدالغني ۽ سيد رشد الله شاهه جي وچ ۾ مناظرو ٿيو. قاضي عبدالغني هلائي ”عدم انتقاض وضوع“ جو قائل هو جڏهن ته سيد رشد الله ان جي برعڪس هو.

قاضي عبدالغني جي تحرير پڙهي، مخدوم صاحب ان تي تعليقات لکيو آهي جنهن ۾ قرآن شريف، حديث، فقهه، مڪتوبات امام مجدد الف ثاني ۽ مختلف فقيهن ۽ عالمن جون عبارتون درج ڪيون آهن. پاڻ سيد رشد الله سان متفق آهن ۽ ان کي دليلن سان ثابت ڪيو اٿن. هن مخطوطي ۾ ڪل 64 صفحا آهن، هر صفحي ۾ تيرنهن سٽون ۽ ان جي سائيز 16x22 س.م آهي. ڪاغذ سنهو حنائي ۽ خط نسخ اٿس.

مخطوطي/ نسخي جي شروعات هيئنئين ريت ٿئي ٿي:

”اما بعد- فاني لما اطلعت عليٰ تحرير الفاضل القاضي عبدالغني عليه رحمة في عدم انتقاض الوضوع باالخارج من غير سبيلين اردت ان اعلق عليه شيئا ليرتفع الغين من البين وسميته ”بازالة الغين من العين الاثبات الانتقاض بالخارج من غيرالسبيلين“ وها انا اصدر ذالک التحرير وازيل ليتيسر الفهم التعليق ولي التوفيق وبيده ازمة التحقيق (18)“.

ترجمو:

”آءٌ جڏهن قاضي عبدالغني عليه رحمة جي تحرير کان واقف ٿيس جيڪا غير سبيلين مان نڪرندڙ شيءِ جي وضوع جي نه ڀڄڻ بابت هئي. مون ارادو ڪيو ته آءٌ ان تي ڪجهه تعليقات (فوٽ نوٽ) لکان ته جيئن ڪارائڻ دور ٿي وڃي ۽ مون ان تعليقات تي ازالة الغين من العين الاثبات الانتقاض بالخارج من غير سبيلين“ رکيو. هاڻي آءٌ ان تحرير جي شروعات ڪيان ٿو ۽ شڪ شبها دور ڪيان ٿو ته جيئن تعليق سمجهڻ آسان ٿي پوي. الله تعاليٰ توفيق جو صاحب آهي ۽ سندس قدرت جي هٿ ۾ تحقيق جي واڳ آهي.“

ان کان پوءِ مخطوطي ۾ قاضي عبدالغني جي تحرير شروع ٿئي ٿي جيڪا صفحا چوٽين تائين هلي ختم ٿئي ٿي، هن بعد مخدوم عبدالرئوف جن جي تعليق شروع ٿئي ٿي.

مخطوطي جي 32 صفحي تي لکيل آهي، ته:

”انتقلت هذه الرسالته من السواد الي البياض يوم الاحد بعد الزوال التاسع من جمادي الثاني سنته احد و ثلثمائته و الف من الهجرة النبويته (19).“

ترجمو:

”آءٌ هن رسالي کي رف کان فيئر ڪرڻ ڏي موٽيس بروز آچر زوال کان پوءِ، نائين تاريخ جمادي الثاني سن 1301 هجريءَ 1883ع تي.“ ان کان پوءِ لکيل آهي:

’هذا آخر الكلام و مقام الاتمام و اوان تمام التبيض بعد العوام فيقول المؤلف الفقير الي الله الغني عبدالرئوف السندي الموراني عفي عنه ما كان منه وعن اسلافه واخلاقه.‘

ترجمو:

’هيءُ آخري ڪلام آهي ۽ پوري ڪرڻ جي جاءِ آهي ۽ فيئر ڪرڻ جي پوري ڪرڻ جو وقت آهي. پوءِ چوي ٿو مؤلف فقير، الله بي پرواهه جو عبدالرئوف سنڌي مورائي شال الله تعاليٰ ڪيس سندس اڳين ۽ پوين کي معاف ڪري.‘

هن مخطوطي جي 34 صفحي تي سنڌ جي برک عالم ۽ حڪيم مخدوم ميان غلام محي الدين سيوستانيءَ (متوفي 1274هه/ 1857) جو هڪ خط

مخدوم صاحب جي تعليقات جي تائيد ۾ لکيل آهي، جنهن جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

محقق مخدوم مورائي دام بقائہ حنفي مذهب جي تائيد ۾ کهڙي نہ سهڻي تحقيق ڪئي جڏهن تہ اهو قوي دليلن سان ثابت ڪيل آهي ۽ مذهب واري (مقلد) جو طريقو اهو هوندو آهي تہ قوي دليل کي ونجي نکي گهڻا دليل جيئن ان بابت اصول جي ڪتابن ۾ تصريح ٿيل آهي. ڪيئن نہ جڏهن غيائيہ واري فتني دوران ان امت جو اجماع منعقد ٿيو تہ جيئن مذهبن مان ڪنهن بہ مذهب تي عمل ڪيو وڃي. ان ڳالھ جي اطلاع خاطر تہ ان ۾ ڪثرت صحت آهي ۽ موضوع آهي. ايتري قدر جو انهن حديثن ۾ ڪيترائي موضوعي ڪتاب ڏنا، جيئن اسان ان ڳالھ کي پنهنجي رسالي ”التعليق الانيق“ ۾ تفصيلي طور ثابت.ڪيو آهي تہ پوءِ مذهب جي خلاف چوڻ اگرچہ ان غذر سان هجي تہ قوي دليل تي واقفيت نٿي سو اهو اجماع جي خلاف آهي تانڪ الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ جيڪو ماڻهو هدايت ظاهر ٿيڻ کان پوءِ رسول جي مخالفت ڪندو ۽ مومنن جي طريقي کان سواءِ ٻين جي طريقي جي تابعداري ڪندو (اسان ان کي جهنم ۾ داخل ڪنداسين) ال آية (اڳتي پوري آيت پڙهي وڃي). ان کان سواءِ تاتارين واري فتني ۾ اهم ڪتاب ضايع ٿي ويا، جيڪڏهن نہ تہ حديث جا ڪتاب تہ بيشمار آهن. اها ڳالھ نقصان نہ پهچائيندي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو معتمد عليہ روايتن جي حڪم ثابت ٿيڻ کان پوءِ صحيح حديثن تي واقف نہ ٿيو ۽ اهو سڀ ڪجھ التعليق النيق ۾ لکيل آهي الله تعاليٰ وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي (20).

مخطوطي جي پڇاڙي هينين لفظن سان ٿئي ٿي:

”قال العائذ بالله السيد رشد الله وفق للاعتصام بحبل الله. هذا آخر ما ارادت في تحقيقة و رغبت في تمنيقہ ولم آل جهدا في ابتغاء الحق فان كنت اصبت فيما اجبت شكرالله جهدي عليٰ مطابقة الصدق وان اخطاعت في ما سعيت فما ابري نفسي ان النفس لكثيره الخطاءُ و امل من الله ان يغفرلي ويلقي الحق ولسداد في نفسي بكشف للخطاءُ (21).“

**ترجمو:**

”الله کان پناھ وٺندڙ سيد رشدالله چيو، جنهن کي الله تعاليٰ جي رسيءَ کي مضبوط وٺڻ جي توفيق حاصل هئي. هيءَ ان شيءِ جي پڇاڙي آهي، جنهن جي تحقيق جو مون ارادو ڪيو ۽ ان جي صفائيءَ ۾ رغبت ڪيم ۽ مون حق جي طلب ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪاب گهٽتائي نہ ڪئي. پوءِ جيڪڏهن آءٌ جواب ڏيڻ ۾ حق کي پهتس تہ الله تعاليٰ جو شڪر آهي جنهن منهنجي ڪوشش کي سچ جي مطابق بنايو ۽ جيڪڏهن مون پنهنجي ڪوشش ۾ خطا ڪئي تہ پوءِ آءٌ پنهنجي نفس کي پاڪ نٿو سمجهان ڇو تہ نفس گهڻا گناھ ڪندڙ آهي ۽ آءٌ الله تعاليٰ ۾ اميد رکان ٿو تہ مون کي بخش ڪري، حق ۽ سڌي رستي کي منهنجي نفس ۾ پردن کولڻ سان پلٽائي ڇڏي“

**(5) بياض:**

مخدوم ميان عبدالرئوف مورائي هڪ وڏي عالم، ليکڪ سان گڏوگڏ هڪ بهترين ڪاتب پڻ هو. سندس ڪيترائي ڪتاب پنهنجن هٿن اکرن سان لکيل آهن. سندس لکيل ڪتابن ۾ ٻہ ٽي بياض پڻ آهن، جن ۾ سندن دؤر ۽ ان کان اڳ جي مختلف عالمن جون تحريرون جهڙوڪ: مخدوم عبدالواحد سيوستاني، مخدوم محمد عارف سيوستاني، مخدوم محمد صادق ڳچيرائي، مخدوم محمد عثمان متعلوي، سيد محمد عاقل الحسيني، مخدوم محمد سيوهاڻي، مولانا حامد اگهمي، مولانا عبدالغني، مخدوم جنيد، مخدوم محمد دائود ۽ ٻين وڏن وڏن عالمن جون فتوائون درج ٿيل آهن. سندن پڻ ڪيتريون ئي فتوائون انهيءَ بياض ۾ شامل آهن جن تي سندس همعصر عالمن جهڙوڪ: مخدوم محمد مسعود چوٽياروي، مخدوم محمد ٽپٽائي ۽ ٻين جون تصحيحون ۽ مهرون لڳل آهن. هڪ بياض ۾ مختلف باب آهن جن ۾ سنڌ جي مختلف عالمن جون فتوائون مختلف بابن هيٺ گڏ ڪيل آهن جن مان ڪجھ بابن جا نالا باب اولياءُ والانعام، باب الصريح، باب الڪنايات ۽ باب التعليق آهن. بياض ۾ تقريباً 250 کان مٿي صفحا آهن.

مخدوم صاحب جي هڪ بياض ۾ گهڻي

جيڪي مخدوم سيوستانيءَ جي دؤر کان بعد جا آهن جن مان هڪ فتويٰ/ تحرير تي ”ڪتبہ الفقير غلام محمد ملڪاڻي عفي عنہ“ لکيل آهي جيڪو پڻ مخدوم صاحب ڪان پوءِ جو آهي. مخدوم عبدالڪريم متعلوي (متوفي 1261هه/ 1845ع مخدوم مورائيءَ جو استاد هو.

علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي پڻ جنهن جو ذڪر ڪيو آهي جنهن ۾ واضح اشارو ”موري“ جو هڪ عالم پڻ ڏنو اٿن سو ۽ مٿيان بياض مخدوم عبدالرئوف مورائيءَ جا آهن. راقم مخدوم صاحب جي هٿن اکرن سان لکيل هڪ جلد پروفيسر نذير احمد قاضي جي ذاتي ڪتب خاني ۾ ڏٺو آهي ۽ ان جو نقل ڪٽي سنڌالاجيءَ ۾ رکيل بياضن ڪي پيڻلي ڏنو تہ اهي پڻ ساڳئي نوعيت جا ۽ ساڳيا ئي هٿ اکر آهن.

سنڌالاجيءَ ڪي مخدوم عبدالرئوف جن جا ڪيترائي بياض، مخطوطا ۽ قلمي نسخا، جن ۾ حڪمت جا ڪتاب پڻ شامل هئا، سنڌن پڙپوٽن پروفيسر نذير احمد قاضي (بن قاضي محمد قاسم بن مولوي محمد صادق مورائي) ۽ مرحوم انور احمد قاضي ايڊووڪيٽ (بن محمد هاشم قاضي بن مولوي محمد صادق مورائي) تحفي طور Donate ڪيا هئا. جنهن مرحوم رشيد ڀٽي، مرحوم الطاف عباسي ۽ حڪيم نياز همايوني، پروفيسر سيد غلام مصطفي شاهہ جي اپيل تي سنڌ مان سنڌالاجيءَ لاءِ قلمي نسخا ۽ ٻيو مواد ڪٺي ڪرڻ نڪتا هئا (ياد رهي تہ ان وقت سنڌالاجيءَ ڪي سنڌ دشمنن باهہ ڏني هئي جنهن ۾ ڪافي قلمي نسخا ۽ ٻيو مواد سڙي ويو هو) اها ڳالهہ راقم کي تحقيق دوران پروفيسر نذير قاضي ٻڌائي جنهن جي تصديق راقم خود وڃي سنڌ جي برک شاعر ۽ حڪيم سائين نياز همايونيءَ ڪان ڪئي هئي.

مولوي مائر مٿين مخطوطن/ بياضن ۾ مصنف ۽ ڪاتب جو نالو نہ ڄاڻايو آهي ۽ ان جڳهہ تي سواليہ نشان ڏنا اٿس، تن جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ اهي مخطوطا/ بياض مخدوم مورائيءَ جي فرزند ۽ سنڌ جي جيد عالم قاضي مولوي محمد صادق جي وفات بعد ڪاٺ جي پيتين ۾ پيل هئا ۽ ڪيترائي سال پيل رهيا. بعد ۾ پروفيسر نذير قاضيءَ انهن کي پيتين مان ڪڍيو جيڪي گهڻو ٽٽو اڏوهيءَ جو ڪاج بنيا ۽ ٻيا جيڪي پاڻ سنڌالاجيءَ کي ڏنائون سي بہ ڪٽان ڪٽان ڪاڌل هئا پر سٺي صورت ۾ هئا. اڏوهيءَ جي ڪري انهن ڪتابن جا ڪيترائي صفحا ضايع ٿي ويا ۽ تقريباً سڀني مخطوطن جا اڳ وارا صفحا ۽ ڪجهہ پٺيان ۽ وچ وارا صفحا پڻ ڪاڌل هئا، انڪري مولوي ”مائر“ کي انهن مخطوطن جي مؤلف ۽ ڪاتب جي خبر نہ پئجي سگهي.

مخدوم محمد مسعود چوٽياروي قاضي ميان عبدالرئوف صاحب جن ڏانهن لکيو تہ ”علم باطن فرض نہ آهي.“ قاضي ميان عبدالرئوف جن لکيو تہ ”فرض آهي.“ اها تحرير بن ٽن جزن ۾ هئي ۽ ڪنياروي ميان عبدالحق بزرگن جي معرفت اها لکپڙهہ ٿيندي هئي (25).

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ”قاضي عبدالرئوف مورائي“ واري مضمون ۾ لکي ٿو تہ: ”مخدوم امير احمد صاحب جن ٻڌايو تہ وهابين جي رد ۾ سندس فارسيءَ ۾ لکيل ڪي تحريرون ۽ مسئلا مون سندن شاگرد ”مولوي فضل محمد مرحوم“ جي ڪتب خاني ۾ ڏٺا هئا. تحريرن مان موصوف جو علمي تبحر صاف ظاهر هو ۽ ڪيس تحرير جي فن ۾ قدرت خاص ملڪو عطا ڪيو هو (26).

## شاعري

مخدوم عبدالرئوف مورائي هڪ جيد عالم ۽ ليکڪ سان گڏوگڏ سٺو شاعر پڻ هو. پاڻ سنڌي، فارسي ۽ عربيءَ ۾ پڻ شاعري ڪئي اٿن. سنڌيءَ ۾ سندن ڪيترائي مولود ۽ مدحون چيل آهن (27). تحقيق دوران ڳولا ڪندي سندن صرف هڪ مولود ۽ هڪ مدح هٿ اچي سگهي/ ملي جيڪا هيٺ ڏجي ٿي:

قاضي صاحب جي سنڌي شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

مرضن ماري، آئون سائين ناهيان، ماري آهيان مرض محبت
ماري آهيان، مرض محبت، سڄڻ ريءَ، ريءَ صحبت.
مرضن ماري.......

### روحاني سلسلو:

مخدوم صاحب نقشبندي طريقي جو صاحبِ حال ۽ قال جو بزرگ هو، سندن سلوڪ ۽ معرفت ۾ خاص مقام هو. قلبي ذڪر جي جوش ۽ گرمائش سبب تهہ سياري ۾ ململ جي ڪپڙي ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ اوڇڻ اوڍي نہ سگهندو ۽ ذڪر جي آتشِ عشق ڪان انهيءَ تهہ سياري ۾ بہ نباتن جو شربت پيئندو. قاضي خالد حيات ٻڌايو تہ ڪيس پنهنجي ناني ميان عبدالله مرحوم (جيڪو ميان جون سڳورن جو ڏهٽو هو) ٻڌايو هو تہ مخدوم صاحب حافظ سعديءَ جو اهو شعر پڙهندو هو.

درڪفي جام شرعيت دڪف مسندانِ عشق
هر هر سنا ڪہ ندانند جام وسندان باختن

الله تي ڪامل توڪل ۽ دنيا ڪان بيزاري:

هڪ دفعي موري جو ڊپٽي ڪليڪٽر قادر **داد خان پٺاڻ** (جيڪو بعد ۾ خيرپور رياست جو وزير ٿيو) مخدوم صاحب جو معتقد ۽ مريد هو سو مخدوم صاحب جن سان ملڻ لاءِ سندن آستاني/ دربار ۾ آيو، پاڻ ان وقت ذڪر اذڪار ۾ مشغول هو. هن ڪنهن ماڻهوءَ هٿان چوائي موڪليو تہ سائين جن کي ٻڌايو تہ آءٌ قدم بوسي ڪرڻ آيو آهيان. مخدوم صاحب جڏهن ذڪر فڪر مان فارغ ٿيا تہ کين ٻڌايو ويو، پاڻ ٻاهر آيو ۽ اچي هن سان مليو. ملڻ ڪان پوءِ مخدوم صاحب قادر داد کي چيو تہ: "دادا! اسين توکي هڪ ڳالهہ چئون (پاڻ پيار وچان ڪيس دادا سڏيندا هئا) "مهرباني ڪري تون اسان وٽ نہ ايندو ڪر." اهي لفظ ٻڌي هو ڏاڍو پريشان ٿي ويو ۽ عرض ڪيائين تہ سائين آءٌ معافي وٺان ٿو جيڪڏهن مون ڪان ڪا غلطي يا گستاخي ٿي آهي. مخدوم صاحب ڪيس وراڻيو تہ: بابا! اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي، تون جتي بہ هوندين اسين تنهنجا دعاگو هونداسين. تنهنجي هتي اچڻ سان، تنهنجو نٽ ۽ نانگر ڏسي اسان جو نفس تقويت وٺي ٿو ۽ اسان جي ذڪر ۽ فڪر ۾ خلل پوي ٿو." (ياد رهي تہ انگريزن جي وقت ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر جو پنهنجو دٻدٻو هو ۽ هو باقاعدي وڏي سپاهہ سان هوندو هو) اها هئي هڪ الله واري جي دنيا داريءَ ڪان ڪنارا ڪشي(30).

جڏهن داد واهہ (موري لڳ) جي نئين سِر کوٽائي ٿي رهي هئي، ان دوران اهو ساڳيو قادرداد خان مخدوم صاحب جن وٽ آيو ۽ هڪ ڪاغذ ڪڍي مخدوم صاحب کي عرض ڪيو تہ "سائين! هن تي اوهان صحيح ڪيو." پاڻ ڪانئس پڇا ڪيائون تہ هن ۾ ڇا لکيل آهي، ليڪن قادر داد خان بہ ٽي دفعا کين عرض ڪيو تہ اوهان انهيءَ ڪاغذ تي صحيح وجهو. مخدوم صاحب جي گهڻي پڇڻ بعد قادرداد کين عرض ڪيو تہ: "سرڪار! مون اوهان جي نالي تي بہ سؤ ايڪڙ زمين ڪٽ ڪئي آهي ۽ ان جي سرڪاري في پڻ ادا ڪئي آهي، اوهان صرف انهيءَ ڪاغذ تي صحيح ڪيو تہ اها زمين اوهان جي نالي ٿي وڃي." مخدوم صاحب ڪيس وراڻيو تہ "اسان فقير ماڻهو آهيون، اسان کي انهيءَ جي ڪهڙي ضرورت." هن جي جواب ۾ قادرداد مخدوم صاحب کي عرض ڪيو تہ: "سائين! اوهان جا ٻچا ننڍا آهن جيڪي اڳتي هلي وڏا ٿيندا ۽ انهن جو اولاد ٿيندو، انهن کي ڪم ايندي." مخدوم صاحب اهو جواب ٻڌي فرطِ جوش ۾ اچي (سندن سجو چهرو لال ٿي ويو) ڪيس فرمايو تہ: "ڇا؟ تون منهنجي اولاد جو رزاق آهين، جيڪڏهن هو نيڪ عمل ڪندا تہ خدا کين حلال رزق عطا فرمائيندو." مخدوم صاحب جي ڪاوڙ ۽ جواب ٻڌي قادرداد اهو پنو/ ڪاغذ ويڙهي کيسي ۾ وڌو. اها هئي سندن الله تي توڪل ۽ دنيا ڪان بيزاري (31).

### اولاد:

مخدوم عبدالرئوف جن کي چار فرزند هئا، جن ۾ حڪيم مولوي قاضي محمد صديق (و: 1298هہ، 1349هہ)، حڪيم مولوي قاضي محمد صادق مورائي (و: 1300هہ، م: 1388هہ)، قاضي محمد مصدوق (و: 1303هہ) ۽ قاضي محمد يوسف (م: 1944ع) اچي وڃن ٿا.

### وفات ۽ مدفن:

اسان جي سنڌ جي ڪيترن عالمن ۽ اسڪالرن قاضي صاحب جي جنم ۽ وفات جا سن غلط ڏنا آهن. هاڪاري عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

1299ھ ڄمر ۽ وفات 1363ھ ڄاڻايو آهي (32). پروفيسر ڊاڪٽر حامد علي خاناڻي، ”نوابشاهه ضلعو، تاريخي شهر ۽ شخصيتون“ ۾ وفات جو سن 1363ھ ڏنو آهي(33). جڏهن ته ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر ”سنڌ جا اسلامي درسگاهه“ ۾ پڻ ساڳئي غلطي دهرائي آهي ۽ وفات جوسن 1363ھ ڄاڻايو آهي (34). جڏهن ته مخدوم عبدالرئوف جن 26 ربيع الاول 1306ھ ۾ وفات ڪئي آهي. قاضي محمد عثمان (م: 1310ھ) پنهنجي بياض ۾ سندن وفات بابت لکيو آهي ”بتاريخ بيست ششم ماه ربيع الاول روز شنبہ وقت صلوه ظهر 1306ھ رحلت فرموند (35).“

مخدوم صاحب جي وفات تي سندن شاگردن ۽ قريبي عزيز، موري جي جيد عالم مولوي قاضي نبي بخش مورائي (متوفي 1357ھ) هيٺيون، ”قطعه تاريخ“ تحرير ڪيو آهي:

| | |
|---|---|
| هليو موري ملن ”ميان جن“ ويا لڏي | خلق سارئ ڪي ويا گونڌر گڏي. |
| اسم اعليٰ هو سندن ”عبدالرئوف“ | حق جي رحمت هئي مٿن هر دم الوف. |
| فيض و برڪت هو سندن جاري سدا | سنڌ سارئ جا هئا سي مقتدا |
| هئا وڏا علم با علم وعمال | مت سندن ڪو ملڪ ۾ ڪونهي اصل |
| هئي سندن صحبت مثل اڪسير جي | ٿيا روانا سان حڪم تقدير جي. |
| ڏينهن ڇنڇر وقت ٻپهري وصال | ڪيو ڪريمن هن دنيا مان انتقال. |

هئي چوڏهين عرس تيرهن سؤ ڇهه سال.
داخل الجنت ڪيا رب ذوالجلال (36).

مخدوم صاحب موري ۾ ’خليفي صاحب جي مقام‘ ۾ سندن والد صاحب جي پرسان ڪابي پاسي مدفن آهي. مخدوم صاحب جي مزار تي سندن گهري دوست ۽ سنڌ جي هڪ وڏي عالم مخدوم محمد شفيع صديقي ٻاٺائي (متوفي 1312ھ) جو هيٺيون تاريخي ڪتبو لڳل آهي.

تحسر هزار وتاسف الوف
ڪ مخدوم مرحوم عبدالرئوف.
ازين دار فاني روانہ شدهہ.
گرين زان زد ورَ زمانہ شدهہ.
بگفتہ من هاتف تيز راءِ،
توهم شرط تاريخ آور بجاءِ.
ڪ دو عالم عامل حلم بود،
زهي ڪامل علم باعمل بود
چو او گشت دار جنت مقيم،
بگفتہ ڪ ”قد فار فوزاً عظيم“ (37).

## حوالا، حاشيا ۽ واڌارا

(1) مخدوم عبدالرئوف مورائيءَ جن جي ڄمر جو سال ڪٿي به ڪونہ ٿو ملي. تحقيق دؤران قاضي خاندان جي ڪيترن سڄاڻ فردن سان ملاقات ٿي، جن وٽ پنهنجن وڏڙن جو علمي سرمايو موجود آهي جن ۾ قاضي محمد اڪبر بن قاضي خدا بخش مورائي، قاضي خالد حيات ”سيف“ ۽ پروفيسر نذير احمد قاضي اچي وڃن ٿا، انهن وٽ پڻ ان بابت معلومات/ مواد نہ هو. خوشقسمتيءَ سان ڪجهہ وقت اڳ راقم کي پنهنجي چاچي فيض محمد سومري (مرحوم) وٽان قاضي محمد عثمان (متوفي: 1310ھ) جو هڪ بياض مليو، جنهن ۾ قاضي ميان عبدالرئوف جن جي ٻئي نمبر پاءُ ”قاضي محمود“ جن جي ڄمر جو سن مليو آهي جيڪو ”1224 هجري“ آهي. ان حساب سان مخدوم صاحب جن جو ڄمر ”1220ھ کان 1223 هجريءَ“ اندر بيهندو.

(2) ميان عبدالرئوف جن جي هڪ فتويٰ تحرير راقم وٽ موجود آهي، جنهن ۾ مورائي صاحب جن پنهنجي استاد قاضي عبدالڪريم متعلوي جن جي تحرير جو حوالو ڏنو آهي، جنهن ۾ پنهنجي استاد کي ”استاذنا و مرشدنا سلطان علماء المشرق والمغرب مخدوم صاحب هو الڪريم المتعلوي اسم الڪريم رحمه ربہ في الدارين“ ڪري لکن ٿا. ميان عبدالرئوف جن جو هڪ خط تحقيق دؤران ڳولا ڪندي هٿ آيو، جيڪو پاڻ قاضي ميان بهاول ڏانهن، ٺٽي مان پنهنجي استاد قاضي عبدالرحيم ٺٽوي جن جي ارشاد تي لکيو اٿن. خط جي شروعات ۾ ”من الفقير الحقير المملوبالخطاءِ

۽ سياسي خدمتن جو تحقيقي جائزو)، صفحو 70 (قلمي).

(17) قاضي، مورائي عبدالرئوف، "الاستدلال القوي لاذلال الحشوي"، (قلمي)، سچل سرمست لائبريري مورو سنڌ

(18) قاضي، مورائي عبدالرئوف، "ازالته الغين من العين الاثبات الانتقاض بالخارج من غير السبيلين"، (قلمي) صفحو 1، سچل سرمست لائبريري مورو سنڌ

(19) ايضاً، صفحو 32.

(20) ايضاً، صفحو 34.

(21) ايضاً، صفحو 64.

(22) سنڌي، محمد صديق "مائر"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ موجود پراڻن قلمي نسخن جو تشريحي ڪٽالاگ"، صفحو 61/60، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو 1980ع.

(23) ايضاً، صفحو 47/46.

(24) ٽماهي "الرحيم" حيدرآباد، نمبر 3، سال 1966ع صفحو 79.

(25) نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر، "قاضي عبدالرئوف مورائي"، ٽماهي مهراڻ حيدرآباد، 4/3، 1957ع.

(26) ايضاً.

(27) راقم 1996ع ۾ تحقيق دوران "درگاهه ڪنياروي" شريف ويو. درگاهه پرسان ڳوٺ ڪبڙ لڪمير ۾ سنڌ جي مشهور شاعر محترم عبدالحڪيم "ارشد" سان ملاقات/ رهاڻ ٿي. ڳالهين ۾ جڏهن مخدوم عبدالرئوف جن جو ذڪر نڪتو ته پاڻ ٻڌايائون ته اسان وٽ (پاڪستان ٺهڻ کان اڳ) هتي موري جو هڪ مولوي لغاري صاحب مسجد جو پيش امام هوندو هو، جنهن وٽ اسان قرآن شريف پڙهندا هئاسين. ان وٽ هڪ بوڪ/ ڪاپي مولودن جي هوندي هئي، پاڻ اهي مولود پڙهندو هو. پڇا ڪرڻ تي ٻڌايائين ته اهي مولود مولوي عبدالرئوف قاضي جن جا آهن.

(28) سومرو، شمشاد احمد"، جوڳيئڙا جهان ۾"، صفحو 78 (قلمي).

(29) مخدوم محمد سعيد لواريءَ وارن قاضي صاحب ڏي نياپو موڪليو ته وهابين جي رد ۾ خطبا ٺاهين. هي خطبو ۽ ڪي ٻيا مخدوم صاحب جن پوءِ ٺاهيا (ڏسو مضمون، قاضي عبدالرئوف مورائي، بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش، ٽماهي مهراڻ، 4/3، 1957ع.)

(30) هيءُ واقعو اهلسنت جي وڏي عالم، مفتي عبدالرحيم شر صاحب قاضي احمد لڳ تقرير ۾ ٻڌايو. مون کي ڊاڪٽر حافظ غلام محمد ڏاهريءَ ٻڌايو جيڪو اُتي موجود هو.

(31) هن واقعي جو راوي پروفيسر نذير احمد قاضي جن آهن.

(32) بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر، عبدالرئوف مورائي، ٽماهي مهراڻ، سوانح نمبر، 4/3،1957ع.

(33) خانئي، حامد علي ڊاڪٽر، نوابشاهه ضلعو تاريخي شهر ۽ شخصيتون، صفحو 255، نوابشاهه ڊسٽرڪٽ ڪلچرل سوسائٽي نوابشاهه، سال 1987ع.

(34) ٽالپور، محمد جمن ڊاڪٽر، سنڌ جا اسلامي درسگاهه، صفحو 500/499.

(35) بياض قاضي محمد عثمان، ملڪيت پروفيسر شمشاد احمد سومرو.

(36) جوڳيئڙا جهان ۾ "تذڪره قاضي خاندان مورو"، صفحو 159 (قلمي) تحقيق: پروفيسر شمشاد احمد سومرو.

(37) راقم خود وڃي مخدوم صاحب جي مزار تان اهو تاريخي ڪتبو پاڻ اتاريو آهي.

قبرن کي ئي متارن جون مزارون مڃڻ اسان جي مجبوري آهي. حالانڪ لطيفؒ چٽو چئي ويو آهي تہ: ”سُرڪِي جن سِري، تن جون ٻُنين ٻاسي ٻُنيون(11). يا ”هو جي ڳالهين ڳڱاٽيا، تن جون ٻنين ٻاسي ٻُنيون(12).“ يعني متارا اُتي دفن ٿيل آهن، جتي موڪي جون ٻُنيون موجود هيون.

## 3. متارن جو تعداد:

روايت آهي تہ متارا اٺ (8) ڄڻا هئا(13). البت ناڙا ٿر ٽڪري تي رکيل، متارن ڏانهن منسوب قبرن جو تعداد ست (7) آهي ۽ انين موجود نہ آهي. ڪن روايتن ۾ متارن جو تعداد ڇهہ بہ ڄاڻايو وڃي ٿو(14).

محترم گل حسن ڪلمتي صاحب، متارن جي تعداد کي (ٻہ سما، ٻہ سومرا، ٻہ چنا، ٻہ ڇهواڻ) اٺ ڄڻا تسليم نٿو ڪري ۽ لکي ٿو تہ ”ان ڳالهہ کي ان ڪري وزن ڪونهي، ڇاڪاڻ جو گهڻن ڪتابن ۾ سُگهڙن انهن جو تعداد ڇهہ ڄاڻايو آهي(15).“ البت گل حسن ڪلمتي صاحب ڪنهن بہ ڪتاب جو نالو يا روايت نقل ڪندڙ سُگهڙ جو پتو حوالي طور ٻڌائي نہ سگهيو آهي.

متارن جي تعداد بابت، استاد بخاري پنهنجي شاعري جي ڪتاب ”ڪوڪڻ يا ڪلياڻ“ ۾ چوي ٿو:

متارا متا، ساٿي ست سري تي،
پيڙ ٿي پڙڪي اُٿيا، ڪاڪڙ ٿي نہ ڪتا،
توڙي رت رتا، پيالي پت رکي ويا(16).

اهڙي طرح استاد بخاري جو بيت، متارن جي تعداد کي ست (7) ڄڻا سمجهڻ تي آماده ڪري ٿو.

متارن جي تعداد بابت، شاهہ جي رسالي ۾، هڪ بيت هيٺين ريت لکيل آهي:

ڪلاڙڪي ڪار وهي، اڄ نہ سٽ سري،
ڪٽورا قاتل جا، پيتئون پاڻ پري،
اٺئي رهيا اُٿلي، ڏرتي سِر ڏري،
ڄاڻايو ڄامن کي، ٿي ٻارهين ماهہ ٻري،
تہ نڪي ماريا جنگ ۾، نڪي سُور ٻري،
تن کي روئان ڪيئن ڪري؟ جي ڳلهہ سٽي گهريا(17).

مذڪوره بيت متارن جي تعداد کي وري اٺ (8) ڄڻا تسليم ڪرڻ لاءِ راهہ هموار ڪري ٿو. يعني: ”اٺئي رهيا اُٿلي، ڏرتي سِر ڏري.“

ڪنهن سگهڙ جي ٺاهيل هيٺين مشهور بيت ۾ بہ متارن جو تعداد اٺ (8) ڄاڻايل آهي. هي بيت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاهہ جي رسالي جي تحقيقي جلد نمبر ٻهرين ۾، موڪي جي مهمانن جي تعداد ڄاڻائڻ بابت شامل ڪيو آهي، تہ:

ٻہ سما، ٻہ سومرا، ٻہ چنا، ٻہ ڇهواڻ،
ايندا هئا، اٺ ڄڻا، موڪي گهر مهماڻ(18).

سنڌ جو مشهور لوڪ سگهڙ ۽ ڏاهو، شاهہ لطيفؒ جو وڏو پارڪو، ڏاڏو فتح خان (سيد صالح محمد شاهہ) بہ متارن جي تعداد کي اٺ (8) ڄڻا تسليم ڪندو هو. هُو چوندو هو، ”انهن اٺن متارن سان، نائين موڪي بہ مدَ تي ميڙو ڪندي هئي. ايئن موڪي سميت نوَ (9) ڄڻا مدَ تي اچي مڙندا هئا. ”نومڙيا“ لفظ وارو اصطلاح ۽ ذات بہ اُن ميڙي پُنيان وجود ۾ آئي.

اها ڳالهہ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو مشهور پروگرام ”فتح خان جي ڪچهري“ (جمهور جو آواز) ۾ راقم (اَ-ل) سان ڏاڏا فتح خان روبرو ڪئي. ايئن اهي اٺ ڄڻا، سري جي سُرڪين جا سوالي ۽ مدَ جا متوالا، موڪي جا مهمان ٿيندا هئا. جن کي تاريخ ۾ متارن جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

## 4. متارن جا نالا ۽ ذاتيون:

موڪي متارن جو قصو، سنڌ جي مشهور نيم عشقيہ لوڪ داستان آهي. انڪري، اهو طئي آهي تہ، متارا سنڌي هئا. پوءِ اُهي سنڌي ثقافت ۽ تهذيب ۾ ضم ٿي ويل بلوچ هجن توڙي سماٽ. مسلم هجن توڙي غير مسلم. متارن بابت بنيادي نقطو هي آهي تہ: ”اُهي سنڌي هئا ۽ بس!“ انڪري متارن کي سنڌي نالن ۾ بہ ڳولڻ گهرجي ۽ متارن کي سنڌ جي تاريخ جي ورقن ۾ بہ ڳوليو وڃي. متارن کي، ٻيجل، پُورل، سارنگ، سانول، سوڍل، راڻل ۽ دودل ۾ بہ ڳوليو وڃي. متارن کي، گُلڻ، چارڻ، ڪلڻ، ڪنڻ، مَرڪڻ، ڊولڻ ۽ سانوڻ ۾ بہ

موجود، متارن ڏانهن منسوب قبرن جهڙيون ئي هيون. اهي قبرون روميون سڏجن ٿيون. هتي به ايئن ئي هڪ عدد پيالو ڊي (D) شڪل جو گهڙيل رکيل هو. لهاذا اهو پيالي نما پٿر، متارن جي مزارن يا انهن جو شرابي هجڻ لاءِ ڏنل ڪو به اشارو يا سرٽيفڪٽ نه آهي.

## 9. متارن جي مزارن جي ڪيفيت:

متارن جي مزارن ڏسڻ کان پوءِ، معلوم ٿئي ٿو ته شايد ڪن مخصوص سوچ رکڻ وارن طرفان، قبرن جي پچ ڊاهه ڪرايل آهي. مزارن جي ٻاهران ڏنل چوديواري ڊانوان ڊول ٿيل آهي. چوڪنڊي جا ڪُنگري وارا گهڙيل پٿر هيڏانهن هوڏانهن پکڙيا پيا آهن ۽ ڪي حصا ڀين آس پاس جي قبرن تي رکيا پيا آهن. قبرن جا بنيادي پٿر ٽٽل آهن. حالانڪ هڪ هڪ پٿر ايڏو وڏو ۽ ڳرو آهي، جو ان کي گهٽ ۾ گهٽ اٺ_ ڏهه ماڻهو گڏجي مس چوري سگهندا.

قبرن جي ڇنسالي ۽ ڊاهه جوڙ مان اندازو لڳائجي ٿو ته هي ڪِن امير ۽ خوشحال ماڻهن جون تُربتون آهن. پر هنن مرحومن ڏانهن شراب نوشي جو موت منسوب ٿيڻ ڪري، (شايد؟) ڪن مخصوص سوچ رکندڙ ماڻهن (اهوئي خير ۽ ثواب جو ڪم سمجهي) قبرن کي ڌڪ هڻي، پنهنجي اڳوتر سنوارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. (والله اعلم؟)

## 10. آخري نقطا:

مٿي بيان ڪيل سموري قصي مان، جيڪا ڳالهه عيان ٿئي ٿي، ان موجب هيٺيان نقطا واضح ٿي بيهن ٿا.

نوٽ: (هي نقطا، محقق جي پنهنجي راءِ سمجهڻ نه گهرجن)

1. متارا لطيفي فڪر جو جُز آهن.
2. متارن جي مزارن کي، هن کان ٻي پاسي (موکي جي مئيخاني وٽ) به ڳولڻ گهرجي.
3. متارن جو تعداد اٺ (8) هو.
4. متارا ذات جا (ڪجهه سائي) بُرفت هئا.
5. متارا ڪوهستان يا ڀين اترين علائقن کان ايندا هئا. جي ساموندري سوداگر (جواهري) هئا.
6. متارن جو موت شراب نوشي جي ڪري ڪونه ٿيو. البت "وِهُ جِي ويچارا، سُٽي ڳالهه سِڄي رهيا."
7. متارا اندازن 1450ع کان 1460ع جي درميان وفات ڪري ويا.
8. متارن جي مزارن تي رکيل پيالي نما پٿر، متارن جي مزارن بابت ڏنل اشارو سرٽيفڪيٽ ڪونهي.
9. متارن جون مزارون ۽ چوڪنڊي، نئين سِر ڊاهه جوڙ جون متقاضي آهن.
10. لطيفؒ متارن جي فڪري قصي مان، جهڙوڪِ: "زهر پِي زنده رهڻ، ننڍڙي ڳالهه ٻُڌي مري پوڻ ۽ موکي جي در تي دفن ٿيڻ" جي مثالن مان، معنيٰ جا موتي ميڙي، پنهنجي دل کي نصيحت ڪندي فرمائي ٿو ته:

مَتارَ ٻِنُون ڪاءِ، مَتِ نه سِڪيين مُون هِنيان!
رُوندي راتِ وَهاءِ، ڇڪائِيندي ٻَنِيُون(42).

## حوالا:

1) بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان. شاهه جو رسالو. سال 2009ع وارو نسخو. ڇپائيندڙ ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، سُر "يمن" داستان ڇهون.

2) گربخشاڻي، هوتچند مولچند. شاهه جو رسالو. ڇپائيندڙ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي. سال 2008ع. معنيٰ ۽ شرح. ص- 414.

3) بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان. شاهه جو رسالو. تحقيقي جُلد نمبر ٻهريون. ڇپائيندڙ شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڪاميٽي ڀٽ شاهه. سال 1989ع. ص-162.

4) ايضاً. ص- 152.

5) ايضاً. ص- 156.

6) ايضاً. ص- 160.

7) بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان. جنگ ناما. ڇپائيندڙ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو. سال 1984ع. ص- 121.

8) ايضاً. ص- 121.

9) ڪلمتي، گل حسن. ڪراچي: سنڌ جي مارئي. ڇپائيندڙ ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي. سال 2007ع. ص- 374.

10) ايضاً. ص- 374.

11) ڏسو حوالو نمبر 1. ص- 79.

12) ايضاً. ص- 78.

13) ڏسو حوالو نمبر 3. ص- 228.

14) ڏسو حوالو نمبر 9. ص- 374.

15) ايضاً. ص- 374.

16) بخاري، استاد. ڪوڪڻ يا ڪلياڻ. ڇپائيندڙ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو. سال 1986ع. ص-278.

17) بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان. شاهه جو رسالو. تحقيقي جلد نمبر ڏهون. ڇپائيندڙ علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد سنڌ. سال 1996ع. ص- 254.

18) ڏسو حوالو نمبر 3.ص-228.

19) ايضاً. ص- 228.

20) ڏسو حوالو نمبر 17. ص-254.

21) سيوهاڻي، خير محمد ٻرڙو. ذاتين جي انسائيڪلو پيڊيا. ڇپائيندڙ مُراد پبليڪيشن سيوهڻ شريف. سال 2005ع. ص-84.

22) ايضاً. ص- 84.

23) ايضاً. ص- 84.

24) ايضاً. ص- 84.

25) ڏسو حوالو نمبر 3.ص-228.

26) ڏسو حوالو نمبر 17.ص-254.

27) ابڙو، بدر ڪوهستان جو سفر. ڇپائيندڙ ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ. سال 2009ع. ص- 30.

28) ايضاً. ص- 30.

29) ڏسو حوالو نمبر 9. ص-374.

30) ڏسو حوالو نمبر 1. ص-103.

31) ڏسو حوالو نمبر 3. ص-228.

32) ايضاً. ص- 228.

33) ايضاً. ص- 228.

34) ايضاً. ص- 228.

35) جنجهي، سُگهڙ حاجي الهه داد. شاهه جو گنج. ڇپائيندڙ ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد. سال 2008ع. ص-49.

36) ڏسو حوالو نمبر 1. ص-78.

37) ڏسو حوالو نمبر 2. ص- 626.

38) مولائي شيدائي، رحيم داد خان. جنت السنڌ. ڇپائيندڙ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي. سال 2000ع. ص-267.

39) ڏسو حوالو نمبر 1. ص-74.

40) ايضاً. ص- 78.

41) ڏسو حوالو نمبر 27. ص-28.

42) ڏسو حوالو نمبر 1. ص-79.

مرزا ڪاظم رضا بيگ

# سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعري ۾ نعت جو عنصر

نعتيہ شاعري، عربي، فارسي ۽ اردو ۾ بہ آهي تہ سنڌيءَ ۾ بہ ان جو وڏو ذخيرو موجود آهي. نعتيہ ڪلام، ان کي چئبو آهي، جنهن ۾ ٻنهي جهانن جي سردار، ڪائنات جي ڪارڻي، اڙين جي آڌار حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي ساراهہ ۽ ثنا هجي. سنڌن فراق ۽ ڦوڙائي ۾ ڳوڙها ڳاڙيندي، هنجون هاريندي، سڪ ۽ سوز مان بي اختيار سڏڙا ڪجن. حضور اڪرم ﷺ جن جي روضي مبارڪ جي زيارت لاءِ سڪ ڏيکاريل هجي ۽ حضور اڪرم ﷺ جن جي سيرت ۽ اخلاق جي تعريف ڪيل هجي. ان قسم جو مضمون سنڌي شاعريءَ جي صنفن مثلاً مداحن، معجزن، قصيدن، ٽيهہ اکرين ۽ مولودن ۾ ملي ٿو.

مولود، جي صنف تہ آهي ئي خالص "سنڌي نعتيہ شاعري" انهن قديم شاعريءَ جي صنفن کانسواءِ سنڌي عروضيءَ شاعريءَ ۾ بہ نعتيہ ڪلام جو وڏو ذخيرو ملي ٿو. گهڻو ڪري سڀني عروضي شاعرن، جهڙوڪ، خليفي گل محمد گل هالائي، مرزا فتح علي بيگ فتح، آخوند محمد قاسم، حافظ حامد ٽکڙائي، سيد فاضل شاهہ، سيد غلام محمد شاهہ گدا، مرزا قاسم علي بيگ قاسم، مير عبدالحسين خان سانگي ۽ مرزا قربان علي بيگ قربان وغيره جي ڪلام ۾ بہ نعتون تمام گهڻي تعداد ۾ ملن ٿيون. هن هيٺ سنڌي نعتيہ ۽ مدحيہ ڪلام جو مختصر نموني، فني ۽ فڪري جائزو پيش ڪجي ٿو، ۽ انهن جي تاريخي اوسر تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي.

**(1) ڏوهيڙو:**

سنڌي شاعريءَ جو سڀ کان قديم نمونو "بيت" آهي، جنهن کي ڏوهيڙو يا دوهيڙو بہ چيو ويندو آهي. انهن بيتن ۾ حضرت ميين شاهہ عنايت کان، حضور اڪرم ﷺ جن جي ثنا ملي ٿي. شاهہ عنايت جو هڪ بيت نموني طور هن هيٺ ڏجي ٿو.

پار پهتا پهيڙا، شفيع سنپاريو ڏجن،
اڳي اڳاهون ڪئو، مگر مٿان تن،
ذوق ۾ جنتن، محمدين موڪ ڪرين. (1)

شاهہ عنايت کانپوءِ، حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ اهڙي قسم جا شعر ملن ٿا. سندس رسالي جي سر ڏهر جو هڪ بيت هن هيٺ درج ڪجي ٿو.

وانئن مديني مڱڻا، اکيون پير ڪري،
جتي ماڻڪي مُحَمّد مير جي، جهرڪيون جوت ڪري،
پسي جوت جمال جي، جت ننهن سئين نيڻ نري،
پريتون پير پري، ڪج زيارت ذوق سين.

هن کانپوءِ بين ڪيترن ئي شاعرن، بيتن ۾ حضور اڪرم ﷺ جن جي ساراهہ ڪئي آهي.

**(2) مداح:**

"مداح" سنڌي قديم شاعريءَ جي هڪ الڳ ۽ جداگانہ صنف آهي. مداحن جو تمام وڏو ذخيرو اسان وٽ وڏي مقبوليت ماڻي چڪو آهي. مداحون نہ فقط عام مجلسن ۽ مذهبي شغلن تي پڙهيون وڃن ٿيون، پر انفرادي طرح بہ ماڻهو پڙهندا آهن. مداحن جو مضمون ڏڻي تعاليٰ جي ساراهہ، نبي ڪريم ﷺ جي ثنا، اصحابن سڳورن، ولين ۽ لوليئن جي تعريف ۽ مدح تي مشتمل هوندو آهي. ڪن هندو شاعرن، سک گرن ۽ ٻين ترمي اڳوائن لاءِ بہ مداحون چيون ويون آهن، نہ فقط ايترو، پر سنڌ ۾ صوفي بزرگن جي تعليم سبب، صوفي منش هندن پڻ نبي ڪريم ﷺ جي ثنا ۾، مداحون چيون آهن. پائي آسورام جي حضور اڪرم ﷺ جن جي شان ۾ چيل مدح اسان وٽ موجود آهي. مداحون سنڌ جي شاعرن نهايت سوز، درد ۽ دلي محبت وچان چيون آهن، جنهن ڪري انهن ۾ اثر آهي، رواني آهي ۽ خلوص آهي. سنڌن سادا خيال نهايت گهاءُ ڪندڙ اثر رکن ٿا. مداحن ۽ مناجاتن جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿيا آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ايڊٽ ڪيل "مداحون ۽ مناجاتون" ڪتاب ۾ سنڌ جي انيڪ شاعرن جون مداحون سلسليوار ڏنل آهن. مدح لفظ جو اصل بيان ڪندي ڊاڪٽرن نبي بخش خان بلوچ مذڪوره ڪتاب جي مقدمي ۾ لکي ٿو تہ:

سنڌيان سرور ٿيجهي، رات، پلئي پاند ڳچيءَ پرپات،
ور وسيلا وائي وات، ڏاتر ڏيار اسان کي ڏات،!
سيد! سڻ فرياد فقير،
ماڙ سگهو کر محمد مير (15)

لاڙڪاڻي ضلعي جي بئي شاعر ميان حامد الله عرف حامد حضوريءَ جي به هڪ مناجات ملي ٿي، هي بزرگ ميرو خان تعلقي جو وينل هو. سن 1789ع ۾ سندس ولادت ٿي ۽ سن 1843ع ڌاري وفات ڪيائين. سندس زيارت گاهه خاص و عام آهي. سلاست ۽ رواني سندس مداح جون خاص خوبيون آهن. نموني طور هڪ بند هن هيٺ ڏجي ٿو:

حَمد ثنا آءَ هر هر، پرتئون پڙهان ٿو پرور!
قادر! قبول. تون ڪر، رس يا سخي سرور!
پهچ اچي پيغمبر! (16)

ان کانسواءِ همت علي شاهه رضوي، غلام حيدر شر، حاجي احمد سمون، حاجي خان محمد ڇڄڙي، مصري شاهه، حاجي عبدالله ڏکڻ، علي بخش شر، محمد يوسف ميمڻ، صوفي آسورام، حاجي ڄام چانڊيو، حافظ علي اڪبر مجروح، خليفو غلام الله ڪلهوڙو، پير محمد اشرف ڪامرائي، اميد علي شاهه، دريا خان فقير، نواب الهداد خان لغاري صوفي ۽ لعلڻ خان لغاري وغيره جون مناجاتون ملن ٿيون.

### (4) مَناقبا:

سنڌي شاعريءَ جي صنف "مَناقبو" مدحيه شاعريءَ جو هڪ قسم آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لفظ "مناقبا" جي وصف هن طرح بيان ڪئي آهي:

"سنڌي مناقبو هڪ خاص معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو، يعني ته اهو نظم جنهن ۾ نبين، اصحابن سڳورن يا ولين مان ڪنهن جي ڳڻن کي ڳايو وڃي. معنوي توڙي فني لحاظ سان مناقبو فقط سنڌي نظم جي ئي هڪ خاص صنف آهي، ڇاڪاڻ ته عربي توڙي فارسيءَ ۾ "منقبة" يا "مناقب" جي مخصوص عنوان سان شعر جي ڪا به جنس موجود نه آهي. سنڌيءَ ۾ مداح جو دارو مدار محض وصف، بيانيءَ تي آهي، مگر "مناقبي" ۾ صفت ۽ ثنا لاءِ ڪنهن ڳالهه يا مثال جو قالب ضروري آهي، يعني ته جنهن به نبي يا ولي جي تعريف ڪئي وڃي، ان جي زندگي جي ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه يا مقال کي بيان ڪرڻ ضروري آهي. مطلب ته ڳالهه يا حڪايت مناقبي جو روح آهي. البته اِها حڪايت اهڙي هجي، جنهن ۾ ڪنهن به ناممڪن واقعي جو ذڪر نه هجي، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ان ۾ ڪنهن به اڻ ٿيڻي واقعي جي ٿيڻ جو ذڪر هوندو ته پوءِ ان کي معجزو چئبو." (17)

انهيءَ وصف جي لحاظ کان مناقبن کي چئن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. (1) حضور ﷺ جن جي شان ۾ چيل (2) ٻين نبين جي شان ۾ چيل (3) اصحابن سڳورن جي شان ۾ چيل ۽ (4) ولين جي شان ۾ چيل.

سنڌي مناقبا، صنف جي حيثيت سان ابوالحسن جي سنڌي ۽ ان قسم جي ٻين ديني ڪتابن جي اثر هيٺ اُسريا، جنهنڪري نظم جي سَٺاءِ توڙي اسلوب بيان ۾ مناقبن تي انهيءَ اوائلي سنڌي نظم جو رنگ چڙهيل آهي (18). الف اشباع جي قافيي کانسواءِ ڪجهه اهڙا مناقبا به مليا آهن، جن ۾ صحيح قافيو استعمال ٿيل آهي. ان کانسواءِ ڪي مناقبا علم عروض موجب مخمس يا مسوس جي صورت ۾ به ملن ٿا. مناقبن جون روايتون گهڻي قدر "ٻُڌ" تي دارو مدار رکن ٿيون، جنهنڪري ڪن مناقبن جي روايتن لاءِ تاريخي سَنَدَ ڪانه ٿي ملي. ان کانسواءِ صنف جي حيثيت سان مناقبن کي مناجاتن ۽ مداحن جي مقابلي ۾ ايڏي وسعت ۽ رنگيني به ڪانهي ڇاڪاڻ جو مداحن ۽ مناجاتن ۾ مرڪزي نڪتو "مداح ۽ تعريف" آهي، جنهن جي ادا ڪرڻ لاءِ شاعر کي ڪشادو ميدان آهي، پر مناقبن ۾ مرڪزي محور هڪ خاص ڳالهه يا روايت آهي، انهيءَ ڪري انجو دائرو محدود ٿي پوي ٿو. انهيءَ حد بنديءَ هوندي به گهڻن شاعرن پنهنجي مني بيان ۽ موثر بيان سان مناقبن جي نظم ۾ لطف، ميناج، اثر ۽ رواني پيدا ڪئي آهي. مناقبا نج سنڌي ٻوليءَ ۾ نظم گوئيءَ جو هڪ سنو مثال آهي. جيتوڻيڪ مناقبن جا چونڊ عربي ۽ فارسيءَ جا وڏا عالم هئا، ته به هنن مناقبا نج سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيا آهن، انهن جو بهترين مثال مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جا چيل مناقبا آهن، جن ۾ نهايت سهڻي، سلوڻي، سپڪ ۽ سوادي ٻولي ڪم آندل آهي. (19)

قدامت جي لحاظ کان پهرين پهرين مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جا مناقبا ملن ٿا، جيڪي سنڌس ڪتاب ”قوت العاشقين“ ۾ آيل آهن. مخدوم صاحب سنڌ جو جڳ مشهور عالم ۽ فاضل ٿي گذريو آهي. سن 1104هه ۾ سنڌس ولادت ٿي ۽ سن 1174هه ۾ وفات ڪيائين. سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيائين. سنڌس سنڌي ڪتابن ۾ اسلامي تعليم سمجهايل آهي، ۽ اسلامي تاريخ جا واقعا بيان ٿيل آهن. سمورا ڪتاب نظم ۾ آهن، جن مان ڪي ”الف اشباع“ جي قافيي تي آهن ته ڪي صحيح قافيي سان ڏگهن بيتن جي صورت ۾ به آهن. ڪتاب ”قوت العاشقين“ ۾ معجزا ۽ مناقبا آهن. مناقبن جو مضمون حضور ﷺ جن جي نور مبارڪ جي پيدائش، سنڌن ڄمڻ وارو واقعو ۽ حضور ﷺ جن جي ذات اقدس سان تعلق رکندڙ ٻيون ڳالهيون بيان ٿيل آهن. هڪ معجزي ۾ حضور ﷺ جن جي ڄمڻ تي، سنڌن تعريف هن طرح ڪيل آهي:

ٿا چمڪن منجهان پارچن، پاڻيءَ جا ڦڙا،
ڌُنا هٿائون پرينءَ ڪي غسل ساڻ صفا،
گهڻو سونهارا سيين پرين، ڪامل جا ڪپڙا،
جان پڻ نهاريان نراڙ ڏونهن، تان ڪر چنڊ چوڏهين ماه،
اُپرانهائي اُجرو، سنڌس پوي شعاع،
مڪو سڄو ئي پُر ٿيو، نرمل جي نورا،
مشرق مغرب وچ ۾، ڪيائون گهڻو اوهاءِ (20)

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ٻئي ڪتاب ”بناءِ الا سلام“ ۾ حضور اڪرم ﷺ جن جي ساراهه هن طرح بيان ڪيل آهي:

رحمت تنهن رحمان جي ڪوڙين لک سلام،
وسن دير سوير مٿي مير مُحَمَّد ڄام،
جو رحمت ڪارڻ عالم ۾ موڪليو علام،
ملڪ مڙوئي جنهن ڪي آگي ڪئو انعام
دين جنهن جو ڏٺي ڪيو قائم سڀسين قيام،
فضل تنهن فائق جا عالم مٿي عام،
۽ پڻ آلِ رسولؐ تي ۽ مٿي مڙن صحابن،
شال رحمت رب جي راتو ڏينهن وسن (21)

هن قسم جي مدحيه ڪلام جي ٻي ڪڙي آهي، ڪتاب ”قمرالمنير“ جنهن جو جوڙيندڙ مخدوم عبدالله عرف ميان موريو آهي. حضور ﷺ جن جي اوصافن ۽ اقوالن سان گڏ سوانح، حيات ڪي سهڻي سنڌي نظم ۾ ۾ منظوم ڪيو آهي. نمونيءَ طور منجهائنس هڪ ٽڪرو هت هيٺ ڏجي ٿو:

ملڪ، جن، پکڻ، پري سڀ سيد سڄاڻن،
شفيع سرور سپرين ڄام سنڌو ڄاڻن،
واحد واڪاڻيو واحد ڪي منجهه ڪتاب ڪريمن،
شريڪ ناه ڪو شاهه جو منجهه ماڙن ۽ ملڪن،
الاهي احسان سين مالڪ سندا ملڪن،
سڻ عرض عبدالله جو، قادر سين ڪرمن،
حرمت حضرت رسول جي عزت اصحابن،
ڪرڪو تدارڪ تنهنجو مالڪ مهرن،
جنهن ڪي ڏڪن جا ڏيل ۾ پيا ٿا چاڪ چڪن
ٻهر ٻاڦ نه نڪري، منجهه مچ ٻرن. (22)

ان ڪانپوءِ مشهور مولودن جي شاعر مخدوم عبدالرؤف ڀٽيءَ جو مناقبو ملي ٿي ٿو. سنڌس مناقبو ”الف اشباع“ واري نظم ۾ چيل آهي، ۽ ان ۾ حضور ﷺ جن جي فرزند ارجمند حضرت ابراهيم جو واقعو بيان ٿيل آهي، ان ۾ شاعر حضور ﷺ ۽ سنڌن فرزند جي ثنا ۽ صفت هن طرح بيان ڪري ٿو:

ڪريان قصي جي ڳالهڙي، ڪڍي ڪتابا،
جي هئا فرزند رسول ڪريم جا، سي پڻ سڄيجاه،
”طيب“ هڪ ”قاسم“ ٻيو، ٽيون حضرت ”ابراهيما“
عمر حضرت ابراهيم جي هئي سٽن ورهن شمارا،
ٻيا ننڍي ئي فوت ٿيا هئا، هاديءَ جي حڪما،
جڏهن حضرت ابراهيم ٿي پڙهيو، ڪامل قرآنا،
وٽ استاد پانهنجي، حضرت عثمانا،
صورت ۾ سهڻو هو، حضرت يوسف ڪا،
۽ آواز حضرت دائود جهڙو، سنڌس صحيحا،
خلق ۾ حضرت محمد جهڙو، هو ڪامل منجهه قلبا (23)
نالي ڏيو تنهن جي، خيراتا،
جنهن پرينءَ پنهنجو پُٽ ڪيو، صدقي امت تا،
ضامن ضعيفن جو، ڏنو رسولِ خدا،
اهڙو ڀلو پروسو، مڙني مُحَمَّدا،
جڙي ڪونه جهان ۾، ساڻس منجهه سخا،
حامي حضرت هاشمي“ هيڻن همراها،
مون جهڙي معذور تي، ماڙ ڪندو مددا،

(12) ايضاً، متن، ص 59-60.
(13) ايضاً، متن، ص 83.
(14) ايضاً، متن، ص 93.
(15) ايضاً، متن، ص 104.
(16) ايضاً، متن، ص 108.
(17) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مناقبا، مقدمو، ص 1.
(18) ايضاً، مقدمو، ص 4.
(19) ايضاً، مقدمو ص 5.
(20) ايضاً، متن، ص 34.
(21) مضمون ”سنڌي ادب ۾ نعتيه ڪلام ۽ مولود شريف“ از- مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي- نئين زندگي، ڪراچي، ماه سيپٽمبر 1955ع، ص 12.
(22) ايضاً، ص 13.
(23) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مناقبا، متن، ص، 68.
(24) ايضاً، متن، ص 73.
(25) ايضاً، متن (حاشيه)، ص 152.
(26) ايضاً، متن، ص 201.
(27) ايضاً، متن، ص 21.
(28) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، معجزا، مقدمو، ص 2.
(29) ايضاً، متن، ص 26 .
(30) ايضاً، متن،ص 28-29.
(31) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مولود، (حاشيه) ص 2.
(32) ايضاً، مقدمو، ص 3.
(33) ايضاً، مقدمو، ص 3.
(34) ايضاً، مقدمو، ص 13.
(35) ايضاً، مقدمو، ص 14.
(36) ايضاً، مقدمو، ص 15.
(37) ايضاً، مقدمو، ص 16-17.
(38) ايضاً، مقدمو، ص 20.
(39) ايضاً، متن، ص 1.
(40) ايضاً، متن، ص 3.

بورڊ جانوان ڪتاب






ڊاڪٽر ناهيد پروين

# اياز حسين قادري هڪ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾

اياز حسين قادري کي سنڌي جديد افساني جي بانيڪارن ۾ ليکيو وڃي ٿو. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ آيل ماٺار جي انت ۾ جن ليکڪن بنيادي ڪردار ادا ڪيو، انهن ۾ اياز قادري جو نالو شامل آهي. قادري صاحب جو تعلق هڪ علمي ۽ ادبي ڪٽنب سان هو، سندن نانو ۽ مامو ادبي دنيا جي اهم شخصيتن مان هئا، ۽ سندن علمي توڙي ادبي تربيت ۾ سندن مامي ميان غلام عباس قادري جو بنيادي ڪردار رهيو آهي. قادري صاحب، بنيادي طور تي شاعر هو، پر پاڻ وقت به وقت ڪهاڻيون به لکندو رهيو، جيتوڻيڪ سندس ڪهاڻين جو انگ ڪو تمام گهڻو ڪونهي، پر سندس هر ڪهاڻي بهترين شاهڪار ڪهاڻي آهي. "بلو دادا" سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو آهي، جيڪو 1957ع ڌاري شايع ٿيو. جنهن کان پوءِ ان جا ڪيترائي ڇاپا آيا. سندن لاڏاڻي کان پوءِ قادري قلم قبيلي پاران سندن ڪهاڻين جو مجموعو "ڪهاڻي هر دور جي" جي نالي سان شايع ٿيو، جنهن ۾ بلو دادا مجموعي کان سواءِ بعد ۾ مختلف رسالن ۾ ڇپيل سندن ڪهاڻيون ۽ ڪجهه اڻڇپيل ڪهاڻيون پڻ شامل آهن. اياز قادري صاحب جنهن دور ۾ ڪهاڻين لکڻ جي شروعات ڪئي، ان دور ۾ "ٽماهي مهراڻ" ۽ "نئين زندگي" سنڌي ادب جا اهم ۽ معياري رسالا ليکبا هئا، ۽ قادري صاحب جا افسانا انهن ٻنهي رسالن ۾ باقاعدگيءَ سان شايع ٿيندا هئا.

ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو. "پنجاهه واري ڏهاڪي جي شروع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ٽماهي 'مهراڻ' جاري ٿيو، جنهن جو هڪ حصو افسانن لاءِ مخصوص ٿيو. ان ۾ نهايت بهترين افسانا شايع ٿيندا هئا، جيڪي سنڌي جديد افساني جو بنياد بڻيا. هن ئي رسالي ۾ ڊاڪٽر اياز حسين قادري، جمال ابڙو ۽ غلام رباني جا شاهڪار افسانا ڇپيا، جيڪي فن توڙي مقصديت جي لحاظ کان اعليٰ درجي جا افسانا آهن. انهن افسانن ۾ سنڌ جي ماحول جي عڪاسي ٿيل آهي، سنڌ جي ماڻهن کي سجاڳيءَ جو سڌ ڏنل آهي، غريبن، مسڪينن، هارين ۽ پورهيتن جي پيڙا جي اپٽار ٿيل آهي. ڪي افسانا ڪرداري افسانا آهن، جن ۾ خاص ڪردارن جي مزاج، فطرت، ڪارنامن ۽ ڪارگذارين جي نکيڙ ڪيل آهي. هن دور ۾ شيخ راز، شيخ اياز، اياز حسين قادري، جمال ابڙو ۽ غلام رباني جهڙا باڪمال افسانا نويس، جن جديد سنڌي ڪهاڻي لاءِ نئين راهه کولي، پر پوءِ انهن مان ڪن لکڻ ڇڏي ڏنو." (1)

اياز قادري کي ننڍپڻ کان ئي پڙهڻ جو شوق هو، پاڻ نون ورهين جي ڄمار ۾ قصن ۽ داستانن جو اڀياس ڪرڻ شروع ڪيائون. ڪاليج واري دور ۾، ان دور جا ننڍي کنڊ جا مشهور نثر نويس سندس اڀياس هيٺ آيا، جن ۾ ٽئگور، شرت، چندر جا ڪتاب عبدالحليم شرر، راشد الخيري، نسيم حجازي، ڪرشن چندر، سعادت حسين منٽو، خواجه احمد عباس، منشي پريم چند، مئڪسم گورڪي، ٽالسٽاءِ اوهينري، موپاسان، چيخوف ۽ ٻين عظيم ناول نگارن جو اڀياس ڪيائين.

اياز حسين قادري، شاعريءَ سان گڏوگڏ افساني نگاريءَ ڏانهن به وک وڌائي. ان جو هڪ سبب اهو به هو ته اياز قادري صاحب، سنڌي ادبي سنگت جي باني ميمبرن مان هو ۽ سنگت جون هفتيوار ادبي گڏجاڻيون آرام باغ واري ايراضي ۾ واقع ڏنيرام بلڊنگ جي سندن فليٽ ۾ ٿينديون هيون، جتي وڏا وڏا اديب شريڪ ٿي پنهنجيون تخليقون پيش ڪندا هئا، ان ماحول مٿس وڏو اثر ڇڏيو. هڪ ته سندس تعلق ادبي ڪٽنب سان، ويتر ادبي گڏجاڻين جي ميزبانيءَ کين ادب جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي جو بهترين موقعو فراهم ڪيو ۽ ان ماحول مان متاثر ٿي پاڻ ڪهاڻين لکڻ ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏنائون ۽ شاهڪار

سنڌي ڪهاڻيون تخليق ڪيائون. ان دور ۾ سندن لکيل ڪهاڻين "ٻلو دادا" ۽ "مان انسان آهيان" کي پڙهندڙن ۾ تمام گهڻي مڃتا ملي. (2)

اياز حسين قادري افسانا نويسي جي دنيا ۾ جيئن پير پاتو، تيئن ئي مقبول ٿي ويو. محترم غلام علي الانا، اياز قادري جي افسانا نويسيءَ بابت 'چونڊ سنڌي افسانا' ۾ لکي ٿو، "اياز حسين قادري به هن دؤر جي افسانا نگارن مان هڪ آهي. هن جا افسانا هن ملڪ جي معاشري جي سماجي بدحاليءَ جون اگهاڙيون تصويرون آهن. هو زندگيءَ جي تلخ حقيقتن جو پردو هٽائي ٿو ۽ سماج جي خرابين، پراڻين رسمن ۽ جاگيرداريءَ نظام خلاف احتجاج ڪري ٿو." (3)

اياز حسين قادري فن، فڪر ۽ شخصيت تي شمس الدين عرساڻي پنهنجي تحقيقي مقالي "آزاديءَ کانپوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر" ۾ لکي ٿو سندس ڪهاڻين جا پلاٽ، اردو ڪهاڻيڪارن سعادت حسين منٽو ۽ احمد عباس جي ڪهاڻين تان ورتل معلوم ٿين ٿا، پر اياز حسين قادري هوبهو انهن جو ترجمو نه ڪيو آهي بلڪ تخليقي قوت کان ڪم وٺندي انهن ۾ اصليت جو جلوو پسايو اٿس."(4)

اياز حسين قادري جي افسانن جو مجموعو 'ٻلو دادا' پهريون ڀيرو 1957ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هن مجموعي ۾ جيڪي افسانا شامل هئا سي هي آهن: ٻلو دادا، مان انسان آهيان، هي ليبر، ڪتي جي موت، فرشتو، ڪفن چور قانون، امڙ مان نه ڪندس، علوءَ جا عشق، بي شرم، ڀهروپي ۽ هاجران وغيره.

اياز حسين قادري پنهنجن افسانن جي باري ۾ لکي ٿو، "منهنجي افسانن جا پلاٽ نه ذاريا آهن، نه خيالي، هي اهي تلخ حقيقتون آهن جن کي اسين پنهنجي زندگيءَ ۾ هر روز ڏسون ٿا، مون فقط ايترو ڪيو آهي جو انهن کي افسانوي رنگ ڏيئي پيش ڪيو آهي."(5)

اياز حسين قادري جا افسانا پرپور تاثر ڇڏين ٿا. اياز قادري جو مشهور ۽ مقبول افسانو 'ٻلو دادا' آهي. هن ڪرداري افساني جي شروعات ڪردار جي تعارف سان ڪري ٿو، "هو سڄي پاڙي ۾ بدنام هو. هرڪو هن کان ڪُو کائيندو هو. جهڙو تهڙو نه هن جو نالو به چرڪي وٺندو هو. پئسي وارا، هن کي ٻنهه گنبو سمجهندا هئا. پاڙي جو داداگير ليکيو ويندو هو. سندس نالو بلاول هو، مگر ڪيس ڪوئيندا هئا 'ٻلو دادا'.(6)

'ٻلودادا' جهڙو ڪردار تخليق ڪرڻ تي اياز حسين قادري کي تمام گهڻي مڃتا ملي. ان دور ۾ سندس همعصر ڪهاڻيڪارن کي به ڪردار تخليق ڪرڻ جو موقعو مليو، پر جيڪا مڃتا اياز قادري کي ملي، سندس ٻين همعصرن کي حاصل نه ٿي.

محترم ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ لکي ٿو ته، "سندس افسانن مان 'ٻلو دادا' شاهڪار افسانو آهي. هي شهري معاشري جي بدنام طبقي جي ڪردار تي ڪرداري افسانو آهي. جنهن ۾ هن ان ڪرادر جي زندگي جا واقعا جيئن جو تيئن بيان ڪندي، ان جي براين سان گڏ شخصي زندگيءَ جون خوبيون ۽ خصوصيتون به نروار ڪيون آهن."(7)

ڀارت جو ڪهاڻي نويس ۽ جڳ مشهور سنڌي نقاد موهن ڪلپنا پنهنجي مضمون سنڌ جي سنڌي ڪهاڻي ۾ اياز حسين قادري جي 'ٻلودادا' جي وڏي تعريف ڪئي آهي ۽ ان کي ورهاڱي کان پوءِ لکيل اهم ۽ بنيادي ڪهاڻي ڪوٺيو آهي. لکي ٿو ته، "منهنجي اپياس موجب ورهاڱي کانپوءِ سنڌ ۾ نئين ڪهاڻي جو باني اياز حسين قادري آهي، ان کان پوءِ هن سان غلام رباني آگرو ۽ جمال ابڙو آهن."(8)

سنڌي ٻولي جي مشهور ۽ مقبول ڪهاڻي نويس جمال ابڙي پنهنجو شاهڪار افسانو 'پشو پاشا' اياز حسين قادري جي افساني 'ٻلو دادا' کان متاثر ٿي لکيو. جمال ابڙي پاڻ انهيءَ ڳالهه جو اعتراف هڪ خط ۾ ڪيو جيڪو ٽماهي مهراڻ ۾ ڇپيو.

ڏٺو وڃي ته ادب ۾ ڪردارنگاري جي ايتري اهميت آهي جو ڪڏهن ڪڏهن ڪو فن پارو صرف ڪردارنگاريءَ جو مثال لڳندو آهي. اهڙن ئي ڪردارنگارن اديبن مان اياز حسين قادري صاحب به هڪ آهي. سندس ڪردارنگاريءَ جو شاهڪار آهي 'ٻلودادا'.

قاضي خادم 'بلو دادا' جو جائزو وٺندي آخر ۾ لکي ٿو، "بلو دادا جو ڪردار شهري زندگيءَ جي انهيءَ پهلوءَ جي نمائندگي ڪري ٿو جيڪو ڪڏهن به نه سڌريو آهي. چمڪندڙ وسيع ويڪرن رستن، وڏين وڏين روشن عمارتن، رنگين سائن بورڊ چلڪندڙ ڪارن ۽ پُرهجوم هوٽلن جي پرپان اونداهين گهٽين، بنا ڍڪ جي گٽرن ۽ بدبودار ڪچرن جي ڍير جي وچ ۾ هڪ اهڙي دنيا جيڪا ڪڏهن ختم ٿيڻ جي ناهي ۽ اتي پيدا ٿيندڙ ٻار جيڪي گند ۽ گهٽ جا عادي هوندا آهن، جيڪي پڙهڻ بدران پالشي ۾ ٺي بوٽ پالش ڪندا يا کيسا ڪتريندا آهن، جن کي ڪڏهن ڪو پلي گرائونڊ نه مليو ۽ نه وقت تي ماني. بلو دادا انهن ئي ڪردارن جو نمائندو آهي. جي هو سماج جي غلط رسمن، غلط ڪارين تي احتجاج نه ڪري ها ته هو به هڪ گمنام شخص هجي ها. ڪروڙين گمنام انسانن وانگر. ليڪن نه هن انهن ناانصافين تي عملي احتجاج ڪيو ۽ ردعمل جو ڀرپور اظهار ڪيو. تنهنڪري ئي بلو دادا ۽ اڄ سنڌي ادب جو هڪ نه وسرندڙ ڪردار آهي." (9)

تاج بلوچ ايازحسين قادري جي افساني 'بلو دادا' بابت پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو، "اياز حسين قادري، مرزا نادر بيگ کان پوءِ سنڌي افساني ۾ اهو پهريون ڪهاڻيڪار جنهن روشن خيال ۽ ترقي پسند معاشري جي اڏاوت لاءِ فڪري جنگ ڪئي ۽ سامراجي دلالن جي مضبوط قلعن ۾ بلو دادا جهڙو افسانو لکي ڏار وجهي ڇڏيا ۽ سامراجي ماحول خلاف مهاڏو اٽڪايو. جمال جو 'پشو پاشا' ۽ ربانيءَ جو 'شيدوءَ ڌاڙيل' بلو دادا جي Extention آهن، جنهن لاءِ جمال ڪيترائي ڀيرا پاڻ اعتراف ڪري چڪو آهي. 'بلو دادا' کي خاص طرح سان سنڌي افساني جي ڪائنات ۾، منشي پريمچند جي افساني، 'ڪفن' واري حيثيت حاصل آهي، حالانڪ ٻنهي افسانن ۾ ترقي پسند خيال ۽ احساس کانسواءِ متن ۽ هيئت ۾ ڪا هڪجهڙائي ناهي." (10)

ڊاڪٽر غفور ميمڻ پنهنجي تحقيقي مقالي، 'سنڌي ادب جو فڪري پس منظر' ۾ اياز قادري صاحب جي فڪر تي روشني وجهندي سندس ڪهاڻي بلو دادا جو تجزيو ڪندي لکي ٿو ته، "سندس ڪهاڻين جو فڪري محور انسانيت آهي. اهو انسان جيڪو ڪٿي سرمائيداريءَ طبقاتي گهٽ وڌائي ۾ پيڙهيل آهي، ڪٿي مذهب جي نالي ۾ سائنس غيرانساني سلوڪ ڪيو وڃي ٿو ته ڪٿي غربت ۽ پريشاني ۾ غيرانساني فعل سان واسطو پوي ٿو. سندس ڪهاڻي 'بلوداد' جيڪا سندس سڀني ڪهاڻين مان جاندار چئي وڃي ٿي، هڪ اهڙي سماج جي حقيقي عڪاسي تي ٻڌل آهي، جيڪو طبقاتي سماج تي اوچ نيچ جي ڪري مختلف مسئلن جو شڪار آهي. ڪهاڻيڪار جو ذهن طبقاتي گهٽ وڌائي کي قبول نٿو ڪري. سندس ڪهاڻي جو ڪردار نٿو چاهي هڪ ماڻهو وٽ لکين روپيا پريا پيا هجن ۽ ٻيا فٽپاٿ تي سُڏڪي سُڏڪي مري رهيا هجن. هو عورت جي عظمت جو قائل آهي. نٿو چاهي ته ڪي اوباش غنڊا نياڻين کي ڪا تڪليف پهچائين. سندس ڪهاڻي جو ڪردار بلو دادا سماج جي زيادتين خلاف بغاوت ڪندڙ ڪردار آهي."(11)

محترم عبدالحليم جوش پنهنجي راءِ ڏيندي ڪتاب بلو دادا جي ديباچي ۾ لکي ٿو ته، "سنڌ جي موجوده افساني نگارن ۾ اوهان کي اهڙا ڪي ٿورا ملندا جن جي افسانن کي فن، ٻولي ۽ افاديت جي لحاظ کان معياري سڏي سگهجي ٿو. انهن ڪن ٿورن بلند پايہ افساني نگارن مان اياز حسين قادري پنهنجي علمي سنجيدگي جي لحاظ کان منفرد، موضوع ۽ مواد جي اعتبار کان يگانو ۽ ادبي معياري جي نقطہ نگاهه کان ممتاز نظر اچي ٿو. اياز جي افسانن جي ٻولي ابدي هئڻ سان گڏ نهايت سليس، پر سوادي آهي، جنهنڪري سندس افسانن جي افاديت فقط 'عالمن' تائين محدود ڪانہ ٿي رهي، پر عوام جي هر طبقي تائين پهچي سگهي ٿي. سندس انداز بيان ايڏو ته دلڪش آهي جو معمولي واقعي يا تجربي کي نهايت مؤثر انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. فني خوبين افسانن جو معيار ايڏو ته بلند ڪيو آهي جو اهو بنا ڪنهن هٻڪ جي چئي سگهجي ٿو ته اياز جو فلسفو

هئس اهو دوا درمل تي خرچ ٿي ويو، هيٽائيٽس ۽ ڪمزوري ڪيس ورائي وئي. بک تي بيماري ۽ ڪمزوري نہ ورائيندي تہ ٻيو ڇا ٿيندو. بقول اياز حسين قادري جي تہ "اڄ صبح کان هو لنگهڻ تي هو ۽ هن جو پيٽ هاڻي ڪنهن رشوتي آفيسر وانگر ڪجهہ نہ ڪجهہ ملڻ جي تقاضا ڪري رهيو هو."(22)

مٿين لفظن ۾ معاشري ۽ سماج جي رشوت وٺندڙ عملدارن تي گهري طنز ڪيل آهي. ڇاڪاڻ جو انهن جو پيٽُ ڀرجڻ جوئي نہ هوندو آهي. اياز حسين قادري هن افساني ۾ سماجي اڻ برابري جو اهڙو مثال پيش ڪيو آهي جيڪو پڙهندڙن کي ڇرڪائي وجهي ٿو. اياز حسين قادري ڪراچي جي شهر تي راءِ ڏيندي چئي ٿو تہ، "هي ڪارن جو شهر آهي يا بيڪارن جو. ڪيڏو نہ پيسو آهي هن شهر ۾. شهر جو هڪ حصو ڪاروارن جو آهي. شهر جو ٻيو حصو بيڪارن جو آهي. هڪڙن کي زندگي جون سڀ نعمتون آهن ۽ ٻين کي زندگي جون سڀ زحمتون. هي شهر سچ پچ تہ ملڪ جي وڏي منڊي آهي، جتي هر قسم جي خريد ۽ فروخت ٿئي ٿي. سڀ کان وڏي خريد ۽ فروخت پئسي ۽ بک جي آهي."(23)

اياز حسين قادري جي خيال ۾ ملڪ جا والي ۽ اقتدار ڌڻي ٺلهيون تقريرون ڪن ٿا تہ غربت جي بدحالي ۽ بک جو ملڪ مان خاتمو ٿي ويو آهي، پر حقيقت ۾ ائين نہ آهي. بک پنهنجي خوفناڪ ۽ پوائتي شڪل ۾ اڄ تائين موجود آهي. اياز قادري انساني حقن جي ڀڃڪڙي ڏيکاريندي لکي ٿو تہ، "هن ڏٺو تہ هوٽل جا بيرا گراهڪن جو بچيل ڪاڌو هوٽل جي پوئين پاسي ۾ رکيل لوهہ جي وڏي ڊرم ۾ اڇلائيندا ٿي ويا، تڪڙ ۾ اڇلايل ڪجهہ ڪاڌو ڊرمن کان ٻاهر ڪري پيو.

ڪاڌو ڏسي هن جي پيٽ واڪو ڪيو ۽ هن جو هردو هرڪڻ لڳو. هن جي دل ۾ خواهش جو اهڙو جذبو پيدا ٿيو، جنهن هن جي جسم جي نستي رڳن ۾ جوش آٽي ڇڏيو ۽ هن جو هٿ ڪاڌي ڏانهن وڌڻ لڳو تہ هن کي ڊرم مان ڪني بانس آئي ۽ هن کي ڪراهت محسوس ٿيڻ لڳي. هن جو وڌيل هٿ پوئتي موٽي ويو ۽ پير پنتي ڪجي ويو ۽ هو ڪاڌي کان هڪ ٻہ وک پري ويهي رهيو. هن جي اندر ۾ اها جنگ جاري هئي هٽ هن ڏٺو تہ (هڪ بيري تازو بچيل ڪاڌو اڇلايو) جو ڊرم کان ٻاهر ڪري پيو. ڪاڌي ۾ اڌ پليٽ برياني، اڌ نان، ٿورو ٻوڙ ۽ ٿورو سلاد هو.

هاڻي هن جي بک جنگ کٽي ورتي. هن پنهنجي پرسان پيل اخبار جو ٽڪر کنيو ۽ اڇلايل ڪاڌي مان نان، برياني، سلاد ۽ ڪجهہ هڏا کڻي اخبار تي رکيا. بک جي شدت کان هن جو هٿ اخبار جي پني کان هن جي وات ڏانهن تڪڙو ڪچڻ لڳا ۽ هن جون ڄاڙيون تڪڙيون تڪڙيون هلڻ لڳيون.

هو پني تي پيل سمورو ڪاڌو کائي ويو. هاڻي هن اخبار جي ٽڪر ڏي نهاريو. اخبار تي هڪ تصوير ڇپيل هئي. هن غور سان ڏٺو. هن سڃاتو تہ اها صدر جي تصوير هئي. بچيل پني جي خبر جو ٿلهن اکرن ۾ سرو هو، "ڪو بہ بکيو نہ رهندو" صدر.

ڊنر تي صدر تقرير ڪندي فرمايو تہ، "مان حڪومت طرفان خوشيءَ سان اعلان ٿو ڪريان تہ اسان جي ملڪ ۾ نہ بکيو رهندو ۽ نہ بکيو سمهندو." عبدوءَ کان رڙ نڪري ويئي، "ڪوڙو ڪوڙي جو پٽ."(24)

جنهن ملڪ ۾ ماڻهن کي بنيادي حقن کان وانجهيل رکيو وڃي انهن کي زندگيءَ جون بنيادي سهولتون ميسر نہ هجن تہ پوءِ اهي يا تہ باغي ٿي وڃن ٿا يا وري ابوجهن جيان زندگي گهارين ٿا.

برک ڏاهو ۽ اديب مسلم شمير، اياز حسين قادري جي فن تي راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ، "ان کے افسانوں میں ماورائیت اور تجریدیت کی بجا انسان، سماج شاعر زندگی کی تصویر کشی اور ترجمانی ملتی ہے۔اس کے ساتھہ فن کی معیار اجمال کو ان کی یہاں خصوصی اہمیت حاصل ہے جو فن پارے کو ادبی معیارات سے وابستہ رکھتا ہے۔ وہ دل درد مند اور دیدہ بیدار رکھنے والی تخلیقکار تھے۔ان کی تخلیقات میں اندرونی معاشرے میں موجود ناہمواری انسان کے درپیش مسائل و مصائب کا جمالیاتی اظہار بڑے توانا انداز میں ملتا ہے۔"(25)

مجموعي طورتي اياز حسين قادري پنهنجي ڪهاڻين ۾ سماج جي گندي ۽ غليظ شڪل کي ظاهر ڪيو آهي، جتي انسان ۽ انسانيت جو قدر ڪونهي.

انساني حقن جون پچڪڙيون ٿين ٿيون.

اياز قادري جي اها ڪوشش رهي ته ماڻهن ۾ اهو احساس پيدا ڪري ته "انسان اشرف المخلوقات آهي. انسان جي عظمت پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. انهيءَ ڪري ظلم سهڻ به ايڏو ئي وڏو جرم آهي جيڏو ظلم ڪرڻ. اياز قادري پنهنجي پڙهندڙن کي اهو پيغام ڏيئي ٿو ته ڏاڍ، جبر، ڌڪاءُ ۽ سماجي اڻبرابري خلاف گڏيل جاکوڙ ڪئي وڃي ۽ غريبن جا حق بحال ٿين.

## حوالا


1. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سنڌي ادب جي تاريخ، ڪانياواڙ اسٽور لاڙڪاڻو، 1993ع،ص 406 ۽ 407.
2. انور ابڙو، 20 صدي جا اديب، عالم ۽ شاعر (ڪالم)، ڊاڪٽر اياز حسين قادري، عوامي آواز، 20 ڊسمبر 1997ع.
3. خواجه غلام علي الانا، چونڊ سنڌي افسانا، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، 1974ع، ص 'ط'.
4. شمس الدين عرساڻي، آزادي کانپوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 1982ع، ص 238 .
5. ڊاڪٽر اياز حسين قادري، بلودادا (پيش لفظ) اسحاقيه پرنٽنگ پريس، 1957ع، ص 20 .
6. ڊاڪٽر اياز حسين قادري، بلودادا (پيش لفظ) اسحاقيه پرنٽنگ پريس، 1957ع، ص 20.
7. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سنڌي ادب جي تاريخ، ڪانياواڙ اسٽور لاڙڪاڻو، 1993ع، ص 411.
8. ولي رام ولڀ ۽ ظفر حسن، آرسي نمبر 5، 1986ع، ص 276.
9. قاضي خادم، بلودادا (هڪ جائزو)، ماهوار نئين زندگي، جون 1987ع، ص 12.
10. تاج بلوچ، مرڪنڊڙ چهري وارو شخص، (خاڪو) ماهوار سوجهرو، سيپٽمبر 1999ع، ص 48.
11. ڊاڪٽر غفور ميمڻ، سنڌي ادب جو فڪري پس منظر، لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي، 2002ع، ص 362 ۽ 363.
12. ڊاڪٽر اياز حسين قادري، بلودادا، ديباچو: عبدالحليم جوش، مڪتبه اسحاقيه پرنٽنگ پريس، جون 1957ع، ص 12، 13 ۽ 15.
13. عبدالحليم جوش (ديباچو) ڊاڪٽر اياز حسين قادري، بلودادا، مڪتبه اسحاقيه پرنٽنگ پريس، جون 1957ع، ص 25 ۽ 26.
14. ڊاڪٽر اياز حسين قادري، بلودادا، افسانو: مان انسان آهيان، مڪتبه اسحاقيه پرنٽنگ پريس، جون 1957ع، ص 42.
15. ڊاڪٽر اياز حسين قادري، بلودادا. مڪتبه اسحاقيه پرنٽنگ پريس، 1957ع، ص 20.
16. عبدالحيلم جوش کان هڪ انٽرويو، انٽرويو وٺندڙ: ناهيد نواز، تاريخ: 29 سيپٽمبر 2002ع.
17. محمد علي پناڻ، موت کي ملت، قادري خاندان جي 200 سالا خدمتن کي پيڻا، سوونيئر: ايڊيٽر: ذوالفقار قادري، لاڙڪاڻو، 2001ع.
18. ڊاڪٽر اياز حسين قادري، ڪهاڻي هر دور جي، ماهوار سهڻي، آڪٽوبر 1990ع، ص 46.
19. ڊاڪٽر اياز حسين قادري، ڪهاڻي هر دور جي، ماهوار سهڻي، آڪٽوبر 1990ع، ص 6.
20. ڊاڪٽر اياز حسين قادري، ڪهاڻي هر دور جي، ماهوار سهڻي، ڊسمبر 1991ع، ص 46.
21. ڊاڪٽر اياز حسين قادري، ڪهاڻي هر دور جي، ماهوار سهڻي، ڊسمبر 1991ع، ص 46.
22. ڊاڪٽر اياز حسين قادري، ڪهاڻي هر دور جي، ماهوار سهڻي، ڊسمبر 1991ع، ص 46.
23. ڊاڪٽر اياز حسين قادري، ڪهاڻي هر دور جي، ماهوار سهڻي، ڊسمبر 1991ع، ص 46.
24. ڊاڪٽر اياز حسين قادري، ڪهاڻي هر دور جي، ماهوار سهڻي، ڊسمبر 1991ع، ص 46.
25. مسلم شميم، جن کي فکر زندگی عشق ہوجائے وہ لوگ (ایک تاثر) قادري خاندان جي 200 سالا خدمتن کي پيڻا، ايڊيٽر: ذوالفقار قادري، 2001ع، لاڙڪاڻو، ص 39.

صنم لطيف ڪرتيو

# مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ۽ لوڪ ادب

سنڌ ڌرتيءَ عظيم ۽ انمول ماڻهن کي جنم ڏنو آهي ۽ انهن عظيم ماڻهن پنهنجي ڏاهپ، سچائيءَ، ايمانداريءَ ۽ پنهنجي اڻٿڪ محنتن سان سنڌ جو ماڻ مرتبو وڌايو آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ تمام گهڻي خوش قسمت رهي آهي. هن کي دولهه درياءَ خان جهڙو بهادر، پير صبغت الله جهڙو سورهيه بادشاهه، سائين جي.ايم.سيد جهڙو قوم پرست، ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جهڙا سياستدان، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ، شيخ اياز ۽ استاد بخاريءَ جهڙا بهترين ۽ لاجواب شاعر مليا.

**سوانح:**

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ڪنهن به تعارف جو محتاج نه آهي، مخدوم صاحب 4 آڪٽوبر 1919ع تي نوان هالا ۾ جنم ورتو. سندس اصل نالو محمد زمان هو ۽ سندن والد جو نالو غلام محمد هو. مخدوم صاحب پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ درگاهه نوح سرور” جا سورنهن گادي نشين هئا. پاڻ بهترين شاعر، خوبصورت نثرنويس، خوددار، ايماندار، سچار انسان ۽ بااصول سياستدان ۽ ٻين گهڻين ئي بيشمار خوبين جو مالڪ هو.

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جن شريف النفس، نيڪ دل، مذهب سان لڳاءُ رکندڙ، مسڪين ماڻهن جا مددگار ۽ خوش اخلاق هئا. هونئن به هن خاندان جو غريبن ۽ مسڪينن جي مدد ڪرڻ شيوو رهيو آهي.

مخدوم صاحب جن کي عربي ۽ فارسيءَ تي عبور حاصل هئو. پاڻ بلند پايه شاعر، خوبصورت نثرنويس کان علاوه موسيقيءَ جا ماهر هئا. سندن شروعاتي شاعريءَ ۾ تخلص ”بيوس“، ”فراق“ ۽ ”زمان شاهه“ ملي ٿو. تنهن کانپوءِ 1949ع ۾ ”طالب الموليٰ“ تخلص استعمال ڪيائون اهو تخلص ايڏو ته مشهور ٿيو جو ماڻهن کان سندن اصل نالو ئي وسري ويو.

مخدوم صاحب جن سياست سان لاڳاپيل رهيا. پاڻ ڪيترائي ڀيرا قومي اسيمبلي جا ميمبر ٿيا ۽ پيپلز پارٽيءَ جا وائيس پريزيڊنٽ پڻ رهيا. ان کان علاوه مخدوم صاحب جن ون يونٽ، ايم آر.ڊي ۽ ٻين جمهوري تحريڪن ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيو.

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ هرفن موليٰ هئا. پاڻ شڪار جا تمام گهڻا شوقين هئا نه صرف شڪار جو شوق هئن، پر شڪار جا ماهر به هئا. اهوئي سبب آهي جو ”شڪار ڪلب“ قائم ڪيو هئائون. ان کان سواءِ راندين سان به تمام گهڻو چاهه هئڻ راندين ۾ والي بال روزانو کيڏندا هئا. ان لاءِ وري ”طالب الموليٰ والي بال ڪلب“ هالا ۾ قائم ڪئي هئائون. جنهن ۾ ٽورنامينٽ ٿينديون رهيون.

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ موسيقيءَ ۾ به پاڻ ملهايو آهي. چاڪاڻ ته مخدوم صاحب جن موسيقيءَ جي باقاعده تربيت حاصل ڪئي. موسيقيءَ سان دلي لڳاءُ سبب پاڻ هڪ نئين راڳڻي ”زماني ٽوڙي“ ايجاد ڪئي هئائون. ان سان گڏوگڏ راڳيندڙن جي سرپرستي ۽ همت افزائي پڻ ڪندا هئا ۽ موسيقيءَ جا مقابلا ڪرائي ڳائيندڙن کي انعام و اڪرام ڏيندا هئا. سندس دربار ۾ به درباري فنڪار هوندا هئا. هڪ حسين بخش ”خادم“ ٻيو مصري فقير.

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جن کي لوڪ ادب سان تمام گهڻي دلچسپي هئي. انهيءَ ڪري سگهڙن، شاعرن، جي ڪچهري ڪرائيندا هئا ۽ انهن جي سرپرستي ڪندا رهندا هئا. پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جا چيئرمين پڻ رهيا ۽ ان اداري ذريعي سنڌي ادب کي مالا مال ڪيائون. مطلب ته مخدوم صاحب هڪ گهڻ رخي شخصيت جا مالڪ هئا. هو هڪ بهترين ۽ اعليٰ پائي جا شاعر هجڻ سان گڏوگڏ ماهرِ لسانيات پڻ هئا، مخدوم صاحب جن کي اڻٿڪ محنتن جي ڪري اعليٰ ايوارڊ تمغه پاڪستان، لطيف ايوارڊ، هلالِ امتياز پڻ مليا.

آهي، ڪهاڻيءَ ۾ ٻين عنصرن سان گڏ ڪردار نگاري کي اهم ۽ بنيادي حيثيت حاصل آهي، ڇاڪاڻ ته ڪهاڻي جي ذريعي ليکڪ ڪيترن ئي ڪردارن بابت گهري ڄاڻ ڏئي ٿو.

Characterization is the information the author gives the reader about the characters themselves, the author may reveal in character in several ways. (5)

ليکڪ جيستائين انساني جيون جو گهرائيءَ سان اڀياس نٿو ڪري تيستائين هو تحرير ۾ ان سان صحيح انصاف ڪري نه سگهندو. سمورا واقعا ۽ حادثا ڪردارن کي ئي پيش اچن ٿا. جيئن ڪردار جو دنيا جي هر عمل ۾ دخل آهي، تيئن ڪهاڻي به ڪردار کان سواءِ سرجي نٿي سگهي. ڪردار ڪڏهن سڌو سنئون پنهنجي مڪمل شخصيت سان اڀري اچي ٿو. ڪڏهن اڻ سڌي طرح ڪهاڻيءَ جو حصو بڻجي ٿو. ”ادب پاره جي ڪردارن جي وڏي خوبي اها هئڻ گهرجي ته اهي زنده محسوس ٿيندا هجن، پڙهندڙ سندن ڳالهين، ڪمن ۽ انهن جي جدوجهد مطلب ته سڄي ڪردار کي اهڙي طرح ياد ڪن جيئن زنده انسان جي ڪنهن عملن ۽ جدوجهد کي ياد ڪبو آهي.“ (6) ڊڪشنري آف لٽرر ٽرمس ۾ ڪردار نگاريءَ جي اهميت هن طرح بيان ٿيل آهي:

Characterization has dominant in fiction he must emerge out as alive before a writer can make his reader sympathies with or opposite. (7)

ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار کي اها ئي ساڳي سماجي حيثيت بيان ڪرڻي آهي، جيڪا عام زندگيءَ ۾ هن جي آهي، ته جيئن پڙهندڙ ڪردار کان جلدي واقف ٿي وڃي. ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ کي حقيقي زندگيءَ جي جهلڪ پيش ڪرڻي آهي. انڪري ڪردار جو قول ۽ فعل سندس عين شخصيت مطابق هئڻ گهرجي. ڪردار پنهنجي صلاحيتن کان به چڱي طرح واقف هئڻ گهرجي. اهو شعور نه صرف ڪهاڻيءَ ۾ بلڪ عملي زندگيءَ ۾ به ڪردار کي ڪامياب بڻائي ٿو، جيئن سيد وقار عظيم لکي ٿو:

کردار کو زندگی میں، اور اس لیئے قصے میں بھی کہ وہ زندگی کا عکس ہے، یہ علم کامیاب و کامران بناتا ہے کہ اسے اپنی صلاحیتوں سے کام لینا ہے اور دنیا کی نظر میں اسے جو مرتبہ اور حیثیت حاصل ہے اسے کس طرح استعمال کرنا ہے۔(۸)

زندگيءَ جي جنهن به شعبي مان ڪردار کي کڻجي، ان پيشي يا فڪر جي چڱي طرح ڄاڻ هئڻ گهرجي، تڏهن ئي ڪردار پنهنجي زندگيءَ جي ان حصي يا فڪر جي مڪمل نمائندگي ڪري سگهندو. پڙهندڙ کي فطري طور تي محسوس ٿيندو. ادب جي تخليق وقت ليکڪ کي اهو ذهن نشين ڪرڻ کپي ته هو وقت جي حقيقي تاريخي قلمبند ڪري رهيو آهي. قومن جي صحيح تاريخ ادب ۾ ئي رقم ڪئي ويندي آهي. جيئن امر جليل لکي ٿو ”حاڪمن جي حڪم تي تيار ڪيل تاريخ قومن سان هاڃا ڪري ڇڏيندي آهي. ان جي ابتڙ ادب پوري سچائيءَ سان پنهنجي دور جي ترجماني ۽ عڪاسي ڪندو آهي. تاريخ جي چالاڪين تي گواهي ڏيندو آهي.“(9)

ڪردارن ۾ سچائيءَ جا اهي سمورا رنگ موجود هئڻ گهرجن ته جيئن قوم جي فردن جي عملي زندگيءَ جو ايندڙ نسل کي صحيح اندازو ٿي سگهي. اسان جي سنڌي ادب ۾ اهڙا ڪيترائي ڪردار تخليق ڪيا ويا آهن. اسان جي فڪر، فلسفي، تاريخ ۽ نفسيات جي نمائندگي ڪن ٿا. قوم لاءِ رهنمائيءَ جي حيثيت به رکن ٿا. تهذيب ۽ تاريخ جا نمائندا به بڻجي وڃن ٿا.

ادب جي ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ سنڌي ڪهاڻي ڪيترن ئي سماج جي حقيقي ڪردارن کي نمايان ڪيو آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ نه صرف سماج جي ڪن اهم ڪردارن کي نمايان ڪيو آهي. بلڪ انهن سان واسطو رکندڙ آس پاس جا ٻيا ڪردار (هاڪاري توڙي ناڪاري) به ڪهاڻي جي فن ۾ اچي، تاريخ جو حصو بڻجي ويا آهن. دنيا جي بهترين ڪهاڻيڪارن اينٽن چيخوف (روس) موپاسان (فرانس) ايڊگرايلن پو (آمريڪا) ۽ ٻيا ڪيترائي دنيا جا مشهور ڪهاڻيڪار آهن جن ڪهاڻيءَ جي فن ذريعي مختلف حقيقتون ڪردارن جي ذريعي دلچسپ ۽ موثر انداز ۾ بيان ڪيون آهن. سنڌي ڪهاڻيڪارن ۾ ورهاڱي کان اڳ

قدرشناسي جي ڪري ڪيترن ئي افسانانگارن پنهنجا نوان تجربا شروع ڪيا آهن ۽ نيون راهون پڻ تلاش ڪيون اٿن، جن ۾ هو گهڻي قدر ڪامياب بہ ٿيا آهن. هن دور جو سنڌي افسانو يورپ جي هر سٽريل زبان جي افساني سان همسري ڪري سگهي ٿو."(13)

ورهاڱي کان پوءِ جي ڪهاڻيڪارن ۾ ع ق شيخ، جمال ابڙو، غلام رباني آگرو، شيخ اياز، اياز قادري، سوڀو گيانچنداڻي، حفيظ شيخ، شيخ عبدالرزاق راز، نجم عباسي، بيگم زينت عبدالله چنا، ثميرا زرين، خيرالنساءِ جعفري، ماهتاب محبوب، نسيم کرل، امرجليل، عبدالقادر جوڻيجو، طارق اشرف، رشيد ڀٽي، منير، آغا سليم، شوڪت حسين شورو، قمر شهباز، غلام علي مغل، بشير مورياڻي ۽ ٻيا ڪيترائي افسانا نگار اچي وڃن ٿا. هنن ڪهاڻيڪارن سماج جي مختلف ڪردارن ذريعي فني ۽ فڪري حوالي سان پختيون ۽ بهترين ڪهاڻيون تخليق ڪيون.

ورهاڱي کانپوءِ جن ڪردارن سنڌي ڪهاڻيءَ جي ذريعي تمام گهڻي شهرت حاصل ڪئي، انهن ڪردارن ۾ جمال ابڙي جي ڪهاڻي "پشو پاشا" جو ڪردار "پشو" "بدمعاش" ڪهاڻيءَ وارو بدمعاش غلام رباني آگري جي ڪهاڻي "شيدو ڌاڙيل" جو ڪردار "شيدو" اياز قادري جي ڪهاڻي "بلودادا" جو ڪردار "بلاول عرف بلو" ۽ "ماڻ انسان آهيان" ڪهاڻيءَ وارو "مست فقير" جو ڪردار اهم آهن. هنن ڪردارن سنڌي ڪهاڻي ۾ نوان باب رقم ڪري ڇڏيا. ليکڪ ڪردارن جي شخصيت کان مڪمل واقفيت ڪرائين ٿا ۽ اهوئي عمل ڪن ٿا. جيڪو هوند عملي زندگيءَ ۾ اهڙي ماحول ۾ اهڙي انسان کي ڪرڻ گهرجي. سماج ۾ ٿيندڙ ظلمن جي داستانن طبقاتي ڪشمڪش ڏاڍين ٻي هيٺن سان ورتاءُ جون ڪليل تصويرون آهن. جديد ترقي پسند فڪر کي بہ هنن ڪهاڻين جي ڪردارن ذريعي ظاهر ڪيو ويو آهي. ڪردارن جي سوچ ۽ عمل پنهنجي ماحول سان هم آهنگ آهي. پڙهندڙ جي ذهن تي ڀرپور تاثر ڇڏين ٿا. اهڙين ئي ڪرداري ڪهاڻين جي ذريعي ڪهاڻي پنهنجو سماج ڪارج ادا ڪندي، ڀرپور تاثر ڇڏي ٿي. ورهاڱي کانپوءِ جمال ابڙو سنڌي ڪهاڻيڪارن ۾ اهم حيثيت رکي ٿو، هرهڪ ڪهاڻي جو ڪردار بلڪل ڇٽو آهي، پڙهندڙ جو مڪمل توجهه ڇڪائي ٿو. جمال ابڙي پنهنجي ڪردارن جي هر خوبي توڙي خامي ظاهر ڪري، انهن کي فطرت سان هم آهنگ ڪري ڇڏيو آهي "پيراڻي" ڪهاڻي جو ڪردار، خميسي جو ڪردار پشو جو ڪردار "بدتميز" ڪهاڻي ۾ ڊاڪٽر جو ڪردار توڙي مسڪينن جي حالت، "ڪارو منهن" ڪهاڻي ۾ دينو ڪردار، "مهرباني" ڪهاڻي وارا سماج جا سطحي ۽ پاڻ کي مهذب سمجهندڙ ڪردار، "ماءُ جي جهولي" ڪهاڻي ۾ سنڌي ماءُ جو ڪردار، "لاٽ" ڪهاڻي وارو پورهيت جو ڪردار، هيءُ سمورا ڪردار پنهنجي مڪمل شخصيت سان اڀري اچن ٿا ۽ سماج مان همدردي يا نفرت حاصل ڪن ٿا ۽ ليکڪ جي فن، فڪر توڙي مشاهدي جي گهرائيءَ جو ثبوت پيش ڪن ٿا. اهڙي طرح بشير مورياڻي جي ڪهاڻين "ڇهڙي" ۾ معصوم ڇيميءَ جو ڪردار ۽ " ڪهاڻيءَ" ۾ پريم جو ڪردار بہ ڪردارنگاريءَ جو بهترين نمونو آهي. سماج جا ڄاتل سڃاتل حقيقي ڪردار معلوم ٿين ٿا. ليکڪ ڪٿي بہ رک رکاءُ ناهي ڪيو. نسيم کرل جي ڪهاڻين ۾ بہ ڪردار نگاري جا فطري رنگ نظر ايندا. "شبنم شبنم ڪنول ڪنول" ۾ نرس ۽ ڊاڪٽر جو ڪردار، "چوٽيهون در" ۾ سماج جي نميوار فرد گيج ريبر ۽ پوليس آفيسرن جي لاپرواهہ ڪردار کي فطري انداز ۾ بيان ڪيو آهي. جديد دور جي ڪهاڻيڪارن ۾ امرجليل بہ پنهنجو پاڻ ميڃائي چڪو آهي پنهنجي ڪهاڻين ۾ پنهنجي مخصوص فن، فڪر ۽ اسلوب ذريعي عام سماجي ڪردارن سان انصاف ڪندي انهن جي مڪمل شخصيت کي ظاهر ڪري ڇڏي ٿو. پنهنجي ڪهاڻين ۽ ڪردارن لاءِ لکي ٿو "رستن، گهرن ۽ گهٽين ۾ ڌڪا کائڻ وارن جون ڪهاڻيون آهن گهاو خاطر جلاد جي تلاش ۾ گهمڻ وارن ڪردارن جون ڪهاڻيون آهن."(14) جڏهن بہ ڪردارن جي صحيح سڃاڻپ ۽ پرک بعد سچائي سان لکيو ويو آهي، تہ اهي ڪهاڻيون ڪامياب رهيون آهن. سمورو تاثر ڪردار ۾ سمايل هوندو آهي، پڙهندڙ جڏهن

ڪهاڻين ۾ اهڙا ڪردار پڙهي ٿو تہ هن کي ائين محسوس ٿئي ٿو جڻ هو اهڙن سماجي ڪردارن کان اڳ ئي واقف آهي. پڙهندڙ اهڙن ڪردارن جي نفسيات ۽ عمل جي وڌيڪ ڄاڻ ڪهاڻيءَ جي ذريعي حاصل ڪري، ذهني سڪون ۽ آنند حاصل ڪري ٿو. ڪهاڻيءَ جي ڪردارن جي ڪاميابي سندن فطري آزاديءَ تي ٻڌل ٿئي ٿي. ليکڪ پنهنجا آدرش، اصول ۽ نظريا ڪردار جي ذريعي ظاهر ڪري ٿو. مگر ڪردار جي فطري آزاديءَ کي بہ نظر انداز نٿو ڪري. ليکڪ اهڙا ئي ڪردار ڳولي ٿو جيڪي عين انهن نظرين تحت هلندڙ هوندا آهن.

دنيا جي هر قوم ارتقا جا مرحلا طئي ڪندي اڳتي وڌندي پئي وڃي. اهو ضروري آهي تہ ادب جي محاذ تان ڪهاڻيءَ جي ذريعي اهڙن ڪردارن کي نمايان ڪجي، جن جو قوم جي ترقي، سڌاري ۽ رهنمائيءَ ۾ سڌو سنئون هٿ آهي. چاهي اهي سماج جي نظرن ۾ ڪيترا بہ معمولي ڇو نہ هجن. مگر انهن جي اهميت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. ساڳي طريقي سان انهن ڪردارن جي اصليت تان بہ پردو هٽائجي، جيڪي سماج کي اڌوهيءَ جيان کائي رهيا آهن. جن تازي وهندڙ پاڻيءَ جهڙي پاڪيزه سوچ کي بند ٻڌي سماج کي گندي تلاءُ ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ماضيءَ ۾ لکيل ڪامياب ڪرداري ڪهاڻين ذريعي اسان کي اهڙا سماجي ڪردار چٽا نظر ايندا. جن سماج جي ترقيءَ ۾ پاڻ ملهايو آهي. موجوده دور جي ليکڪ تي پڻ اها ذميواري اچي ٿي تہ مطالعي ۽ مشاهدي جي آڌار تي سماج جي هرهڪ ڪردار سان انصاف ڪندي ان کي ڪهاڻي جي فن ذريعي ظاهر ڪري ڇڏي.

## حوالا


1. Giddens Anthony, introduction to sociology, Cambridge university, university of California Santa Barbara 1996, Page 59.
2. ٻوهيو، ڊاڪٽر الهداد- سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج، سال 1978ع انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو. ص 21.
3. خواجہ ڊاڪٽر نور افروز، ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر، سال 2010، شيخ شوڪت علي اينڊ سنز، ڪراچي، ص 209.
4. خواجہ غلام علي الانا، چونڊ سنڌي افسانا، سال 1981، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو. ص (الف).
5. http://hrsbstaff.ednet.ns.ca/engramja/elements.html.
6. خواجہ ڊاڪٽر نور افروز، ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر، سال 2010، شيخ شوڪت علي اينڊ سنز، ڪراچي، ص 209
7. Malik Muhammad Ali Prof: Dictionary of Literary Terms. New Kitab Mahal Urdu bazaar Lahore. 2009-10, Page 08.
8. سید، وقار عظیم، داستان سے افسانے تک، اردو اکیڈمی سندھ، ۱۹۶۰ع، ص: 137.
9. امر جليل، ادب ۽ سياست، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي، سنہ 2010ع، ص 23.
10. هنگوراڻي، امرلال، ادوعبدالرحمان، مهاڳ ڪيرت ٻاٻاڻي، نيو فيلڊس پبليڪيشن ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد، 1985ع، ص: 10.
11. جوتاڻي لعل سنگهہ، مترجم هيرشيوڪاڻي، سنڌي ادب جي تاريخ، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2007 ص 270.
12. لڪاڻي، منگهارام پروفيسر، سنڌي نثر جي تاريخ، حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر 2007، ص 66.
13. خواجہ غلام علي الانا، سنڌي نثر جي تاريخ، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد سال 1999، ص 44.
14. امر جليل، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1998ع، ص 8.

نصب العين جي تعين جو مسئلو آهي. جيڪڏهن دنيا جون سيئي قومون، بني نوع آدم جي زندگي ۽ عمل جو اهو عالمگير وحدت وارو فطري نصب العين متعين ڪن، جنهن جي فطري صداقت جي تصديق، هر قوم جي ادبي تاريخ جي هر دور ۾ پٽي ڪئي آهي ته سڄي عالم جي ڌرتي انساني پيار ۽ ڀائيچاري جو مرڪز بڻجي پوي ۽ زندگي به وصل جو گيت ڳائيندي مالڪ جي هيڪڙائيءَ کي ڏسي ۽ اُن جو پيار ماڻي سگهي.

سنڌ وٽ انساني زندگيءَ ۽ عمل جو اهو وحدت وارو عالمگير نصب العين شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ڪامل صورت ۾ موجود آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي سنڌ جي شاعرن جو سرتاج مڃيو وڃي ٿو. محققن جي متفق راءِ آهي ته شاهه صاحب دنيا جي چند وڏن شاعرن منجهان هڪ آهي. شاعر جي عظمت نه فقط ذات جي فطري سگهه تي آڌار رکي ٿي، پر ذات وسيلي شاعر شعوري ارادي سان جيڪو حيات جو نصب العين متعين ڪري ٿو ۽ اُن لاءِ انساني سيرت جو جيڪو باڪمال نمونو واضح ڪري ٿو، سو هڪ باڪمال عالمي ثقافت کي وجود ۾ آڻي ٿو، جنهن سان شاعر جي عظمت بنا ڪنهن وقت ۽ جاگرافيائي قيد جي پوري روءِ زمين تي ڦهلجي وڃي ٿي.

شاعريءَ جو بنيادي مقصد انسان کي زندگيءَ ۽ عمل لاءِ رهنمائي ميسر ڪرڻ آهي، يعني هڪ ته اها حيات جو نصب العين واضح ڪري ٿي ۽ ٻيو ته ماڻهن کي مڪافات عمل جو فطري ڏڳ ڏيکاري ٿي. شاعري انسان جي روح کي اُجرو ڪري، اُن ۾ زندگيءَ جي مسرت پيدا ڪرڻ سان گڏ عمل جي سندرتا جو عشق جاڳائي ٿي. اِهوئي سبب آهي جو شاعرن کي ”تلا ميذالله“ ۽ شاعريءَ کي ”جزوايست از پيغمبري“ چيو ويو آهي. شاعريءَ جي اهڙي ڪارج کي، فلپ سڊنيءَ جا هيٺ ڄاڻايل خيال وڌيڪ واضح ڪن ٿا:

> **جيڪڏهن ٻيا سڀ فن انساني ذهن کي جسم جي گندگين کان مٿانهون ڪري ان قابل بنائين ٿا جو اهو خدائي جوهر (Divine Essence) کي محسوس ڪري سگهي، ته شاعري اهو ڪم سڀني کان بهتر نموني ڪري سگهي ٿي. ڪوبه علم صرف نيڪيءَ جو اطلاع فراهم ڪرڻ جو نالو ڪونهي بلڪ انسان جي ذهن کي اعليٰ سطح تي وٺي وڃڻ جو نالو آهي... سو شاعري انسان کي نيڪيءَ جي باري ۾ محض عام تصور نٿي ڏئي بلڪ نيڪي ۽ بديءَ کي مثالن ذريعي واضح به ڪري ٿي ته نيڪيءَ جو محرڪ به بڻجي ٿي. اها صرف رستو نٿي ڏيکاري بلڪ بهتر رستو اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿي ڪري.(1) شاعريءَ ۾ اهو مثالي علم موجود آهي جيڪو ٻين علمن ۽ فنن ۾ ڪونه هوندو آهي. شاعري تاريخ ۽ فلسفي جي مقابلي ۾ عمل لاءِ وڌيڪ وڏو محرڪ ٿيندي آهي. شاعريءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو علم ڪارائتو ٿيندو جيڪو انسان کي خوبين ۽ نيڪين جو درس ڏئي ۽ ترغيب ڏئي.(2)**

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي شاعريءَ وسيلي ٽيهه سُر تخليق ڪيا آهن، جن ۾ انساني زندگيءَ ۽ عمل جي حُسن کي نمايان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. هرهڪ سُر پنهنجي حسن ۽ ڪمال ۾ اهڙيءَ طرح مڪمل آهي جو منجهس زندگي ۽ عمل جي بنيادي رهنمائي مڪمل طور موجود آهي. شاهه صاحب جي پيغام جو جسم ته واحد آهي، پر اُن جو لباس مختلف رنگن ۾ ٽيهن جوڙن ۾ تيار ڪيو اٿس. جسم جي هڪ رنگت تي، ٽيهن رنگن جو ڪنٽراس، هڪ حسن جون ٽيهه تجليون نروار ڪري ٿو، جنهن جي هرهڪ جلوي جو حُسن هڪ ئي وقت منفرد به آهي ته واحد ۽ مڪمل به آهي. ٻيءَ طرح ائين به چئي سگهجي ته شاهه سائين پنهنجي سُرندي جي وحدت واري هڪ ئي اندروني سڳي منجهان ٽيهه مختلف سُر تخليق ڪيا آهن، جن جا آلاپ ته مختلف آهن، پر سيئي آلاپ مختلف ڪيفيتن ۾ ساڳي راحت روح کي ڏين ٿا، ڇو ته هيءَ سِر ۽ سُر جي وحدت آهي.

زندگي ۽ عمل جو سوال بنيادي طور انسان جي تهذيب جو سوال آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ

جي تهذيب جو نمائنده شاعر آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ وسيلي مهذب ڪردار تشڪيل ڏنا آهن، جيڪي سنڌ جي تهذيب جي نمائندگي ڪن ٿا. شاهه صاحب زندگي ۽ عمل بابت ڪنهن فلسفيءَ يا ناصح وانگر ويهي نظريا گهڙڻ يا حڪم ۽ نصيحتون نافذ ڪرڻ جو ڪم نه ڪيو آهي، پر هُن ڪردارن وسيلي حقيقي صورت ۾ زندگيءَ جي اعليٰ آدرش ۽ عمل کي فطري صورت ۾ گڏ ڏيکاريو آهي. شاهه سائينءَ انساني زندگيءَ جو جيڪو عالمي نصب العين متعين ڪيو آهي، تنهن کي خاص طور پنهنجي سورمين جي زندگي ۽ عمل وسيلي عملي نوعيت ۾ پيش ڪيو اٿس. پر جيئن ته شاعر پنهنجي پيغام کي شاعريءَ جي علامتي نظام وسيلي پيش ڪن ٿا، تنهنڪري عام طور سندن مقصد کي سمجهڻ محال ٿئي ٿو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته تحقيق ۽ تشريح وسيلي شاهه صاحب جي سورمين جي زندگي ۽ عما، جي حسن کي نروار ڪجي ته جيئن سنڌ جي شاهه جو پيغام عالم ۾ نروار ٿئي ۽ سموري انسان ذات لاءِ شاهه جي سورمين جي زندگي ۽ عمل آدرشي صورت اختيار ڪري سگهي.

جديد سنڌ جي وڏي شاعر شيخ اياز جو چوڻ آهي ته: ”ڀٽائي جي شاعريءَ سان ناتو نباهڻ ئي منهنجي شاعريءَ کي بقا بخشي سگهي ٿو“.(3) هن راءِ مان واضح ٿئي ٿو ته ڀٽائيءَ جي شاعريءَ کي هڪ بنيادي ۽ مستقل حيثيت حاصل آهي. يعني شاهه جيڪو حياتيءَ جو نصب العين قائم ڪيو آهي ۽ عمل جو جيڪو سليقو سيکاريو آهي، سو نهايت شاندار ۽ ڪمال وارو آهي.

سنڌ ۾ انگريزن جي آخري دؤر کان وٺي ويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين جيڪو عرصو گذريو آهي، تنهن کي سنڌي ادب جو جديد دؤر سڏجي ٿو. جديد سنڌي ادب پنهنجي اساسي ادبي روايت ڪانسواءِ سڄي دنيا جي ادبي رجحانن جا اثر قبول ڪيا. ستر سالن جي عرصي تي مشتمل هن دؤر ۾ اسان کي ڪشنچند بيوس، مخدوم طالب المولیٰ، شيخ اياز، استاد بخاري، امداد حسيني ۽ حسن درس ڪانسواءِ ڪيترائي ٻيا اهم شاعر ۽ اعليٰ نثرنگار ملن ٿا، جن جي شاعري ۽ فڪر ۾ روايت ۽ جدت فطري طور موجود آهي. پر جڏهن هڪ دؤر جي لحاظ کان ڏسجي ٿو ته جديد سنڌي ادب جو پنهنجي دؤر تي جيڪو معروضي اثر نمايان طور نظر اچي ٿو، تنهن مان پترو ٿئي ٿو ته هن دؤر جي ادب جو اساس قومپرستي ۽ سياست آهي. يعني قديم سنڌي شاعريءَ جي اُها اساسي روايت جنهن جو سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي آهي، جنهن جو بنياد عشق ۽ خدمت جو عمل آهي، سا هن دؤر ۾ شاهه جي رسالي تائين محدود رهجي وئي آهي. قومپرست ادب جي اساسي روايت مان جيڪو روايتي شعر ۽ نثر وڏي تعداد ۾ (نوانوي سيڪڙو) اسريو ۽ نُسريو بيٺو آهي، سو پنهنجي مزاج ذريعي ثابت ڪري رهيو آهي ته اُن جو تخليقي مُحرڪ فقط شهرت ۽ ذاتي مفاد ئي رهيو آهي. ٻئي طرف سنڌ جي اساسي شاعريءَ سان لاڳاپيل روايتي دؤر جي تاريخ کي ڏسجي ٿو ته اُن جي حيات جي مقصد ۽ خدمت جي عمل سان گهري وابستگي نظر اچي ٿي، ڇو ته نميواري ۽ فرض ادائگي اُن جو بي بدل محرڪ رهيو آهي، جنهن کي زمانو بدلائي نه سگهيو آهي.

سوال ٿو پيدا ٿئي ته ائين آخر ڇو آهي ته هڪ طرف جديد سنڌي ادب جي دعوا آهي ته هن پنهنجي ماضيءَ سان تعلق نه ٽوڙيو آهي ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي ماضي ۽ حال جي شاعرن جو سرتاج مڃيو وڃي ٿو، ٻئي طرف اُن جي بنياد ۽ روايت ۾ زوال موجود آهي؟! لانجائينس (Longinus) ادب جي اهڙي زوال واري حالت بابت مرض جي تشخيص مختصر لفظن ۾ نهايت جامع صورت ۾ ڪئي آهي، چوي ٿو:

> **ادب جو زوال اديبن جي اخلاقي پستيءَ سبب ٿيندو آهي، ڇو جو اظهار جي عظمت روح جي عظمت مان پيدا ٿيندي آهي ۽ اديبن جي اخلاقي زوال سان روحاني زوال ٿيڻ ڪري ادب ۾ زوال لازمي آهي. تخيل جي پستي ۽ عاميانه خيال سان نه پر پاڪيزه فڪر ۽ بلند خياليءَ سان عظيم ادب تخليق ٿيندو آهي.**(3)

هيءَ حقيقت سوال ٿي پيدا ڪري ته آخر سبب ڪهڙو آهي جو ڪو ماڻهو پاڻ کي اديب به



مُک آ چڻ، سورج مکي،
ٽاريلي جي، مرک آ سندر
ڪارونجهر ڪور تي
گهن گهور گهٽا، اُجايل ٿر تي
ٽِڙي پيا هن ٿر جا منظر
ڪارونجهر جي ڪور تي.

**شبنم گل**



چترڪار: سلطان چانڊيو

ٿيون سوز فراق ڄون ڪاهون،
دل لُڇيو ڪري پيئي دانهون،
ويون قرب ڄون بند ٿي واهون.
ٿي سُڄ ويونم نگاهون،
نٿيون يار لين تنهنجون راهون،
من تون ئي اچين ڪو پاهون.
ٻُڌي "شاهين" سڏڙا دانهون،
ڪٿي دل ڄون ڦهري ڪراهون.
من کهل پوي توکي ڪائي الا،
وڃي جگر هٿئون ٿو ڄائي.
(نور شاهين)

# شاعري

## گلبدن جاويد



### مُجاور

تنهنجي شهر مان گذرندي
بي خودي مان قدم
تنهنجي نگريءَ ۾ وٺي آيا:
پُرفضا گهٽي ۾،
تنهنجي گهر جي
سُرمئي در تي،
لڳل تختي تي:
لکيل تنهنجو نالو
الاءِ! ڇو؟
مون کي،
منهنجي قبر تي
لڳل ڪتبي تي،
اُڪريل
منهنجي وياڪل ۽ اڌوري
نالي وانگر
محسوس ٿيو
پر مون اُن کي
مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو:
ڇو جو مان ته
ڪروڙين جنمن کان
عورت هجڻ جي ناتي
جيئري دفنائي وئي هُيس
جلائي وئي هيس،
بلي چڙهائي وئي هُيس
۽ هن صدي ۾:
پيار ڪرڻ جي ڏوهه ۾
ماري وئي آهيان:
انڪري:
ايندڙ زمانن جي
تاريخ ۾:
منهنجي قبر درد جي علامت
۽ ڪتبي تي
اُڪريل
منهنجو نالو
عشق جي علامت
بڻجي رهجي ويندا!
پر توکي
جيئڻو پوندو
منهنجي روح
جي تسڪين لاءِ!
ڇو ته
توکي زنده رکڻ لاءِ
مون مرڻ قبوليو آهي!
منهنجي زندگي
تو وٽ امانت
رکيل آهي
مان ڄاڻان
ٿي ته تون 'امين' آهين
تڏهن ئي منهنجي زندگيءَ
جي پارت اٿئي!
ڏس، تنهنجي خاطر،
تنهنجي گهر وٽان
سُرمئي در وٽان
مان خالي هٿين موٽان پئي
جڏهن ته منهنجي دل
گذريل ڪيترن جُڳن کان
انهيءَ گهر اندر
گروي رکيل آهي
جيڪا جيون ڏيئي به
آزاد ڪرائي نه سگهيس
۽
هر دفعي هتان موٽندي
دل جي سرزمين تي
هڪ نئون سُور

نجمه پنهور



## غزل

دل ٿي چاهي اوهان جي نظر ۾ رهان،
سونهن جي، سچ جي مان اثر ۾ رهان.

مون کي ڪين گهر ڪوئي ٻيو ٿو ڪپي.
سدا تنهنجي دل جي ئي گهر ۾ رهان.

اهوئي منهنجي ڀاڳ لاءِ ڪافي آهي،
اوهان جي نظر جي سحر ۾ رهان.

مون کي منهنجون خاموشيون ڏاڍيون وڻيون،
اڪيون وڃهي گهر جي مان در ۾ رهان.

اها کهڙي سڏبي حياتي وري،
سڄو وقت پنهنجي اندر ۾ رهان.

”نجمه“ تنهنجون خوبيون ڪوڙ ڪوڙ،
انهيءَ جي ڳولا لاءِ سفر ۾ رهان.

## غزل

سارا ڏوهه بخشائڻ ايندس،
يارن کي پرچائڻ ايندس.
بسنت رُت ۾ تڙپي پوندس،
پوءِ به ٿهڪ لڳائڻ ايندس.
خوشيون ڏک جو ڪجهه هوندو،
پيارن ۾ ورهائڻ ايندس.
گيت لکي مان گهوٽن تي،
جذبن کي جاڳائڻ ايندس.
ڪوبه نه هوندو واٽن تي،
واٽن کي سجائڻ ايندس.
سچ چا آهي مورڪ ماٺهو،
توکي سو سمجهائڻ ايندس.
تنهنجي ڪلهي مٿو لاڙي،
سارا لڙڪ وهائڻ اينهس.
گل گيت ڪٺي مان نڪري،
دَر دَر سڀ ورهائڻ ايندس.

## غزل

ڏاڍا سدا ڪين ڪي رهندو،
ظلمُ هڪ ڏينهن نيٺ ته کُٽندو.

ڪاريءَ رات جي ڪُک مان ساجهر،
سج سُهائي بنجي اُٿندو.

جيڪو ديوار پويان آ،
هڪ ڏينهن نيٺ ته سامهون ايندو.

مون کي خوشبو مَهڪائي وئي،
خوشبو لهر کي ڪير جهليندو؟

دريا دريا منهنجون سوچون،
ڪير ڪنارو بنجي سُرندو.

تارا، چنڊ ۽ رات نماڻي،
مون سان ساٿ انهن جو هوندو.

ابرار ابڙو



## غزل

زماني کي ڇڏيوسين ۽ خُدا جي ويجهڙو ٿياسين،
محبت کي مچيوسين ۽ خُدا جي ويجهڙو ٿياسين.
نہ پٿرن لئہ پٿر ٿياسين، نہ ڪنڊن لئہ ڪنڊا ٿياسين،
گُلن سان مَنُ گڏيوسين ۽ خُدا جي ويجهڙو ٿياسين.
ٽڙياسين، ٽاڙياسين پر وري ڏگ تي اچي وياسين،
نئون رستو لڌوسين ۽ خُدا جي ويجهڙو ٿياسين.
اکين اندر عبادت جي سهيڙي جُستجُو هر دم،
پرين دل سان پڙهيوسين ۽ خُدا جي ويجهڙو ٿياسين.
مَڪان جا پنڌ پهچي ويا اچانڪ لامَڪان تائين،
عجب ڪو عشق ڪيوسين ۽ خُدا جي ويجهڙو ٿياسين.

## غزل

پاڻ نہ ملنداسين، جو ملڻائي ناهيون،
واريءَ جون ديوارون ڇا جي لئہ ناهيون؟
جڻ تہ حياتي رستن جي آڪاڻي آ،
گهر کان نڪري جاڏي ڪاڏي ٿا ڪاهيون.
جاڳياسين تہ فضا ۾ شور نظر آيو،
جاڳڻ ڪانپوءِ ڪڏهين ڪونہ سُتا آهيون.
روشن آئيندي جو خواب اکين ۾ آ،
چنڊ اکين ۾ آ ۽ سج کي ٿا چاهيون.
ڪيئن سُڃاڻينداسين رب جي رمزن کي،
پاڻُ سُڃاتو ئي ناهي تہ اسان چاهيون!

ياسين چانڊيو



## غزل

ڪٽي نظرون نهاري ٿي، ڪٿي منظر ڪُسجن ٿين ٿا،
پرينءَ جي سونهن جا جلوا، فضائن کي چريو ڪن ٿا.

ڍڪيل زلفن سان چهرو آ ڪيون ديدار ڪئن جانان،
پري ڪر زلف چهري تان، اسان جا نيڻ تڙپن ٿا.

ڇڏين ٿي ٽهڪ تون چوڙي نہ ٿئي احساس ڪو توکي،
تہ تنهنجا ٽهڪ هي ڪيڏو اثر ماحول تي ڪن ٿا!

ٻڌين ٿي پير ۾ پايل ڪرين ٿي مست موسم کي،
اهي آواز ڇم ڇم جا، بهارن کي نچائن ٿا!

لٿي وهنجڻ لئہ پاٽيءَ ۾، لڳي وٺي باهہ لهرن کي؟
پکي وينل جي پاٽيءَ ۾، ڏٺي پڙڪا اڏامن ٿا.

غزل "ياسين" جو آهي پئي تنهن کي ٿي جهونگاري
پيا گلڙا بہ ڪن وَهہ، واهہ ۽ پوپٽ گنگنائن ٿا.

## غزل

تون نہ آهين اداس ٿي ويوهان!
سچ تہ ڏاڍو نراس ٿي ويوهان!

عشق باريو بنيءَ جي باهہ جيان،
مان پچي هاڻ راس ٿي ويوهان.
عشق جي امتحان ۾ وينس،
هن ٻڌايو تہ پاس ٿي ويوهان.

احمد گل جوڻيجو

## غزل

پھريون پھريون پيار اکين جو،
سونهن پريو سنسار اکين جو.

دل سان دل جو ناتو وهوا!
اڳ ۾ ٿيو اقرار اکين جو.

محبت وارو مور نہ ٽٽندو،
سڪ جو هي سهڪار اکين جو.

نيڻن دل سان جيڪو جوڙيو،
واهه وڻيو وهنوار اکين جو.

ريءَ ڪجل ۽ سُرمي سهڻيون،
ڪر نہ گهٽو سينگار اکين جو.

پھريون ....... جو ديدن وارو،
وسريو ناهي وار اکين جو.

”احمد“ توکي گل ٿو ارپي،
الفت جو اظهار اکين جو.

## سچل سائين

سنڌڙي جو سينگار سچل،
عشق، وفا ۽ پيار سچل.

سچل سچ جي واٽ ٻڌائي،
هر هڪ شعر ۾ وحدت وائي،
الفت جو اظهار سچل.

سچل جي درگاهه درازا،
سچل آهي شاهه درازا،
ساٿ جو آ سالار سچل.

سچل جو آ عشق الاهي.....
ناهي ٻڌ تون شملو شاهي،
عشق سندو اسرار سچل.

سچل سنڌ ۽ سنڌ سچل آ،
جهانگيئڙن جي جند سچل آ،
قوم جو آ ڪردار سچل.

”احمد گل“ جي آس اهائي،
سنڌ سدائين سرهي سائي،
دعاگو آ دلدار سچل.



پٿر ۾ ڪاٺ تي اُڪر ڪرڻ. مختلف ڌاتن ۽ مٽيءَ جون مورتيون ۽ بوتا يا مجسما ٺاهڻ ۽ انهن تي نفيس چٽ ۽ گل ڪڍڻ. ٺڪر جي ٿانون تي سهڻا ڌاڳا ۽ خال چٽڻ ڪينواس يا ڪاغذ تي نهايت خوبصورت مصوري ڪرڻ جو هُنر 'انسان صدين کان سکيو آهي ۽ اُن ڏس ۾ پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. اوائلي تحرير جو بنياد به چٽر ڪاري سان آهي. سنڌ جي قديم آثارن جهڙوڪ موهن جو دڙو. ڪاهوءَ جو دڙو ۽ آمري جو دڙو جي کوٽائي مان مورتيون ۽ چٽن گلن وارا تمام گهڻا شاهڪار نڪتا آهن. موهن جي دڙي مان پروهت جو ۽ ٻين دڙن مان گوتم ٻڌ جا ٺڪر ۽ ڌاتو جا مجسما نهايت وڏي تعداد ۾ هٿ آيا آهن. جن مان سنڌي هنرمندن جي ڪاريگريءَ جا جوهر جرڪن ٿا. مڪلي. چنوڙي. چوکنڊي ۽ سکر ۽ ٻکر جي قبرستانن ۽ ڳاڙهي ۽ حيدرآباد ۾ ڪلهوڙن جي قبرستان ۾ پٿر تي اُڪر جي عاليشان ڪم دنيا جي ڪاريگرن ۽ هنرمندن کي مات ڏيئي ڇڏي آهي. اهڙيءَ ريت شڪارپور. حيدرآباد ۽ نصرپور ۾ پر اٽين جاين ۽ ماڙين تي زيبائتو ۽ شاندار اُڪر جو ڪم به صير ان ڪندڙ آهي. هن وقت اهو ڪم ۽ ان جا ڪاريگر ناپيد ۽ ناياب ٿي ويا آهن ۽ سنڌ جي عظيم الشان هنرمنديءَ جا قصا ڪتابن جي زيب ۽ زينت وجي رهيا آهن.

**_ الهرکيو ٻُٽ**

ڪتاب "هٿ جا هُنر" تان کنيل ٽڪرو

هوُ جي ٿيا هَرِ ڪيسَ، تنِ لڳِي ڪينَ لِباسَ سين،
وَتنِ وِلَهي ويسَ، لاهوُتِي لَطِيفُ چئي.

(شاهه لطيف)



چترڪار: سلطان چانڊيو



عبدالحفيظ قريشي



بهادر ٽالپر



شگفتہ شاهہ

نــازو
بکيلــو

حفيظ خان/پرويز



سليم سهتو

ورق بہ
ساهہ کٹن
ٽا

سدرة المنتهيٰ جيلاني

## کهاٹيون

مترجم ٻن ٻولين جي وچ ۾ ثقافتي رابطي ۽ ٻن سماجن جي وچ ۾ جذباتي ايڪتا قائم ڪرڻ جو ڪم ڪري ٿو. ترجمي بين الاقوامي طور ادب جي ترقيءَ ۾ سدائين پنهنجو ڪردار نڀايو آهي ۽ انيڪ ٻولين ۽ ٻولين جي سماجيات کي نئون جنم ڏنو آهي. اعليٰ ترجمو تخليقي تحرير جي سطح تائين پهچي ويندو آهي ۽ اصلوڪي تحرير جي عظمت کان پوءِ ٻيو نمبر ترجمي جو ئي هوندو آهي، ڇو جو ترجمو به اهو ئي ڪم ڪندو آهي جيڪو تخليقي ادب ڪري ٿو. ترجمي جو ميدان تمام وسيع آهي. علم جون شاخون ۽ تخليقي ادب جو سڀ صنفون سنڌس ئي حصي ۾ اچن ٿيون، تنهنڪري مترجم کي ڪيترن ئي قسمن جي چئلينجز کي منهن ڏيڻو پوندو آهي، جنهن جي ڄاڻ عام ماڻهوءَ کي نه آهي. جيئن ته لفظ پنهنجي ٻوليءَ جي ڪلچرل يادگيريءَ کي استعمال ڪري ٿو، اِن ڪري ادب جو ترجمو، ڪلچر جي ترجمي جي برابر هوندو آهي، جيڪو يقينن آسان نه آهي.

ترجمو ڪندڙ ساهتڪار پنهنجي تجربي مان چون ٿا ته ترجمي ڪرڻ جو عمل، ٻيهر تخليق ڪرڻ جي برابر آهي، تنهنڪري مترجم کي ٻي ٻوليءَ جي فطرت، مزاج ۽ ان جي ادبي سڀاءَ جي واقفيت هئڻ گهرجي.

**_ ولي رام وليپ**

ڪتاب "پرڏيهي ڪهاڻيون" مان ڪنيل ٽڪرو

ص 7 سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

بهادر ٽالپر

# حَسن حجم

هُن حسن حجم جي واتان پهريون ڀيرو ”بدلاءُ“ لفظ ٻڌو. حسن اهو لفظ اچاريندي ان تي ايترو تہ زور ڏنو جو هُن کي محسوس ٿيو تہ حسن ان لفظ ۾ ضرور ڪنهن نہ ڪنهن قسم جي دلچسپي رکي پيو....!! نہ تہ اڳ سنڌءِ زبان تي اهڙي قسم جو غيرمعمولي لفظ هوندو ڪڏهن بہ نہ آيو. ”بدلاءُ“ هن لفظ لاءِ بہ هڪ وسيع پسمنظر رکندڙ لفظ هو...!! اها ٻي ڳالهہ هئي تہ مَن جي ڪوٺڙي ڪوٺان ڪندي هُن جي لاشعور مان تحت الشعور ۽ پوءِ شعور جي سطح تي ڪيترائي اهم ۽ غير اهم لفظ آيا ٿي.... ۽ ويا ٿي....!! پوءِ تہ ڪيترائي ڏينهن بلڪ هفتا، مهينا ۽ سال هُو حسن حجم جي واتان ئي اهو ”لفظ“ هر هر ٻڌندو رهيو!! هُو ان ورجاءُ کان ڪڏهن بہ خفا نہ ٿيو! خفا نہ ٿيڻ واري منطق تي غور جي فرصت بہ ڪڏهن هُن کي نہ ملي، هُن کي فقط اها فرصت ميسر ٿيندي رهي تہ هُو جاچي تہ واقعي ”بدلاءُ“ ڪٿي آهي بہ يا نہ....؟!!

حسن حجم هُن جو حجائتو يار هو. ٻنهي غربت ۽ ڪسمپرسيءَ جو بار ڍوئي ڍوئي پنهنجين جوانين جون جوڳون ڏئي ڇڏيون! حسن جي حال جي هن کي سُڌ هئي ۽ حسن بہ تہ سنڌءِ سماچار کان پوريءَ ريت واقف هئو....!! هنن ٻنهي وچ ۾ فقط اهوئي رشتو هئو ۽ ان رشتي جي راهہ ۾ ڪي بہ ڪنڊا حائل نہ هئا ۽ اهوئي رشتو هئو، جيڪو ڪين ائين ڳنڍيو بيٺو هئو، جيئن ”ڳنڍيون منجهہ ڳنڍير“. هنن ٻنهي فضول ڳالهين جا فصل نہ ڪڏهن پوکيا.... ۽ نہ ئي ڪڏهن لُڻيا....!! انڪري هن کي پڪ هئي تہ حسن ”بدلاءُ“ لفظ ضرور سنجيدگيءَ مان وٺي رهيو آهي....!!

حسن جڏهن اڃا حجم نہ بڻيو هئو، تڏهن پهاڙن جي چوٽين کي تصور ئي تصور ۾ وتو تراشيندو هئو....! هن کي سُڌ هئي تہ پهاڙن جي چوٽين تي ڪيترين ئي غير اهم ٻوٽين جمي پونديون آهن. هُو اهو عمل تصور ئي تصور ۾ ڪندي جڻ ماڻهن جي مٿن تان فضول وار ڪتريندو وتندو هئو....!! هن ڏنارن کي ڏرتيءَ جا حجم سمجهي پاڻ بہ کهاڙي ڪٽي وٺن ۾ وڏي ويل فضول ڏارين کي ڪٽي ڇڏيو هئو....!! پوءِ ماڻهن هن کي هرويرو بہ ڏنار ڪوٺڻ شروع ڪيو هئو. جيڪو پنهنجين رڍن ۽ ٻڪرين لاءِ جڻ ڏاريون ڪٽيندو ٿي وتيو....!! حالانڪ هن جي هانوَ ۾ تہ هڪ هوشيار حجم بڻجڻ واري حسرت هئي!!!

حسن پنهنجي يار کي نئون نئون هيئر ڪٽنگ سيلون (دڪان) کوليندي مايوسي مان ٻڌايو هئو تہ هُن جو ”مقدر“ زندگيءَ جي ڪنهن موڙ تي مري چڪو آهي! شايد هن ڏنڌي سان اهو وري زنده ٿي سگهي! هُن حسن جو اهو جملو ٻڌي ڪيس معصوميت مان ڏٺو هئو.... ۽ ڪجهہ چوڻ گهرندي بہ نہ چئي سگهيو هئو، پر پنهنجي مٿي جي وارن تي ضرور هٿ ڦيرايو هئائين..... جڻ چوندو هجي هاڻ هنن وارن سان ويڙهاند ڪر تہ ڪو مٿل مقدر جيئرو ٿيئنئي....!!

پنهنجو مئل ”مقدر“ جيئرو ڪرڻ لاءِ هوندئن هُن زندگيءَ ۾ ان کان اڳ بہ تہ ڪيترين ئي قبرن جا ڪتبا پڙهيا هئا..... پر ڪنهن بہ قبر ۾ اهو مُڙدو ئي نہ ملي سگهيس، جيڪو هوند هُو پنهنجو مقدر مڃي سگهي ها...!! حسن جڏهن کان پنهنجو ”مقدر“ مئل سمجهڻ شروع ڪيو هئو... تڏهن کان ئي سنڌءِ گهر واريءَ مرثين جي موهہ ۾ مرڻ لڳي هئي ۽ پنهنجو رواجي زنانو لباس لاهي ڪارو پائڻ لڳي هئي...!! سندن گهر ۾ جڻ ڪائي موت جي موسم هئي.....؟!! هوندئن بہ انهن ڪارن لٽن مان ڪيترا اهڃاڻ ۽ معنائون پيون معلوم ڪري سگهجن...!! پاڙي پتيءَ وارن جو پل پل ڏکڻ لڳو تہ هيءُ ڇا.....؟!! هرڪو اندر ئي اندر ۾ اِنا للهہ.... جو ورد وظيفو پيو پڙهي!!

هُن پنهنجي گهرواريءَ کي تہ گهڻو ئي سمجهايو تہ اڃا تہ اسان جيئرو آهيان...!! مُنهنجي مُئي پڄاڻان ئي مرثيا پڙهجانءِ..... ڪارو ويس ڪجانءِ.....! تہ هن ڪاٻہ ورندي ڪانہ ڏني هئس. البت ڏانهس ڏسندي آلا نيڻ ئي آڇيا هئس....!! انهن نيڻن مان حسن جڻ پنهنجي ئي ڪهاڻي پيئي پڙهي....!! اها

پريم چند/شگفته شاهه

# روپ بهروپ

**زال:**

آءٌ حقيقت ۾ بدنصيب آهيان نه ته مون کي روز ايڏا نفرت ڏياريندڙ منظر ڇو ڏسڻا پون؟ افسوس ته ان ڳالهه جو آهي ته مون کي رڳو ڏسڻا ئي نٿا پون، پر بدنصيبيءَ انهن کي منهنجي زندگيءَ جو خاص جزو بنائي ڇڏيو آهي. آءٌ ان اعليٰ ظرف برهمڻ جي ڌيءَ آهيان جنهن جو احترام هندن جي وڏن وڏن سوسائٽين ۾ ڪيو ٿو وڃي. جنهن کي اڄ مذهب جو ٿنڀو سمجهيو ٿو وڃي. مون کي ياد نٿو اچي ته مون گهر ۾ وهنجڻ ۽ پوڄا ڪرڻ بنا وات ۾ پاڻيءَ جو هڪ ڍُڪ به وڌو هجي. مون کي هڪ پيرو بخار سبب وهنجڻ بنا مجبوريءَ ۾ دوا پيئڻي پئي هئي. جنهن جو رنج مون کي ڪيترن مهينن تائين رهيو. اسان جي گهر ۾ ڌوٻي قدم رکي نه سگهندو هو. ڀنگياڻيون ته دالان ۾ به ويهي نٿي سگهيون ۽ موچين جي ٻارن سان ته راند ڪرڻ کان به مون کي سخت نفرت پئي ٿيندي هئي، پر هتي اچي آءٌ ته جڻ ظلمت ڪدي ۾ اچي وئي آهيان. منهنجو مڙس تمام گهڻو رحم دل، خوش اخلاق ۽ قابل انسان آهي. سندن اهي گڻ ڏسي ئي منهنجو پيءُ مٿس موهت ٿيو هو، پر افسوس! ڪين ڪهڙي خبر هئي ته هيءُ ماڻهو ايڏا لا مذهب آهن. عبادت ڪرڻ ته نهيو، پر هتي ته ڪوبه روز وهنجندو به ڪونهي. ڪمري ۾ سدائين مسلمان ۽ عيسائي اچن ٿا ۽ هو اتي ويٺي ويٺي ئي پاڻي، چانهه ۽ کير پيئندا وتندا آهن ۽ ايترو ئي نه، پر اتي ويٺي ويٺي مٺايون به کائيندا آهن. اجان ڪالهوڪي ڳالهه آهي ته مون کين ليمنڊ پيئندي به ڏٺو هو. سائيس جيڪو بيمار آهي سو بنا روڪ ٽوڪ گهر ۾ اچي ٿو ۽ بوريءَ مان چٽا ڪٽي هليو ويندو آهي. اهي بدعنوانيون مون کان سَنيون نٿيون ٿين ۽ منهنجي طبيعت بگڙجي ٿي وڃي. جڏهن هو مرڪندا مون ڏانهن ايندا آهن ۽ منهنجو هٿ پڪڙي مون کي پنهنجي ويجهو ويهاريندا آهن ته منهنجي دل چوندي آهي ته هيءَ زمين ڦاٽي پوي ۽ آءٌ ان ۾ سمائجي وڃان. پنهنجي ان ذلت تي پنهنجي ان نامعقول طرزِ زندگيءَ تي منهنجون اکيون رت جا ڳوڙها وهائينديون آهن.

اف! هندو قوم! تو اسان عورتن کي ايڏو ڪمزور ناهيو آهي. ڇا پنهنجي مڙس جي ڪنيز بنجڻ ئي اسان جي زندگيءَ جو پهريون فرض آهي. ڇا اسان جي خيالن، اسان جا ارادن ۽ اسان جي فرضن جي ڪابه قيمت ڪونهي.

هاڻي مون کان صبر نٿو ٿئي. اڄ آءٌ ان صورتحال جو فيصلو ڪري ڇڏڻ ٿي چاهيان. آءٌ هن بلا کان ٻاهر نڪرڻ ٿي چاهيان. هيءَ شرمناڪ زندگي هاڻي مون کان هڪ پل به سَني نٿي ٿئي. مون پنهنجي دامن ۾ پناهه وٺڻ جو ارادو ڪري ڇڏيو آهي. اڄ هتي دعوت پئي ٿئي. منهنجو مڙس ان ۾ صرف شامل ئي ڪونهي، پر ان جي خاص محرڪن ۾ آهي. هنن جي ڪوشش ۽ مرضيءَ سان هن غير مذهب بدعت جو ظهور ٿيو آهي. مختلف مذهبن جا ماڻهو گڏ ويهي ماني کائين پيا. ٻڌجي پيو ته مسلمان به هن قطار ۾ ويٺل آهن. آسمان ڇو نٿو ڪِري پوي؟ ڇا ڀڳوان هاڻي مذهب جي حفاظت لاءِ اوتار نه لاهيندو؟ ڇا ان کان گهڻو به مذهبي توهين جو اندازو ڪري ٿو سگهجي؟ برهمڻ ذات پنهنجن خاص پاڻن ڪانسواءِ ٻين برهمڻن جو هٿ لڳل ڪاڌو به گوارا نه ڪندي آهي. سا معزز قوم هاڻي ايڏي پَستيءَ ۾ ڪِري چڪي آهي جو ڪائسٿن، ٻَنيَن ۽ مسلمانن سان گڏ ويهي ڪاڌو کائڻ ۾ عيب نٿي سمجهي بلڪ ان ڳالهه کي قومي عروج ۽ قومي اتحاد جو سبب سمجهي ٿي!

**مڙس:**

اهو ڪهڙو مبارڪ وقت هوندو جڏهن هن ملڪ جون عورتون تعليم جي زيور سان سنگهاربيون؟ ۽ قوم کي هڪ ڪرڻ ۾ مردن جو ساٿ ڏينديون؟ هي مذهبي تنگ خياليون ڪڏهن مُنجنديون؟ اسين ڪيستائين برهمڻ ۽ غير برهمڻ جي قيد ۾ ڦاٿل

ذات وارن عورتن ۾ اٿي ويهي، ڪلي ڳالهائي، ڪين ڪجهه پڙهي ٻڌائي، پر انهن پنيان پنهنجو پاڻ کي صفا وڃائي ڇڏڻ مون ڪان سَنو نه ٿيندو.

ٻي ڏينهن ٿيا هوندا جو مون وٽ هڪ موچي پنهنجي زميندار جي ظلمن جو روئڻو ڪٿي آيو. بيشڪ زميندار هن سان سختي ڪئي هئي، پر وڪيل ڪيس مفت ۾ ته نٿو ڪري سگهي ۽ ڇا وري هڪ نيچ ذات جي ماڻهوءَ خاطر هڪ وڏي زميندار جي دشمني ڪٽندس ايئن ڪيم ته پوءِ وڪالت به ٿي. سندس فرياد جو آواز برندا جي ڪن ۾ به پيو سو منهنجي پويان اچي پئي ته سندس ڪيس ضرور ڪٺان ۽ بحث مباحثو ڪرڻ لڳي. مون حيلا بهانا ڪري ڪيس ٽارڻ چاهيو، پر هنُ مون کان وڪالت نامي تي صحيح ڪرائي ئي ورتي جنهن جو اهو نتيجو نڪتو جو انهن ٻن ڏينهن ۾ مون وٽ اهڙن مفت خورن جا ڪيئي ڪيس آيا ۽ نيٺ مون کي سختي سان برندا کي دڙڪا ڏيڻا پيا. اهوئي سبب آهي جو بزرگن عورتن کي مذهبي مسئلن جي تلقين جي قابل نه سمجهيو جو اهو به نه سمجهنديون آهن ته هرهڪ اصول جو عملي شان ڪجهه ٻيو هوندو آهي. هرڪو اهو ڄاڻي ٿو ته خدا عادل آهي، پر هن جي عدالت پويان پنهنجي ماحول کي وسارڻ نه گهرجي.

جيڪڏهن وحدة الوجود جي مسئلي تي عمل ڪيو وڃي ته تمام دنيا ۾ امن ۽ عافيت ٿي وڃي، پر اهو فلسفو فقط هڪ اصول ئي رهندو ۽ اسان جي سماجي نظام جي هڪ اڻ ٿيڻي تمنا. هن وقت اسين مسئلن جو ذڪر ڪندا آهيون. انهن تي مناظرا ڪندا آهيون. اصولن جي حمايت ڪندا آهيون ڇو جو عوام جي نظر ۾ وقار حاصل ڪرڻ لاءِ اسين انهن جي مدد وٺندا آهيون، پر اصولن تي عمل ڪرڻ ناممڪن آهي. مون کي ناهي خبر ته برندا ايڏي معمولي ۽ ظاهر ڳالهه به ڇو نٿي سمجهي.

برندا جو رويو هاڻي برداشت جي قابل نه رهيو آهي. اڄ سيني لاءِ هڪجهڙو ڪاڏو ناهيو ويو. هيستائين فقط گهر جي خاص ماڻهن لاءِ سنها چانور رڌبا هئا ۽ پاڃيون گيهه ۾ نهنديون هيون. کير، مکڻ ۽ ميوات وغيره گهرايا ويندا هئا ۽ نوڪرن لاءِ ٿلها چانور، تيل ۾ نهيل پاڃيون ۽ مَٽرن جي دال رڌبي هئي. انهن کي کير، مکڻ وغيره نه ملندا هئا. اهو دستور وڏن وڏن رئيسن وٽ به قديم زماني کان هلندو پيو اچي ۽ مون ڪا نئين ڳالهه ڪانهي ڪئي نه ئي نوڪرن ڪڏهن ڪا شڪايت ڪئي، پر اڄ نوڪرن به ساڳيا ڪاڏا ڪاڏا آهن، جيڪي گهر وارن ڪاڏا آهن. آءٌ ته ڪجهه چئي ئي نه سگهيس. بس وات ڦاٽي ويم. برندا جو خيال آهي ته مانيءَ ۾ فرق رکڻ نوڪرن سان ظلم آهي. ڪيڏي نه ٻاراڻي ڳالهه آهي. هيءَ پنهنجي برابري واري ڏُڌن ۾ ننڍي وڏي جو فرق مَٽائڻ ٿي چاهي. اڙي بيوقوف! اهو فرق سدائين قائم رهندو. آءٌ به ملڪي اتحاد جو حامي آهيان ۽ سڀ تعليم يافته ۽ سڄاڻ ماڻهو ان ٻڌيءَ تي ساهه ڏين ٿا، پر ڪو سپني ۾ به اهو نٿو سوچي ته هنن مزورن، هارين ۽ خدمت گارن کي برابري جو حق ڏنو وڃي. اسين انهن ۾ تعليم پکيڙڻ ٿا چاهيون ۽ ڪين غربت مان ڪڍڻ ٿا چاهيون جو اهڙي هوا ساري جهان ۾ پکڙيل آهي، پر ان ڳالهه جي اصليت ڇا آهي؟ اها خبر اسان جي دلين کي آهي پوءِ ڪٿي ان جو اظهار نٿو ڪيو وڃي. ان جو اصل مقصد آهي ته ملڪ ۾ اسان جو وقار قائم ٿئي، اسان جي حلقي جو اثر پکڙجي، اسين پنهنجن حقن جي ڪاميابيءَ سان جدوجهد ڪري سگهون ۽ اسان کي اهو چونڊ جو موقعو ملي وڃي ته اسان جو آواز صرف تعليم يافتن لاءِ ڪونهي- پر سڄي قوم جو گڏيل آواز آهي. برندا ته ايترو به نٿي سمجهي.

**زال:**

ڪالهه منهنجي مڙس جو ارادو ظاهر ٿيو. ان وقت منهنجو اندر ڏڪي ٿي ويو. اي خدا! دنيا ۾ ايڏي نمائش آهي! ماڻهو ايڏا خود غرض آهن. ايڏا ظالم آهن! اهو ڏکوئيندڙ تجربو ڪالهه مون کي ٿيو. آءٌ جنهن نصيحت کي ٻڌي پنهنجي گهرواري کي ديوتا سمجهڻ لڳي هيس ۽ مون کي فخر محسوس ٿيو ته مون کي پنهنجي نفس مطمئن جي خدمت گذاري جو موقعو حاصل آهي ۽ اها منهنجي مقدر جي خوبي

حفيظ خان/پرويز

# نـــازو بڪيلـو

نازو بڪيلو مختيارڪار جي آفيس ۾ پٽيوالو هو. چار فوٽ قد، بدن جو مٿيون حصو وڏو ۽ ٽنگون ننڍيون. ڳچي سنهي ۽ ڊگهي، نڙگهٽ جو اُڀار ايتري قدر ٻاهر نڪتل، جهڙوڪر پُراڻي سوڊا جي بوتل ۾ ڦاٿل شيشي جو ٻلور، مِنُون چپڪيل، نڪ تازي ميهي جهڙو، جنهن جي هيٺان مختصر مُڇون، سنوارت ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪانہ ٿيندي هئي، ڇو جو چاليهن سالن جي عمر ۾ بہ ڪيس ڏاڙهي ڪانہ آئي هئي. سمورو زور لڳائڻ بعد بہ رڳو ڏاڙهيءَ وٽ بہ ٽي ڏين جي ڪانين جهڙا وار اهڙي طرح نڪتا هئا، جيئن مڪائيءَ جي سنگن جا وار نڪرندا آهن. هيٺ ڪان مٿي تائين نظر ٻوڙائبي تہ سندس جسم ۽ آرڪاٺا سُڪل موريءَ جهڙا ٿي لڳا.

نازو... انهيءَ عمر ۾ بہ پاڻ کي لش پش ٺاهوڪڙو جوان پيو سمجهندو هو. غضب جو ڦُڙتيلو، چالاڪ ۽ هوشيار. آفيس جي ماڻهن جي چوڻ مطابق، اصل ۾ پاڻ ڏهہ فُوٽو هو، پر رڳو چار فوٽ زمين ڪان ٻاهر نڪري سگهيو باقي ڇهہ فوٽ زمين ۾ ئي ڪٽي رهجي ويو. نازو هميشہ بوسڪيءَ جي قميص ۽ ڪلف ڏنل هِرڪَ جي سلوار پائيندو هو. رومال کي ڊيگهہ ۾ ويڙهي قميص جي ڪالر جي اندران لڳائيندو هو ۽ ايمبيسي سگريٽ کي ساڄي ڪن جي پٺيان ايئن فِٽ ڪري ڇڏيندو هو جيئن لانچنگ پيڊ تي راڪيٽ. هُو قميص جو سڀ ڪان مٿيون بٽڻ اهڙي طرح بند رکندو هو جو ڏسڻ وارن کي سندن ساهہ گهٽبو محسوس ٿيندو هو. پيرن ۾ ڪارو جُتو، جنهن جي ڪُڙين ۾ ٽوپين وارا ڪوڪا اهڙي طرح لڳرائيندو هو تہ جيئن ڪڙيون گسي نہ وڃن... پر اِها ٻي ڳالهہ تہ ايندي ويندي سندس پيرن جي ڳِسڪِ ڳِسڪِ جي ڪري پري ڪان ئي سندس اچڻ جو اطلاع سڄي آفيس کي پهچي ويندو هو.

نازو... پهرئين نمبر جو ٽيڳر باز، غضب جو ڏٽائي ۽ قرآني ڪوڙو، گپ باز بہ اهڙو جو جتي وينو تِتي چُٽو! کهڙي بہ ڳالهہ هجي، زمين ۽ آسمان ملائي هڪ ڪري ڇڏيندو. ڳالهين ۾ وڌاءُ ۽ ڪوڙ ايترو جو ڏرتيءَ جو سڙي وڃڻ معمولي ڳالهہ هوندي آهي، سندس لاءِ پُورَل گُنڪي جي چانهہ جي ڪينٽين تي شام جو سوير ئي سندس ڪچهري لڳندي هئي... ملائي مليل چانهہ ساسر ۾ لاهي ايئن ڊگهي سُرِڪَ پريندو هو جو پري پري تائين سندس سُرڙاٽ جو آواز پڪڙجي ويندو هو. جيئن جيئن چانهہ جي لذت وڌندي هئي، تيئن تيئن نازوءَ جي ڪچهري گرم کان گرم تر ٿيندي ويندي هئي. تعلقي جي هيڊ منشيءَ ڪان وٺي ٿاڻي جي وڏي صوبيدار (S.H.O) تائين ۽ مئجسٽريٽ ڪان ويندي اسسٽنٽ ڪمشنر تائين جون روزمره جون خبرون بحث هيٺ اينديون هيون: صبح جو نيرن ۾ ڇا کاڌائون ۽ منجهند جو ڇا! اڄ رات جو ڇا ڪاڻو آهي. وڏي مختيارڪار جي زال تہ وڏي آڙيڪاپ آهي، ڪيس چُرڻ بہ نہ ٿي ڏي. آسانيءَ سان سنوت نہ ڪري تہ ويچاري کي موچڙي مار ڪرڻ ڪان بہ نٿي گُسي.

هِن صوبيدار کي تہ ڪير سمجهائي، هرويرو ذليل ٿيندو. رشوت تہ ٻنهي ڌُرين ڪان وٺي ٿو، پر ڪم ڪنهن جو بہ نٿو ڪري. اِن ڪان اڳ وارو ڏاڍو ڀلو ماڻهو هو، پنج وقت جو نمازي، مصلي جي هيٺان جيڪي ڪجهہ رکي ڇڏيو، شڪر الحمدلله پڙهي کڻي ورتائين... نہ گهڻو لوڀ، نہ گهڻي لالچ ۽ ڪم بہ ڦٽافٽ.

نہ ڙي بابا نہ... نئين صوبيدار جو تہ ذڪر بہ نہ ڪجو. خدا ڪيس غرق ڪري، پڪو جهنمي آهي... نہ شريف ٿو ڏسي نہ بدمعاش، نہ ملازم نہ زميندار.

نازو... پنهنجي ڪرسيءَ تي اُڀ ڪُڙين ويهي، پنهنجي خاص انداز ۾ لفظن جي جادوگري اهڙي طرح ڏيکاريندو جو ماڻهو ڪلاڪن جا ڪلاڪ وات ڦاڙيو ويٺا سندس ڳالهيون ٻڌندا رهندا هئا. تعلقي جي ننڍي وڏي آفيسر جا تہ پول پڌرا ٿي پوندا هئا، پر نازوءَ جي واهہ واهہ ٿي ويندي هئي تہ هيءُ جوان جو پُٽ هر

سليم سهتو

# اڄ پڻ اکڙين...

هڪ ڪيس جي تياريءَ جي سلسلي ۾ پرھ ڦٽيءَ ڏاري ننڊ مان بيدار ٿيس. دريءَ کان ٻاهر نهاريم، ڦڙ ڦڙ پئجي رهي هئي، جسم کي ٿوري ٿڌ محسوس ٿي. ڪمري کان ٻاهر نڪري، نوڪر جي ڪمري ڏانهن ويس. ڪيس ننڊ مان اُٿاري چانهه ٺاهي ڏيڻ جو چئي پنهنجي ڪمري ڏانهن موٽي اچي، آرام ڪرسيءَ تي ويهي ڪيس جي فائيل کي پوري ڌيان سان پڙهڻ لڳس. ڪجهه دير ڪانپوءِ نوڪر چانهه کڻي آيو. چانهه جو ڪوپ ڏيندي چيائين ته: ”سائين ٻاهر توهان سان هڪ نوجوان ملڻ آيو آهي.“ مون حيرت مان پڇيو: ”هن وقت!“

نوڪر ورائيو: ”ها سائين، چئي پيو ته ڏاڍو ضروري ڪم آهي.“ مون نوڪر کي چيو ته، هو هن کي ملاقاتين واري ڪمري ۾ ويهاري. اهو چئي ٽوال کڻي باٿ روم ۾ گهڙي ويس. وهنجڻ دوران منهنجو ذهن ان نوجوان جي باري ۾ سوچيندو رهيو ۽ ذهن ۾ مختلف سوال گردش ڪندا رهيا. ”ڪير ٿي سگهي ٿو؟ جيڪو پرھ ڦٽيءَ جي وقت آيو آهي. جنهن صبح ٿيڻ جو بہ انتظار نہ ڪيو منهنجي اصيل جو پٽ! پر نہ، هو نٿو ٿي سگهي ڇاڪاڻ تہ ان کي مون آفيس ۾ ملڻ لاءِ سڀاڻي ستين وڳي جو وقت ڏنو هو.

وهنجي تيار ٿي ملاقاتين جي ڪمري ڏانهن ويس. ڪمري ۾ گهڙيس تہ نوجوان کي ڪرسيءَ تي ويٺل ڏٺم. سندس پٺ در ڏانهن هئي. منهنجي قدمن جي آواز تي ڪرسيءَ تان اٿي در ڏانهن نهاريائين ۽ سلام ڪيائين. مون سندس سلام جو جواب ڏنو ۽ ساڻس هٿ ملايم. مون کي سندس مهاندا ڄاتل سڃاتل لڳي رهيا هئا. مون کيس ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڪيو. ڪرسيءَ تي ويهڻ سان ئي هن ڳالهائڻ شروع ڪيو. ”سائين، مان شهمير جو پٽ آهيان.“ هن ايترو ئي چيو تہ مان کيس يڪدم سڃاڻي ورتو تہ اهو مراد آهي. مان ڪرسيءَ سان اٿي کيس ڀاڪر پائي مليس ۽ سندس پيءُ جي شڪايت ڪرڻ لڳس تہ: ”ڏاڍو بي وفا آهي، مون کيس لنڊن مان ڪيترائي خط لکيا، پر هن انهن جا جواب ڪونہ لکيا. بلڪل وساري ڇڏيائين.“ مون ڏٺو تہ مراد جي چهري تي ڏک جون ريکائون اُڀري آيون هيون. مراد ڏکايل آواز ۾ چوڻ لڳو تہ: ”چاچا، وقت جي ظالم هٿن مون کان پيءُ جو سهارو کسي ڇڏيو آهي، بابا کي وفات ڪئي ٽي مهينا ٿي ويا آهن. هڪ ظالم ٽرڪ واري بابا جي مٿان ٽرڪ چاڙهي کيس هميشہ لاءِ اسان کان ڇني ڌار ڪري ڇڏيو.“

شهمير جي وفات جو ٻڌي منهنجي اکين اڳيان ساڻس گهاريل وقت ذهن جي پردي تي هڪ فلم وانگر ڦرڻ لڳو. شهمير ۽ مون پهرئين درجي کان وٺي انٽر تائين گڏ تعليم حاصل ڪئي هئي، تنهن ڪانپوءِ مون تعليم جو سلسلو جاري رکيو، شهمير کي سندس گهرو حالتن وڌيڪ پڙهڻ نہ ڏنو. ۽ هو هڪ سرڪاري کاتي ۾ ڪلارڪي ڪرڻ لڳو. شهمير سان منهنجي روز ملاقات ٿيندي هئي.

ڪڏهن اسان جي پاڙي ۾ ايراني هوٽل تي ويهي چانهه جي ڪوپ تي سڄي دنيا جي مسئلن تي ويچار ڪندا هئاسين تہ ڪڏهن ڪلفٽن تي سمنڊ جي ڪناري تي پسار ڪندي خيالي قلعا جوڙيندا هئاسين، ڪڏهن وري جناح باغ ۾ ڪنهن بينچ تي ويهي خوشحال مستقبل جا سهڻا خواب ڏسندا هئاسين. مون ايل.ايل.بي جو امتحان پاس ڪري وڪالت جي پريڪٽس شروع ڪئي هئي. تنهن هوندي بہ روز رات جو اسان جي ملاقات ٿيندي هئي. ان دوران شهمير جي مائٽن سندس شادي ڪرائي ڇڏي. هُو ان شاديءَ مان خوش ڪونہ هو ڇاڪاڻ تہ سندس شريڪ حيات اڻ پڙهيل هئي ۽ هو پڙهيل ڪڙهيل ڇوڪريءَ سان شادي جو خواهشمند هو، پر مائٽن سندس خواهش کي ٺُڏي ڇڏيو. شاديءَ ڪانپوءِ هو احساس محرومي جو شڪار ٿي ويو هو. مون کيس گهڻو

سدرة المنتهيٰ جيلاني

# ورق ٻـ ساهہ ڪٽڻ تا

منهنجو سفر اُتان کان شروع ٿيو هو، جڏهن محبت کي ڳوليندي ڪنڊ ڪنڊ ۾ وڃي پهتس. احساس جون گهٽيون ايڏيون تہ سوڙهيون هيون، جو ساهہ کڻڻ بہ مشڪل ٿي پوندو هو:

احساس جي گهٽين ۾ محبت کي ڳوليندي زندگيءَ جو اِنهيلر هٿ ڪيم ۽ پوءِ صدين، سالن، مهينن، ڏينهن ۽ لمحن جا ورق محبت جي چاش ۾ ٻڏل ۽ احساس سان ڀريل هئا!

سوچيم ائين ئي سدائين محبت ورهائيندي، احساس ونڊيندي ويندس. سفر ڏاڍو تہ دلچسپ هو، پر سفر ڏاڍو مشڪل هو، ۽ ٿڪائيندڙ بہ، سو ٿڪجي ساهہ کڻي ڪنهن ويراني ۾ ليٽي پيس، ننڊ ڪٽي وئي.

خواب پنهنجي سفر ڏانهن آگر جهلي وٺي هليا ويا.

خواب ڪيڏا نہ خوبصورت هئا،
خواب ڪيڏا نہ رنگين هئا،
ڪيڏا نہ دلنشين هئا.

ننڊ مان اٿيس، خواب گڏ ڪيم، محبت ساڻ ڪيم، احساس جي گهٽين مان نڪري محبت جي معدنيات گڏ ڪري دنيا کي چار چنڊ ڏئي چمڪائڻ چاهيم ۽ سدائين چاهيم محبت جي روشنيءَ ۾ جيئڻ، محبت جي فضا ۾ ساهہ کڻڻ، زندگيءَ کي پاڻ پسائڻ، ۽ زندگي سنوارڻ، سڌارڻ ۽ چاهيو تہ گهڻو ئي ڪجهہ هئم.

محبت واٽن تي وڃائيندي پٽر هڻائيندي ويندس، ماڻهو مون ڏانهن محبت وٺڻ لاءِ وڌندا ويا ۽ خوشبو رقص ڪندي رهي.

اسان سڀ محبت جي ڏور ۾ ٻڌجي وياسين. هاڻ ڪير بہ جدا نٿي ڪري سگهيو، پر اوچتو الائي ڪهڙو حادثو ٿيو، محبت مان الائي ڇو پيٽ ڀرجي ويو، اسان جي فطرت ۾ ڏاڍي بيچيني هئي. سڀ جيڪي گڏ هلندا هلياسين محبت ساڻ ڪري ڪئين عهد ڪياسون. سمورا عهد جديد مشينن جي گوڙ ۾ وساري ويٺاسين. محبت کي هٿ جي تريءَ تي رکي ڦوڪ ڏئي اڏايوسين. خواب ننڊن کي موٽاياسين. ان ڪان پوءِ ائين ٿيو جو خواهشن ۾ وڃائجي وياسون ۽ ضرورتن تائين محدود ٿي وياسين. هاڻ هرڪو پنهنجي گهر جي ڪُنڊ ۾ هنڌ تي وهاڻي ۾ منهن لِڪائي، اڪيلو اڪيلو ڳوڙها وهائي ٿو. هر سڏڪو نڙي ۾ اٽڪي بيهي رهي ٿو. هڪ گهر ۾ رهڻ وارا هڪٻئي ڪان بي خبر ٿي رهن ٿا. زندگي رساڪشي، پيچ ڌاهہ جي وچ ۾ ڇڪجي رهي آهي. پراڻو وقت ياد ڪرڻ جو وقت بہ نہ ملندو. مشينن ۾ دليون جو وڃايون اٿئون.

ڪڏهن پاڻ کي وڃائي سمهي پونداسين. ان ڪان پهرين جو نئون نسل خواب ڏسڻ ڪان محروم ٿي وڃي، محبت جو احساس مري وڃي، ۽ احساس جون گهٽيون بيهر سوڙهيون ٿي پون، محبت جو انهيلر ملي نہ سگهي. فضائن مان آڪسيجن گُٽي پئي، سوچيان ٿي جديد مشينن جي وچ ۾ محبت جا احساس لڪي لڪائي رکان، انڪري ئي چوان ٿي تہ جديد مشينن جي گوڙ ۾ رهڻ وارا ماڻهو، جڏهن بہ توهان جون سماعتون ٻوڙيون ٿيڻ لڳن، تہ ڪوئل جي ڪوڪ کي ڳوليندا ويرانن ۾ وڃي نڪرجو. جڏهن بہ اڪيون

## بورڊ جو نئون ڪتاب





ڊاڪٽر مخمور بخاري



آزاد قاضي

مخدوم
محمد صالح
يتي هالا پراڻا
جو گوهر

ڊاڪٽر ممتاز بخاري

# متفرقه

ڊاڪٽر مخمور بخاري

# هالا جي نعتيہ شاعري

## تاريخ ۾ جهاتي........

سنڌ جي قديم شهرن ۾ هالا جو تذڪرو بہ لڳ ڀڳ ڇهہ سؤ سالن جي عرصي کان اڳاٽو تصور ڪيو وڃي ٿو. شهر جڙندا آهن ۽ پنهنجو جوڀن جواني گذاري تاريخ جو حصو بڻجي ويندا آهن. شاندار روايتون ئي ڪن ڪن شهرن جي سڃاڻپ هونديون آهن. جنم ڀومي سان انسيت بہ فطري ٿئي ٿي، هالا سان منهنجو تعلق بہ اهڙو ئي آهي. هن شهر جي سڃاڻپ جا ڪيترائي حوالا اڄ بہ ان طرح موجود آهن، جنهن طرح اهي ڪالهہ موجود هئا؛ تہ هن شهر جا ڪي باب اڄ اسان خبر ناهي تہ ڇو وساري ڇڏيا آهن. اڄ هي سٽون لکڻ کان پهرئين مون مٿي هڪ عنوان قائم ڪيو آهي "تاريخ ۾ جهاتي" هي عنوان ماضي جا ورق ورائڻ ۽ ڪالهہ جي آئيني ۾ پنهنجو عڪس ڳولڻ جي مون پاران هڪ ننڍي ڪوشش آهي. اڄ بہ مسلم دنيا ۾ محبوب خدا آخري نبي زمان حضرت محمد ﷺ جن جي ولادت باسعادت کي سڀاوند تسليم ڪيو وڃي ٿو. محبوب خدا جي آمد بلاشڪ سموري عالم انسانيت لاءِ مسرت جي نويد هئي. هالا جي نامياري محقق، عالم ۽ شاعر مخدوم صالح پٽي جي نعت جون سٽون ذهن ۾ ترن ٿيون:

عرب هو جهالت ۾ تاريڪ جڏهن،
نبي پاڪ نورالهديٰ بنجي آيو.

سو ان نسبت سان اڄ هالا جي ڪن اهم معتبر، مصروف ۽ غيرمصروف شاعرن جي نعت گوئي جو ڪجهہ تذڪرو هنن سٽن ۾ ڪرڻ مناسب لڳي ٿو ڇاڪاڻ جو مان اڳ بہ لکي آيو آهيان تہ هن شهر جي سڃاڻپ جا ڪي باب اڄ اسان وساري چڪا آهيون

نعت تہ ڙي مولود بنيادي طرح شاعري جي ڪا صنف ناهي، بلڪ هي هڪ موضوع آهي جيڪو شاعري جي ڪنهن بہ صنف ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو. گهڻو ڪري مولود يڪي يا بيٺي ڪافي جي صورت ۾ چيا ويندا آهن، پر ان کان سواءِ بہ مختلف فارم ۾ مولود جو موضوع آندو ويو آهي، جڏهن تہ نعت خاص طور غزل جي هيئت ۾ چئي وڃي ٿي، پر اها بہ ڪا حتمي صورت ناهي، نعتيہ بيت، قطعا، چؤسٽا ۽ ڪافيون بہ چيون ويون آهن. مولود ۾ خاص طور حضوراڪرم ﷺ جي ولادت واري ڳالهہ بيان ڪجي ٿي تہ نعت ۾ آقا دوجهان جي صفت، ثنا، ساراهہ بيان ڪئي وڃي ٿي.

سنڌي ڪلاسيڪي شاعري ۾ بيت وڏي اهميت رکي ٿو. بيت جي ئي صورت ۾ ابتدائي سنڌي نعتيہ شاعري ملي ٿي. ميون عيسيٰ جنهن کي اسان هالا جو شاعر تسليم ڪيون ٿا. هن شاعر بابت ڪا خاطر خواهہ تحقيق نہ ٿيڻ سبب ڪيس ملاڪاتيار طرف دفن ٿيل ٻڌايو وڃي ٿو، جڏهن تہ حقيقت ان کان مختلف آهي. ميون عيسيٰ بابت تفصيل ڳالهہ ٻولهہ تہ ڪنهن ٻئي پيري ڪنداسين، پر ايترو ضرور چئبو تہ هي شاعر هالا ۾ ئي دفن ٿيل آهي. سندس بيتن جي رسالي مان ڪجهہ اهڙا بيت پيش ڪجن ٿا جن ۾ حضرت محمد ﷺ جن جي ثنا، صفت ۽ انهن سان عقيدت ۽ محبت جو ذڪر موجود آهي:

رات سهائي، ڀُون سنئين، نہ ڪا آڏي اڏ،
لا اله الا الله، ٻيا ڇڏ، جُڏ وُٺَنَ جَڏ،
محمدً رسولُ الله ٿِي، گرهر انهين گڏ،
جو سڄڻ ڪيو سَڏ، ٿو اُماٽي اڀوجهيون.
جَڳ سيڪڙو جنهن جو، سو سڄڻ ڏٺائون،
سين پَسَڻُ پاڪيزي پرين، جي پُٽين مُدعائون،
حمد ثناءُ سائين جو، ڪوڏان ڪيائون،
چٽيون چيائون،. صلواتون سرور اتي.

سنڌي ادب ۾ مولود جي جنهن شاعر باقائده شروعات ڪئي اهو آهي هالا پراڻا سان تعلق رکندڙ

وقت نزع هجي شل ”صلي عليٰ“ زبان تي
اِن پر لڏي هتان هي ”ارشد“ غلام تنهنجو.

هالا جي هن ادبي اتهاس مان ڪيترن شخصيتن جو ذڪر هت ڪجي؟ انهن جي نعتيہ سخن کي پيش ڪجي؟ منهنجي تہ هن شهر جي هر گهٽي ۾ ادب جي تاريخ جو ڪونہ ڪو ورق دفن ٿيل آهي ۽ بحيثيت مسلمان؛ محبوب خدا سان پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو اظهار هر شاعر ڪيو آهي، پر هنن صفحن ۾ فقط چند اهڙن فردن جو تذڪرو ڪيو ويو آهي، جيڪي وڏي علمي اتهاس جا مالڪ آهن، پر ڪين اڄ وساريو ويو آهي. اهڙوئي هڪڙو غير معروف شاعر جو تذڪرو نہ ڪرڻ بہ پڙهندڙ سان زيادتي ٿي سگهي ٿي. هالا جي پرسان پير بلاولي جي مقام ۾ ابدي ننڊ سُتل راضي فقير بہ پنهنجي نرالي شعري ڍنگ سبب اهميت رکي ٿو. راضي فقير ذات جو لاشاري هو سندس جنم بہ اتفاقاً 12 ربيع الاول 1317ھ/ 1899ع ۾ ٿيو ۽ اپريل 1964 ۾ هيءُ جهان ڇڏيائين. پاڻ شاهہ عبداللطيف سان والهانہ عقيدت ۽ محبت رکندڙ هو ۽ ان ئي اثر هيٺ راني فقير شاهہ جي رسالي جي تتبع تي 13 سو دن بيتن ۽ واين جو رسالو جوڙيو، جيڪو اڃان تائين اڻ ڇپيل آهي. هن رسالي ۾ ڪيترن ئي جاين تي نعتيہ بيت آيل آهن، جن مان نموني طور هت ڪجهہ پيش ڪجن ٿا.

جوڙي جوڙ جهان جي پاڻ ڪيائين پسند
خاوند خاص خلقيو موچارو محمدﷺ
”انا مولاڪ وانت محبوبي“ صحي چيو صمد
راهہ ونائي رند جوڙيائين جوڙ جهان جي

”وحدہ لاشريڪ لہ“ جن اُتو ڏينهن ازل
تن مڃيو محمدﷺ ڪارٽي منو مير مرسل
ان تان خوف خلل مولا مڙيئي معاف ڪيا
محبوب محمدﷺ ڪرين ٻيو مڙئي مجاز
نوراني نماز، پسڻ آهي پرين جو

هن وقت تائين هالا جي شاعرن جو تذڪرو ڪندا آيا آهيون، پر اسان کي هالا ۾ مذهبي شاعريءَ جي حوالي سان هڪ مڪمل ادبي تنظيم پڻ ملي ٿي. جيڪا هالا جي ادبي اتهاس ۾ پهرئين ادبي تنظيم جو درجو رکندڙ ’انجمن مولود النبيﷺ‘ سنہ 1916ع ۾ جڙي. هن تنظيم جا اڳواڻ هنا الحاج پيرو محمد، ’سائل‘، جان محمد ’اضعف هالائي‘، حاجي علي محمد متقي ۽ انجم هالائي، هن تنظيم جي پليٽ فارم تان هالا ۾ خاص طرح مولودن ۽ نعتن جون محفلون منعقد ڪيون وينديون هيون. هالا ۾ هيءَ پنهنجي نوعيت جي پهرين ادبي تنظيم آهي جنهن خاص هڪ مقصد لاءِ ڪردار ادا ڪيو ۽ ڏسندي ڏسندي هالا ۾ اها روايت بڻجي وئي تہ ربيع الاول جي مهيني سان گڏوگڏ شادين ۽ ٻين خوشين جي موقعي تي خاص طور مولود ۽ نعت جون محفلون منعقد ڪيون وينديون هيون ۽ اهو اثر گهڻو عرصو هالا ۾ موجود رهيو.

تاريخ ۾ جهاتي پائڻ سان اسان کي سنڌ جي هڪ قديم علمي مرڪز هالا جو هڪ منفرد عڪس نظر آيو آهي، جنهن ۾ ان فطري جذبي جو هجڻ بہ عام آهي جنهن تحت اسان آقاءِ دوجهان حضرت محمد ﷺ جن سان عقيدت ۽ محبت رکون ٿا ۽ ان عقيدت ۽ محبت ۾ اسان ڪڏهن ڪائنات جي ان عظيم هستي جي ثنا ۽ صفت بيان ڪري نہ سگهنداسين بقول هالا جي اڳئين شاعر مير محمد ”ملاح“ جي:

بدليو زمانو جهل جو، جنهن نگاهہ سان
ان جي نگاهہِ نور ۾، نورهديٰ جو شان
مدح محمديﷺ جي نہ ”مادح“ کي ڪا مجال
ڪيئن ٿئي ادا زبان سان رسولِ خدا جو شان.

صاحب جو فون تي اهڙي طرح آواز تيز، گهبرايل ۽ تجسس وارو ٿي ويندو هو، ڄڻ شهر ۾ باهه لڳي ويئي هجي ۽ هو فائر برگيڊ کي اطلاع ڏيئي رهيو هجي يا کنهن اچانک موت جو اطلاع فوتيءَ جي عزيزن تائين پهچائي رهيو هجي، هونئن وڏي صبر و تحمل وارو هو، ڏاڍو تجربيڪار ۽ اونهو، سندس پيري ڏيءُ موت ٿي وئي ته به پنهنجي لهجي ۾ کنهن به گهبراهٽ واري ڪيفيت پيدا ٿيڻ نه ڏنائين. ننڍا وڏا پيا به اهڙا مسئلا زندگيءَ ۾ آيس جيڪي ڪافي گهبراهٽ پيدا ڪري پئي سگهيا، پر هي شخص کنهن به بيقرار نه ٿيو. اها بيقراري، پريشاني ۽ اها هيجاني ڪيفيت رڳو ان مهل ظاهر ٿي پوندي هئي جڏهن ڪو علمي مسئلو يا معاملو سامهون ايندو هو. اها ڪيفيت ان وقت کان اجا به وڌي ويئي هئي جڏهن کان عترت حسين زبيريءَ ايجوڪيشن جي چارج ورتي هئي، بئي هڪجهڙا مذاقي هئا، بئي علم دوست هئا ۽ بئي هر منصب سنا، انڪري سنگتي ٿي ويا هئا، ۽ بئي پاڪستان لاءِ ڪجهه ڪرڻ گهرن پيا ان ڪري زبان ۽ عمل ۾ اهڙي بي چيني لازمي هئي.

مرڪزي سيڪريٽريٽ ۾ فنانس سيڪريٽري جي دروازي تي پٽيوالو منهنجو انتظار ڪري رهيو هو. جيئن ئي مان اندر داخل ٿيس مون ڏٺو ته، هي بئي صاحب هڪ بئي جي آمهون سامهون ويٺا هئا. مون کي ڏسندي ايئن فاتحانه انداز ۾ مُشڪيا، جيئن انهن ڪو وڏو راز معلوم ڪري ورتو هجي يا انهن کي کنهن وڏي ڳجهي خزاني جو راز ملي ويو هجي يا کنهن اهڙي مسئلي کي انهن سُلجهائي ڇڏيو هجي جنهن کي سُلجهائڻ لاءِ، سڄي امت چوڏهن سَوَ سالن کان متا ڪٽ ڪري رهي هئي.

مان جڏهن ڪرسيءَ تي ويٺس ان وقت زبيري صاحب پنهنجي کيسي مان، وڏي احتياط سان هڪڙو لفافو ڪڍيو، زبيري صاحب جڏهن مسڪرائيندو هو تڏهن سندس دلي خوشيءَ جا آثار منهن سان ظاهر ٿي پوندا هئا. سندس پيشاني جا ڪشادي هئي تنهن تي گهنج پئجي ويندا هئا جيڪي ڏاڍا سهڻا ۽ دلڪش محسوس ٿيندا هئا. ڏند ڏاڍا سهڻا هئس، جيئن موتي پوپل هجن. مسڪرائڻ مهل ڏندن جو توازن ۽ جڙاوت ڏسڻ واري کي ڏاڍو متاثر ڪندي هئي.

لفافو ڏيندي جيڪا مشڪ سندس چهري تي ظاهر ٿي، سا مون کي پسند آئي ۽ اجا به جڏهن مان ان جو تصور ڪندو آهيان ته دل جي عجيب حالت ٿي ويندي آهي.

لفافي مان هڪڙو سونو سڪو نڪتو.

"چئو منهنجا سائين!" ممتازحسن ۽ زبيري صاحب جي زبان مان هڪ ئي وقت نڪتو.

"هي ڇا آهي؟"

"واثق بالله جو سڪو آهي!"

"ڪٿان مليو؟"

"پنيور مان!"

اڳتي هلي معلوم ٿيو ته، اهو سونو دينار دنيا ۾ واحد اڪيلو سِڪو آهي. زبيري صاحب ۽ ممتاز حسن لاءِ ان کان وڌيڪ بي ڪهڙي دولت ٿي پئي سگهي؟ بئي خوش هئا.

ان ڪانپوءِ بئي ثقافتي، علمي ۽ڪلچرل تحريڪن ۾ اجا وڌيڪ سرگرم ٿي ويا.

هيءَ به 1958ع جي ئي ڳالهه آهي، صبح جا ڏهه ٿيا هئا، اُهائي فنانس سيڪريٽري واري آفيس، اهو ئي ممتاز حسن ۽ اهوئي عترت حسين زبيري اِجوڪي سلسلي جي هڪ بي وِهڪَ اڳ به ٿي چڪي هئي. اسان سرڪار جي حڪم سان اردو ڊولپمينٽ بورڊ ڪراچيءَ جو بنياد وڌو. ممتاز حسن جي ڪوشش هئي ۽ زبيري صاحب جي تائيد، هڪڙو اسڪيم ناهڻ وارو ۽ بيو بي ڌڙڪ پئسا ڏيڻ وارو، پوءِ ڇو نه اسڪيمون ٺهنديون ۽ ڪيئن نه ڪم ٿيندا. اڄ اردو ڊولپمينٽ بورڊ جي بنيادي ڪميٽيءَ جو بيو اجلاس هو، پلا نه ٿو اچي ته ان وقت مون کان سواءِ ڪهڙا ڪهڙا ميمبر موجود هئا.

ان گڏجاڻي ۾ زبيري صاحب لغت جا اصول ۽ لغت نويسيءَ جي فن ۽ گهُرجن بابت هڪ اعليٰ نوعيت جو علمي مقالو پڙهي اجلاس جو افتتاح ڪيو. مون کي خبر ڪونهي ته مقالي جو ڇا ٿيو، سندس ڪاغذن ۾ اهو آهي به، يا ڪونهي. جيڪڏهن اهو شايع ٿي پوي ته ڇا چئجي. اها وڏي ڪم جي شئي آهي.

ان ئي گڏجاڻيءَ ۾ طئه ٿيو ته، ادارو اردو جي وسيع تاريخي لغت مرتب ڪري، مولوي عبدالحق، باباءِ اردو مرحوم و مغفور، لغت واري ڪم جو

ڏٺو ته عترت حسين زبيري صاحب پڻ ملول آهي. مان تاڙي ويس، پر همت ڪانه ٿي، جو پڇان. مان پاڻ به ڏٺس پئي. جيڪڏهن ڪائي اهڙي تهڙي ڳالهه ٿي، ته خبر ناهي ڇا ٿيندو.

ٻنهي شعر پڙهڻ شروع ڪيا. ٻنهي جي مُنهن جو پنو لهندو پئي ويو، ۽ ممتاز حسن ڪيترا ڀيرا اکيون ڦيري ڳوڙها پڻ اُگهيا.

ڪنهن اسڪيم بابت مون ڳالهه ڪئي، تڏهن مون ڏٺو ته ٻئي دوست معمول موجب گرمجوشيءَ سان ان ڳالهه ڏانهن متوجهه نه ٿيا. هان هُون ڪري ٽارڻ جي ڪري رهيا هئا. بهرحال ڪائي ڳالهه اهڙي هئي جو جواب ڏيڻ کان سواءِ هنن لاءِ ڪو چارو ڪونه هو. ٻئي مجبور هئا. ان مهل راز ظاهر ٿيو ته جناب عترت حسين زبيري عنقريب پنهنجي عهدي کان آجو ٿيڻ وارو آهي انڪري هاڻ هو ڪجهه نه ٿو ڪري سگهي. سمورا ارادا ۽ سيئي پروگرام ختم جنبن ۾ مانار اچي ويئي هئي.

ممتاز حسن جڏهن ڪنهن روحاني تڪليف ۾ مبتلا هوندو هو. ته هڪدم ڪنهن دلي دوست جو گهر ”پناهه گاهه“ طور ڳوليندو هو ۽ اتي ڪجهه گهڙيون ويهي، دل وندرائي، پوءِ هليو ويندو هو. معلوم ٿيو ته ان وقت به زبيري صاحب جي واندي ٿيڻ واري ڳالهه تي سخت روحاني ڪوفت ۽ اذيت ۾ گرفتار هو ۽ ڪيس پناهه جي ضرورت هئي.

ڳالهه به نازڪ ۽ ڏکاري ٿيڻ جهڙي هئي. اجا ته پاڪستان جي علمي ۽ ثقافتي استحڪام ۽ عظمت لاءِ، هي ٻئي شخص جيڪي ڪجهه ڪرڻ وارا هئا، ان جي اجا شروعات ٿي هئي.

زبيري صاحب کي اهو ڏک ڪونه هيو ته، هُو پنهنجي عهدي کان آجو ٿي رهيو آهي. چوندا آهن ته:

پاۓ گدا لنگ نیست، ملک خدا تنگ نیست

علم جو ۽ عمل جو صاحب هو، ڪيس خدا اِها دولت بخشي هئي، جنهن جو نه زوال اچي پئي سگهيو ۽ نه اها ختم ٿيڻ واري هئي. جتي به وڃي ها اتي عزت ماڻي ها. شير جنهن به جهنگ ۾ ويندو آهي اتان پنهنجو شڪار ڪري وٺندو آهي. آخرڪار ٿيو به اِئين. وطن مان نڪتو، ماڻهن سمجهيو غريب الوطن ٿي ويو، پر هو غيرن ۾ ويو ۽ پنهنجن کان وڌيڪ مرتبو ماڻيائين.

عترت حسين زبيريءَ سان منهنجي اها آخري ملاقات هئي. پوءِ هو يورپ هليو ويو ۽ مان منيلا وڃي پهتس. هڪ ٻئي جي خبر نه رهي. هڪ ڀيري ممتاز حسن وٽ، ان جا خط ڏٺم، دوستن جي ياد ۽ وطن جي محبت م ڪئي دلسوز شعر لکيل هئا. ائين پئي معلوم ٿيو جڻ سندس جسم ته، جتي آهي، اتي وڏي آرام ۾ آهي، پر سندس روح بي قرار آهي. دوستن لاءِ ۽ وطن جي خاطر.

هڪ ڏينهن شام جو مان پراڻيون تصويرون ڏسي رهيو هوس. پنيور واري ان سفر ۾ مون جيڪي تصويرون ڪڍيون هيون اهي اڳيان اچي ويون. ”ممتاز حسين“، ”ڊاڪٽر انيمري شيمل“، ”رول ڪوريل“ ۽ ”ڊاڪٽر عترت حسين زبيري“، چپري نما ٽوپي، ڍلو ڍلو انگريزي لباس، ويڪري پيشاني، ڪلمک چهرو، ڪيتري وقت تائين انهن پراڻن يادين ۾ گم رهيس.

ٻئي ڏينهن معلوم ٿيو ته عترت حسين زبيري غريب الوطني مان، هن فاني جهان کان ڪالهه موڪلائي ويو. اِهو اُهو ڏينهن هو جنهن ڏينهن مان سندس تصويرون ڏسي رهيو هوس.

موت برحق آ، هر ڪنهن کي مرڻو آ، هڪڙو موت انفرادي هوندو آهي، هڪڙو موت اهڙو هوندو آهي جيڪو خاندان تي اثر انداز ٿيندو آهي، جنهن جو اثر سڄي قبيلي تي پوندو آهي، پر هڪڙو موت اهڙو به هوندو آهي، جنهن جو اثر اجتماعي زندگي ۽ سڄي معاشري تي پوندو آهي. اهو هڪ عالم جو موت هوندو آهي جنهن سان سڄي قوم کي نقصان پوندو آهي. عترت حسين زبيريءَ جو موت فرد جو موت ڪونهي، هي موت اهو ڪونهي جنهن جو اثر رڳو خاندان تي پوي يا قبيلو متاثر ٿيو هجي، هي اهو موت آهي جيڪو سڄي ملڪ ۽ سموري قوم لاءِ نقصان جو ڪارڻ ٿيو.

عترت حسين زبيري هر روز قوم ۾ پيدا ڪونه ٿيندا آهن. قومن کي اهڙن فردن جي وڃڻ ڪري جيڪو نقصان پوندو آهي، ان جو احساس تمام دير سان ٿيندو آهي، پر ان احساس جا اثر عارضي نه، مستقل هوندا آهن، زخم جڏهن ٽٽو ٿيندو آهي تڏهن اُن جي سور ۾ وڌيڪ شدت ايندي آهي.

◙

ڊاڪٽر ممتاز بخاري هالائي

# مخدوم محمد صالح ڀٽي- هالا پراڻا جو گوهر

## تعارف:

اسان جي سڪي سنڌ ديس علم ۽ ادب تهذيب ۽ تمدن ، پيار ۽ پريت ، محبت ۽ مروت جو بحر بيڪران آهي. هن جي سهڻي ۽ سُندر ڌرتي اهڙن هيرن ۽ جواهرن جي هڪ اڻ کٽ کاڻ آهي، جنهن مان صدين کان سوين املهه ماڻڪ موتي نروار ٿيندا رهيا آهن. جن جي چمڪ سنڌ واسين جي سينن کي جرڪائي ڇڏيو. اهڙن ئي سالڪن اڳتي وڌي پنهنجي ديس واسين ۽ پنهنجي ٻولي توڙي علم ادب جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ پنهنجو پاڻ پتوڙيو. انهن سانگيئڙن پنهنجي سگهه ۽ سياڻپ سان هن ڌرتي تي انسانيت جي ارتقائي تاريخ جي اوسر ۾ جيڪي ڪارناما سر انجام ڏنا آهن، انهن جي قدر ۽ قيمت جو ڪوبه ڪاٿو ڪٿي نه سگهبو. اهڙن عالمن ۽ فاضلن، سياڻن ۽ سمجهدارن مان سنڌي علم ادب جو سچو خدمتگار مخدوم محمد صالح ڀٽي به پنهنجي مٽ پاڻ هو. هيءُ سنڌ جو سپوت انيڪ خوبين جو مالڪ ۽ درد دل رکندڙ انسان هو. هن پنهنجي ڏاتار جي ڏنل ڏات پٽاندڙ سنڌي ٻولي توڙي سنڌي علم ادب انسان پنهنجي حياتي جي مقصد کي سمجهڻ کان پوءِ هڪ پل به غفلت ۾ نه گذاريو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو سندس نالو تاريخ پنهنجي سيني ۾ سموهي ڇڏيو آهي.

## ولادت:

سنڌ سونهاري جي سٺي سالڪ مخدوم محمد صالح ڀٽي ولد مخدوم محمد ابراهيم ڀٽي جي ولادت بتاريخ 25 سيپٽمبر 1887ع مطابق 7 محرم الحرام 1305 هه تي هالا پراڻا ۾ ٿي. سندس والد بزرگوار مخدوم محمد ابراهيم ڀٽي وقت جو هڪ نيڪدل ۽ شريف نفس انسان ۽ ديني علم جو وڏو ماهر ليکيو ويندو هو، جنهن پنهنجي فرزند جي ننڍپڻ کان ئي اهڙي تربيت ڪئي جنهن اڳتي هلي پنهنجو نالو نروار ڪيو. سندس ڪيل خدمتون روز روشن جيان آهن. سندس زندگي جي ڪمن جي ڪارڪردگيءَ جو عڪس سندس ماضي جي آئيني ۾ جهاتي پائڻ سان ظاهر ٿئي ٿو، ان کان ڪوبه ذي هوش انسان انڪار ڪري نٿو سگهي.

## حسب نسب:

مخدوم صاحب جو نسب ستين پيڙهي ۾ بزرگ مخدوم عبدالله سان لڳي ٿو. اهو صاحب جيسليمر جي راجپوت راجائن مان هو، ۽ سندس اصل نالو "ارجن" هو، اهو صاحب 625هه ۾ غوث بهاوالحق زڪريا ملتانيءَ جي هٿ تي مسلمان ٿيو هو. ان خاندان جو تعلق سري رامچند سان آهي. هن نو مسلم خاندان سنڌ ۾ اسلامي تبليغ ۽ طريقت جي تلقين ۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت لاءِ ڪافي ڪم ڪيو. سارو خاندان لڳاتار ستين صدين تائين عالم ۽ عارف ، اهل الله ۽ صاحب باطن ماڻهو پيدا ڪندو رهيو. ٽڙ جا نڪر ۽ پير پٿورو به هن ئي خاندان جا مريد آهن. سندن عالي نسب اڳتي وڌي خدا جي پياري پيغمبر آدم ثاني حضرت نوح عليه سان لڳي ٿو.

هن خاندان تي الله تعاليٰ جو فيض عام رهيو. هڪ روايت مطابق حضرت شيخ الاسلام غوث پاڪ ملتاني مخدوم عبدالله کي فرمايو ته: "تنهنجي اولاد مان انن پيڙهين کي جيڪو روبرو يا خواب ۾ ڏسندو، تنهن تي دوزخ جي باهه حرام آهي." ۽ سندس اولاد جي حق ۾ ايمان جي سلامتيءَ لاءِ دُعا پڻ ٿيل آهي. انين پيڙهي مخدوم عمر ولد مخدوم عبدالحميد سان وڃي لڳي ٿي. جنهن 1097هه ۾ وفات ڪئي. تحقيق خاندان الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي دين جي بي بها خدمتون سر انجام ڏنيون.

## تعليم ۽ تربيت:

مخدوم محمد صالح ڀٽي پرائمري جا چار درجا پنهنجي ڳوٺ هالا پراڻا ۾ پاس ڪري انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ 1902ع ۾ سنڌ مدرسة الاسلام




سنڌي لئنگويج اٿارٽي ۾ تاريخ 21 آڪٽوبر 2012ع تي ڊاڪٽر نذير حسين حيدري اڪيڊمي بدين پاران شمشير الحيدريءَ بابت ڇپايل ڪتاب "موليٰ تي ننگ" جي مهورت جي موقعي تي محترم انيس سليم، محترم اظهر حيدري، محترم ظهير حسين حيدري، محترمه رومانه مغل، محترمه نسيم حيدري ۽ محترم فتح علي نظر اچي رهيا آهن.



"موليٰ تي ننگ" ڪتاب جي مهورت جي موقعي تي اسٽيج تي ويٺل محترم حميد سنڌي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، محترمه مهتاب اڪبر راشدي، محترم زهير حسين حيدري ۽ محترمه نسيم حيدري.

# عوامي شاعر اُستاد بخاريءَ جي 20هين ورسيءَ جي تقريب جون تصويري جهلڪيون




عوامي شاعر أستاد بخاريءَ جي 20هين ورسي 9- آڪٽوبر 2012ع تي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال دادو ۾ ملهائي وئي،
ان موقعي تي محترم تاج جويو، ڊاڪٽر فهميده حسين، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري، محترم جامي چانڊيو ۽
ٻيا اسٽيج تي نظر اچي رهيا آهن



پروفيسر قلندر شاهه لڪياري، محترم جامي چانڊيو، ميڊم فهميده حسين، محترم پرهه سڪينه گاد،
،محترم تاج جويو، محترم الطاف بخاري، محترم خليل عارف سومرو، محترم تابش بخاري ۽
محترم مجتبيٰ ملاح، استاد بخاريءَ جي 20هين ورسيءَ کي خطاب ڪندي

